ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 24 مارچ 2026ع 04 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (218)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم پاران سرڪاري گاڏين ۾ هاءِ آڪٽين تيل جي استعمال تي پابندي، خلاف ورزي ڪندڙن خلاف ڪارروائي جو حڪم

وزيراعظم، هاءِ آڪٽين ٻارڻ تي پيٽروليم ليوي ۾ اضافي جي فيصلي جي تسلسل ۾، هڪ ٻيو اهم فيصلو ڪندي سرڪاري گاڏين ۾ هاءِ آڪٽين ٻارڻ جي استعمال تي پابندي لڳائي ڇڏي

جيڪڏهن ڪنهن به سرڪاري کاتي جي گاڏي ۾ هاءِ آڪٽين ٻارڻ جو استعمال ٿيو آهي، ته استعمال ڪندڙ پنهنجي ذاتي کيسي مان خرچ ڪري سگهي ٿو، ٻي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪفايت شعاري جي پاليسي تي سختي سان عمل ڪندي غير ضروري خرچن ۾ گهٽتائي اڄ وقت جي اهم ضرورت آهي، انهن قدمن سان سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ايندي: وزيراعظم شهباز شريف

سڀئي وفاقي کاتا، اختياريون ۽ ماتحت ادارا هن فيصلي تي فوري ۽ مڪمل عمل درآمد کي يقيني بڻائين، پهرين سرڪاري گاڏين لاءِ ٻارڻ تي 50 سيڪڙو ڪٽوتي پهرين ئي لاڳو ٿي چڪي

عوامي وسيلن جو بهتر استعمال ممڪن ٿيندو، هن فيصلي جي نگراني لاءِ موثر نظام تيار ڪيو رهيو ۽ خلاف ورزي جي صورت ۾ سخت ڪارروائي ڪئي رهي: وزيراعظم جون اختيارين کي هدايتون

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سرڪاري گاڏين ۾ هاءِ آڪٽين ٻارڻ جي استعمال تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي، جنهن تي فوري طور تي عمل ڪيو ويندو. هن فيصلي جو مقصد قومي وسيلن جي اثرائتي ۽ ذميواراڻي استعمال کي يقيني بڻائڻ آهي. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

لنڊن ۾ يهودي تنظيم جي ايمبولينسن تي حملو

هڪ يهودي فلاحي تنظيم جي چئن ايمبولينسن کي باهه ڏني وئي

برطانوي وزيراعظم جو واقعي تي افسوس، يهودي برادري سان همدردي جو اظهار

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) برطانوي تخت گاهه لنڊن ۾ سومر جي صبح هڪ يهودي فلاحي تنظيم جي چئن ايمبولينسن کي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ٻوڏن ۾ تباهه ٿيل 19,808 اسڪولن مان 5,314 اسڪولن جي ٻيهر تعمير ۽ بحالي شروع

2,268 مڪمل طور تي تباهه ٿيل ۽ 3,197 جزوي طور متاثر اسڪول شامل آهن باقي 14,343 اسڪول اڃا بحالي جا منتظر آهن: وڏو وزير

5,369 اسڪول وڏين تعميراتي رٿائن ۾ شامل ڪيا ويا آهن، جن جي لاڳت 167 ارب رپيا آهي، جن مان 63.95 ارب رپيا خرچ ٿي چڪا آهن

مينٽيننس ۽ مرمت پروگرام 23-2022ع ۽ 25-2024ع تحت 938 اسڪولن جي بحالي ڪاميابي سان ڪئي وئي ۽ اهي سڀ مڪمل ٿي چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سال 2022ع واري تباهي مچائيندڙ ٻوڏ ۾ صوبي جا 19,808 اسڪول متاثر ٿيا، پر صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن سميت ترقياتي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

وزيراعظم سان قومي غذائي تحفظ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين جي ملاقات، کاڌي پيتي جي شين جي برآمدات بابت آگاهي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قومي غذائي تحفظ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين ملاقات ڪئي. ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف راڻا تنوير حسين کي عيدالفطر جي مبارڪباد ڏني. ملاقات

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ايران پاران اسرائيل تي ڪلسٽر ميزائلن جي برسات، آمريڪا کي وارننگ، آبناءِ هرمز مڪمل طور بند ڪرڻ جو اعلان

ايران سان مثبت ڳالهين جي دعويٰ، آمريڪي صدر پاران توانائي مرڪزن تي حملا 5 ڏينهن لاءِ ملتوي ڪرڻ جو حڪم

مون کي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ گذريل 2 ڏينهن دوران هاڪاري ۽ نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون ٿيون آهن، جنهن جو مقصد وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ جو مڪمل ۽ حتمي حل ڳولڻ آهي

تفصيلي ۽ تعميري ڳالهين کي نظر ۾ رکندي مون جنگ واري کاتي کي هدايت ڏني آهي ته ايران جي بجلي گهرن ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي خلاف ڪنهن به فوجي ڪارروائي کي 5 ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو وڃي

اهو فيصلو جاري ملاقاتن ۽ ڳالهين جي ڪاميابي سان مشروط هوندو، هن وڌيڪ چيو ته ايراني اختيارين سان ڳالهيون سڄو هفتو جاري رهنديون؛ ايران جي آمريڪي توانائي هنڌن کي نشانو بڻائڻ جي اعلان بعد ڏنل بيان

ايران طرفان سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجي اڏي ۽ بحرين ۾ آمريڪي بحري ٻيڙن تي حملن جي دعويٰ، اسرائيل تي ڪلسٽر ميزائلن سان نوان حملا، آمريڪا ۽ اسرائيل کي بجلي جي نظام ۽ آبناءِ هرمز بند ڪرڻ جي وارننگ

سعودي عرب ۾ پرنس سلطان ايئربيس کي نشانو بڻايو ويو، جيڪو آمريڪي فوجي سرگرمين جو اهم مرڪز آهي، ايئربيس تي آمريڪي جاسوس جهازن کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻايو ويو: خاتم الانبياءِ هيڊڪوارٽر جو ترجمان

واشنگٽن/تهران/تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ گذريل ٻن ڏينهن دوران نهايت هاڪاري ۽ نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون ٿيون آهن. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ”مون کي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ گذريل 2 ڏينهن دوران هاڪاري ۽ نتيجا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جي ايراني صدر سان ڳالهه ٻولهه، سفارتڪاري طرف واپس اچڻ تي زور ڀريو

وزيراعظم شهباز شريف ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ عيد جون پڻ مبارڪون ڏنيون

وزيراعظم بطور پاڙيسري ۽ برادر ملڪ جاري ڇڪتاڻ جي ڏس ۾ بهادر ايراني عوام سان پاڪستان جي يڪجهتي جو اظهار

ايراني قيادت کي وزيراعظم يقين ڏياريو ته پاڪستان خطي ۾ امن جي فروغ جي لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف نار ۾ جاري خطرناڪ صورتحال تي ڳهري ڳڻتي ۽ ايراني عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي سنگين صورتحال جي ڏس ۾ سمورن پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڀارت پاران گڏيل آبي وسيلن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ تي سخت ڳڻتي آهي: صدر آصف زرداري

ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي معطلي ۽ هائيڊرولاجيڪل ڊيٽا جي شيئرنگ ۾ رڪاوٽون وجهڻ وارو عمل مذمت جوڳو آهي

سنڌ طاس معاهدو خطي ۾ پاڻي جي منصفاڻي ورهاست جو ضامن آهي ۽ پاڪستان ان تي مڪمل عملدرآمد جو مطالبو ڪري ٿو

صاف پاڻي ۽ نيڪال جي سهولت هر شهري جو بنيادي حق آهي، موسمي تبديلين ۽ وڌندڙ آبادي سبب آبي وسيلن تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صدر آصف علي زرداري پاڻي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڀارت پاران گڏيل آبي وسيلن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ واري عمل تي سخت ڳڻتي جو اظهار

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو ترڪ وزير سان رابطو، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

آمريڪي صدر پاران جنگ جي عارضي خاتمي جو پڻ ذڪر ڪيو ويو

امن استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ مسلسل سفارتي رابطن تي زور ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان خطي جي بدلجندڙ صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بيگم نصرت ڀٽو جي جمهوريت لاءِ ڪيل خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته ڏکين حالتن ۾ بيگم نصرت ڀٽو جي اڳواڻي قوم لاءِ مشعل راهه آهي. سينيٽ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

23 مارچ اميد، اتحاد ۽ برصغير جي مسلمانن جي عزم جي علامت آهي: بلاول ڀٽو

اسان کي جمهوريت، مساوات ۽ سماجي انصاف جي اصولن جي تجديد عهد ڪرڻي پوندي

قرارداد پاڪستان ۾ اسان جي بزرگن آزادي، وقار ۽ انصاف جو خواب ڏٺو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قوم کي يوم پاڪستان جي موقعي تي دلي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته 23 مارچ رڳو هڪ تاريخ ناهي پر اها اميد،

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

مادر جمهوريت انتهائي مشڪل حالتن ۾ به ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو: فريال ٽالپر

پ پ کي مضبوط بڻائڻ ۾ سندن ڪردار ايندڙ نسلن لاءِ پڻ رهنمائي جو ذريعو آهي

پاڻ پاڪستان ۾ جمهوريت پسند قوتن لاءِ اميد جي هڪ روشن ڪرڻ پڻ هيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي شعبه خواتين جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي سالگرهه جي موقعي تي کين خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته بيگم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران ڪڻڪ جي گودامن جي فوميگيشن شروع ڪرڻ جي هدايت

انهن آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪئي وڃي جن کي حڪومت سبسڊي ڏني هئي

13 لک ٽن کان وڌيڪ ڪڻڪ جي ذخيري مان وڏو حصو مارڪيٽ ۾ جاري ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته فوري طور گودامن جي فوميگيشن (جراثيم ڪشي) شروع ڪئي وڃي ۽ نئين ڪڻڪ جي فصل جي خريداري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

مان قوم جي باباءِ قوم ۽ نواز شريف جي پارٽي سان تعلق رکان ٿو: نهال هاشمي

سياست ۾ انتشار پکيڙڻ نه پر پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي

سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي حق ۾ پهرين قرارداد منظور ڪئي، الله هن صوبي کي وڌيڪ ترقي ڏئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قائداعظم جي مزار تي ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي چيو ته بزرگن جو رکيل بنياد اسان جي منزل لاءِ رهنمائي آهي، پاڪستان کي معاشي ۽ سياسي استحڪام ڏنو وڃي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آمريڪا گوڏا کوڙي ڇڏيا، ايران سان ملاقات جي درخواست ڪري ڇڏي

ايران جي پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف سان ملاقات جي درخواست ڪئي وئي

سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل ڪو جواب نه ڏنو ۽ نه ان بابت ڪو فيصلو ڪيو

واشنگٽن (م ر) ايران جي ڀرپور دفاعي ڪارروائين بعد آمريڪا گوڏا کوڙيندي ايران جي قيادت سان ملاقات جي درخواست ڪري ڇڏي آهي. ايراني سينيئر عهديدار موجب آمريڪا ايران جي پارليامينٽ جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وچ اوڀر ۾ جنگ ڊگهي عرصي تائين جاري رهي سگهي ٿي: برطانوي وزيراعظم

جنگ جي فوري ۽ جلد خاتمي جي اميد تي ڀاڙي نٿو سگهجي: ڪيئر اسٽارمر

حڪومت جي ترجيح آهي ته توانائي بحران کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي

لنڊن (م ر) برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر چيو آهي ته وچ اوڀر ۾ هلندڙ جنگ ڊگهي عرصي تائين جاري رهي سگهي ٿي، اسان کي ان حساب سان منصوبابندي ڪرڻي پوندي. برطانوي ميڊيا موجب وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر جو وڌيڪ چوڻ هو ته جنگ جي فوري ۽ جلد خاتمي جي اميد

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2


لاڙڪاڻو: صدر آصف زرداري سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب ۽ وفاقي پيٽروليم وارو وزير علي پرويز ملڪ ملاقات ڪري رهيا آهن پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر، وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه پڻ موجود آهن

ننڍي ٻار کي به خبر هئي ته گذريل اليڪشن نه پر سليڪشن هئي: پير پاڳارو

مونکي اليڪشن کان اڳ ٻڌايو ويو ته پلي توهان ڪامياب ٿيو پر توهان جا فلاڻا فلاڻا ماڻهو ڪامياب نه ٿيندا

جي ڊي اي ڇڏي ويندڙن جي پ پ جي ليڊرن عزت ڏني هاڻ انهن جي فون به اٽينڊ نه ٿا ڪن

عباسي برادري جي سردار معظم خان عباسي جو ٿورائتو آهيان مون سان گڏ ٿيو آهي جيڪو حال هوندو ان سان گڏ هوندس

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) پيرگوٺ ۾ حر جماعت جي روحاني پيشوا پير پاڳاري جي شهرين ۽ پارٽي اڳواڻن سان عيد ملن پارٽي سردار معظم خان عباسي جي ف ليگ ۾ باضابطه طور شموليت. گذريل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

خيرپور: جي ڊي اي اڳواڻ معظم عباسي فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري رهيو آهي

آمريڪي پاليسيون امن لاءِ خطرو پيدا ڪري سگهن ٿيون: روس

وچ اوڀر ۾ طاقت جي زور تي معاهدا نٿا مڙهي سگهجن: سرگئي لاروف

آمريڪا جي پاليسين ۾ رڳو پنهنجي مفادن کي ترجيح ڏني پئي وڃي

ماسڪو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) روسي پرڏيهي وزير سرگئي لاروف چيو آهي ته وچ اوڀر ۾ طاقت جي زور تي معاهدا نٿا مڙهي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

23 مارچ 1940ع جي قرارداد برصغير جي مسلمانن لاءِ هڪ الڳ وطن جو تصور ڏنو: سردار رحيم

حر جماعت هميشه ملڪ جي سرحدن جي تحفظ ۽ قومي سلامتي لاءِ چوڪس ۽ تيار رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول جون قيمتون گهٽجي ويون، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ پڻ تيزي، ڊالر سگهارو

آمريڪي صدر طرفان ايران سان مثبت ڳالهين ۽ وڌيڪ حملا ملتوي ڪرڻ جي اعلان بعد عالمي منڊين تي مثبت اثر

صدر ٽرمپ جي بيان بعد اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ تيزي رڪارڊ ڪئي وئي، تيل جي قيمتن ۾ پڻ نمايان گهٽتائي ٿي

هڪ موقعي تي في بيرل تيل جي قيمت 96 ڊالر رڪارڊ ڪئي وئي، ڪچي تيل جي قيمت 88 ڊالر في بيرل تائين پهچي وئي

واشنگٽن (م ر) آمريڪي صدر طرفان ايران سان مثبت ڳالهين ۽ وڌيڪ حملا ملتوي ڪرڻ جي اعلان بعد عالمي منڊين تي به مثبت اثر پيا آهن. صدر ٽرمپ جي بيان بعد اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ تيزي رڪارڊ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

نئين دهلي، لنڊن،ابوظهبي،دبئي ۽ سنگاپور ۾ پاڪستان جا سفارتڪار يوم پاڪستان جي موقعي تي سفارتخانن ۾ قومي جهنڊو جهولاءِ رهيا آهن

يوم پاڪستان جي موقعي تي وفاقي ۽ صوبائي گادي وارن هنڌن ۾ توپن جي سلامي

سڄي ملڪ ۾ يوم پاڪستان نهايت جوش، جذبي ۽ يڪجهتي سان ملهايو ويو

پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ وڌيڪ محنت، اتحاد ۽ قرباني جو مظاهرو ڪيو ويو

ملڪي سلامتي، ترقي، خوشحالي ۽ يڪجهتيءَ سان شهيدن جي درجن جي بلنديءَ لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

ملڪ جي 86هين يوم پاڪستان جي موقعي تي وفاقي ۽ صوبائي گادي وارن هنڌن ۾ توپن جي سلامتي ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ يوم پاڪستان نهايت جوش، جذبي ۽ يڪجهتيءَ سان ملهايو ويو. قوم ان عزم جي تجديد ڪري رهي آهي ته پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنگاپور ۾ پاڪستان جو 86هون يوم پاڪستان ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سنگاپور ۾ پاڪستان جو 86هون يوم پاڪستان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

يوم پاڪستان نئين سر عهد ۽ عزم استحڪام جي علامت آهي: طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارليامينٽري معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري يوم پاڪستان جي حوالي سان پنهنجي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پاڪستان لکين قربانين ۽ جدوجهد جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو: گيانچند ايسراڻي

اسان کي قومي اتحاد، ڀائيچاري ۽ باهمي احترام کي فروغ ڏيڻ جو عهد ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي يوم پاڪستان جي موقعي تي قوم کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪري ٿو 23 مارچ قومي تاريخ جو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

گورنر سان شهر جي اهم ڪاروباري، سماجي ۽ سياسي شخصيتن جي ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان عيد جي ٻئي ڏينهن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: صدر آصف زرداري نئون ديرو ۾ قومي جهنڊو ڦرڪائي رهيو آهي

اڳوڻي خاتون اول نصرت ڀٽو جي سالگرهه ملهائي وئي

نصرت ڀٽو 1929ع ۾ ايران جي شهر اصفهان ۾ پيدا ٿي

1947ع ۾ پاڪستان جي قيام کان اڳ ڪراچي منتقل ٿي هئي

پ پ سميت سياسي پارٽين طرفان ڪيس ڀرپور انداز ۾ خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي سربراهه، وفاقي وزير ۽ اڳوڻي خاتون اول نصرت ڀٽو جي سالگرهه گذريل ڏينهن ملهائي وئي. نصرت ڀٽو 1929ع ۾ ايران جي شهر اصفهان ۾ پيدا

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

بيگم نصرت ڀٽو جمهوريت تي اڻ ٽٽ يقين، جرئت ۽ قرباني جي لازوال علامت آهن: بلاول

سندن قربانيون قوم جي ضمير ۾ هميشه زنده رهنديون، جيڪي ثابت قدمي جي علامت آهن

سندن ميراث اڄ به جمهوريت، انساني حقن ۽ آئين جي بالادستي جي جدوجهد ۾ مشعل راهه آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي يوم پيدائش جي موقعي تي کين زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته بيگم

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

1940ع جي قرارداد لاهور مسلمانن کي آزادي جي هڪ نئين راهه ڏيکاري: ناصر شاهه

پاڪستان جي قيام جو مقصد هڪ مضبوط، جديد اسلامي فلاحي رياست جو قيام هو

خوابن جي تعبير لاءِ اڄ به مسلسل محنت، جدوجهد ۽ پختي عزم جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير بلديات ناصر حسين شاهه يوم پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ قوم کي 86هون يوم پاڪستان مبارڪباد پيش ڪئي آهي. هن چيو ته 23 مارچ برصغير

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو شهيدن جي مزارن تي حاضري ڏني

هنن عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مزارن تي فاتحه ڪئي

بيگم نصرت ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خصوصي هيليڪاپٽر ذريعي شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀرڻ لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهتا جتي هنن قائد

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي خدابخش: صدر آصف زرداري، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد راڻي جي مزار تي گل رکي رهيا آهن، ٻي طرف دعا گهري رهيا آهن

ڪراچي جي بلال ڪالوني ۾ هڪ گهر مان مڙس ۽ زال جا لاش هٿ آيا

ٻه کان ٽي ڏينهن پراڻن لاشن جي سڃاڻپ مهاجبين ۽ نور محمد جي نالن سان ٿي آهي

هڪ ڪمري مان عورت جو ۽ گهر جي ڇت تان مرد جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ضلعي سينٽرل جي علائقي بلال ڪالوني ۾ هڪ گهر مان مڙس ۽ زال جا لاش هٿ آيا آهن. ريسڪيو ذريعن موجب ٻنهي لاشن کي بلال ڪالوني ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مرد ۽ عورت قتل، هڪ جوابدار گرفتار

گرفتار ٿيل عرفان مقتولا جو مڙس جڏهن ته وحيد سندس ڏير آهي

مقتولا جي سڃاڻپ عبدان ۽ مقتول مرد جي سڃاڻپ صدر عرف شير دل طور ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پينس ڪالوني لڳ سڪح ٿاڻي جي حد قاسم ٽائون ۾ مرد ۽ عورت جي قتل جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ ٻن ڀائرن سميت 3 ڄڻا زخمي

زخمين ۾ 7 ورهين جو راحيل، 14 ورهين جو شهادت حسين ۽ 20 ورهين جو احد شامل

زخمين کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي نارٿ ناظم آباد جي واحد ڪالوني ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ ٻن ڀائرن سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. ريسڪيو اختيارين موجب زخمين ۾ 7 ورهين جو راحيل ولد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ۽ گورنر يوم پاڪستان جي موقعي تي مزار قائد تي حاضري ڀري

پاڪستان پنهنجي قيام کان پوءِ ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيندي به اڳتي وڌندو رهيو آهي: وڏو وزير

پاڪستان صدر آصف زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي اڳواڻيءَ ۾ مضبوط بيٺل ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت هيٺ هٿياربند فوجون چوڪس آهن

جنگ ڪنهن جي به فائدي ۾ ناهي، اسان امن لاءِ دعاگو آهيون ۽ مسلم اڳواڻن کي ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

سنڌ حڪومت صوبي جي آئيني حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندي ۽ قومي مفاد ۾ فيصلا ڪندي ۽ صوبي جي حقن تي ڪو به ڌاڪو نه ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏهاڙي يوم پاڪستان جي موقعي تي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مزار قائد جو دورو ڪيو. مزار تي پهچڻ تي وڏي وزير جو سنڌ ڪابينا ميمبرن، چيف سيڪريٽري، آءِ جي پوليس ۽ ڪمشنر ڪراچي طرفان ڀرپور آڌرڀاءُ ڪيو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: يوم پاڪستان جي موقعي تي گورنر نهال هاشمي، وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ ٻيا مزار قائد تي حاضري بعد دعا گهري رهيا آهن

مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي جمهوريت لاءِ جدوجهد پاڪستاني سياست جو روشن باب آهي: ضياءِ الحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير داخلا ضياءِ الحسن لنجار چيو آهي ته مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي جمهوريت لاءِ جدوجهد پاڪستاني سياست جو روشن باب آهي. بيگم نصرت ڀٽو آمريت جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف لاهور ۾ قومي ڏهاڙي تي مکيه جهنڊو ڦڙڪائڻ واري تقريب ۾ شريڪ

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سومر ڏينهن لاهور ۾ پاڪستان جي ڏهاڙي جي موقعي تي مکيه جهنڊو ڦڙڪائڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي. وزيراعظم هڪ سادي پر باوقار تقريب ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

بيگم نصرت ڀٽو آمريت خلاف جيڪا جدوجهد ڪئي، اها تاريخ جو سنهري باب آهي: سعديه جاويد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي يوم پيدائش جي موقعي تي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته بيگم نصرت ڀٽو آمريت خلاف جيڪا جدوجهد ڪئي اها تاريخ جو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ ناميارو ڪهاڻيڪار، محقق ۽ نقاد ڊاڪٽر احسان دانش سان رهاڻ

احسان هڪ حساس دل ڪهاڻيڪار آهي ۽ هن جون مختصر ڪهاڻيون به دل ۾ چڀن ٿيون

هڪ ليکڪ جي قلم مان لکيل هر لفظ ان جي پڙهندڙ جي امانت هوندو آهي

احسان وٽ ڪمال جي سهپ، بردباري ۽ سنجيدگي آهي: فياض لطيف، مختيار سمي ۽ ٻين جو خطاب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڪهاڻي اڄ به جيئري آهي ۽ جيسيستائين ماڻهو جيئرو آهي تيستائين ڪهاڻي به جيئري رهندي. ماڻهو مري ويندا آهن پر ڪهاڻيون زنده رهنديون آهن. سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ ماروي ملڪ جي جنازي نماز

گورنر، شرجيل ميمڻ، سعيد غني، وقار مهدي، رضا رباني ۽ ٻين جي شرڪت

مرحوم جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ، ملڪ جون اهم شخصيتون ڏکي تي پهتيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ ماروي ملڪ جي جنازي نماز ڪالهه ٿي گذري جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير سعيد غني، وقار مهدي، رضا رباني ۽ ٻين شرڪت ڪئي. گورنر سنڌ محمد نهال

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي، گورنر نهال هاشمي، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سعيد غني، وقار مهدي، رضا رباني ۽ ٻيا شريڪ آهن، ٻي طرف گورنر شيري رحمان سان ڏک ونڊي رهيو آهي

ڪراچي: گورنر ڪي پي ڪي فيصل ڪنڊي گورنر سنڌ نهال هاشمي کي گلدستو ڏئي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ

ڪورنگي جي گهر مان ڦندو ٻڌل 40 سالن جي زرگر خان جو لاش مليو

گوليمار ۾ 27 سالن جي نامعلوم شخص جو هٿ پير ٻڌل گولي لڳل لاش هٿ

ڪورنگي اڍائي نمبر ماڊل پارڪ لڳ فائرنگ ۾ فاروق ولد گوهر زخمي ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن مان ڌار ڌار واقعن ۾ ٻن ڄڻن جا لاش هٿ، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو. ڪورنگي جي علائقي مهراڻ ٽائون سيڪٽر 6 E گهٽي نمبر 6 جي ويجهو گهر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

لياري ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ پوليس اهلڪار عبدالله زخمي

پوليس اهلڪار عبدالله بغدادي ٿاڻي ۾ مقرر هو ۽ ڊيوٽي ختم ڪري گهر وڃي رهيو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي لياري ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ پوليس اهلڪار عبدالله زخمي ٿي پيو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪار عبدالله بغدادي ٿاڻي ۾ مقرر هو ۽ ڊيوٽي ختم

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي گل پلازا ۾ ٻيهر لڳل باهه تي ڪنٽرول ڪيو ويو

فائر برگيڊ جي پنجن گاڏين باهه وسائڻ ۾ حصو ورتو، هڪ ڄڻو فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گل پلازا ۾ ٻيهر لڳل آگ تي ڪنٽرول حاصل ڪيو ويو آهي. فائر برگيڊ جي پنجن گاڏين باهه وسائڻ ۾ حصو ورتو جنهن کان پوءِ بلڊنگ جي مڪمل سرچنگ ڪئي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر زرداري سان وفاقي وزيرن جي نئين ديري هائوس ۾ ملاقات، ملڪي صورتحال تي ڳالهيون

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، وفاقي وزير خزانه محمد اورنگزيب، پيٽروليم مصنوعات جو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ پهتا

بلاول ڀٽو زرداري، سيد مراد علي شاهه، ايم پي اي فريال ٽالپر، صوبائي وزير سيد ناصر شاهه ۽ ٻيا موجود رهيا

وفاقي گهرو وزير صدر کي ملڪ ۾ دهشتگردي خلاف جاري ڪارروائين ۽ سرحدي سلامتي جي صورتحال بابت آگاهه ڪيو

صورتحال کي نظر ۾ رکندي معاشي پاليسين ۾ عوامي رليف کي ترجيح ڏني وڃي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن جو بار گهٽ کان گهٽ رکيو وڃي: صدر

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان نئون ديرو صدارتي هائوس ۾ عيدالفطر جي ٽئين به ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. ان سلسلي ۾ وفاقي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

يوم پاڪستان جي موقعي تي نئون ديرو صدارتي هائوس ۾ تقريب

صدر پرچم ڪشائي ڪري پاڪستان جي قومي جهنڊي کي بلند ڪيو

پوليس سلامي پيش ڪئي ۽ قومي ترانو پيش ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) 23 مارچ يوم پاڪستان جي موقعي تي نئون ديرو صدارتي هائوس ۾ تقريب ڪوٺائي وئي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ سان خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر هائوس

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن پاران ريلي

ريلي دوران ”پاڪستان زنده آباد“ ۽ ”عمران خان پائنده آباد“ جا نعرا هنيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن پاران 23 مارچ يوم پاڪستان جي مناسبت سان الله واري چوڪ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽينڪر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نامعلوم ٻار ۽ مرد فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اختر ڪالوني سگنل جي ويجهو تيز رفتار

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

يوم پاڪستان خدمت، قومي اتحاد ۽ قرباني کي تازو ڪرڻ جو ڏينهن آهي: شرجيل ميمڻ

ته هي اهو ڏينهن آهي جڏهن قائداعظم ۽ ٻين عظيم اڳواڻن مسلمانن لاءِ هڪ الڳ، آزاد ۽ خودمختيار وطن جو بنياد وڌو

اڄ جو ڏينهن پاڪستان کي درپيش چئلينجن جي مقابلي ۾ متحد ٿي جدوجهد جي عزم کي ٻيهر زنده ڪرڻ جو ڏينهن آهي

مضبوط، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ اختلافن کان بالاتر ٿي هڪجهڙائي جو مظاهرو ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ يوم پاڪستان جي تاريخي ڏينهن تي پاڪستان جي عوام کي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: صدر آصف زرداري سان نواب امير بخش خان ڀٽو ملاقات ڪري رهيو آهي

مادر جمهوريت جي بهادري ۽ استقامت جمهوري جدوجهد کي نئين قوت ڏني: سيد مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته مادر جمهوريت

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 ملتوي ڪرڻ

ڊينڊ ڳالهيون ٿيون آهن، جنهن جو مقصد وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ جو مڪمل ۽ حتمي حل ڳولڻ آهي. ٽرمپ چيو ته انهن گهري، تفصيلي ۽ تعميري ڳالهين کي نظر ۾ رکندي مون جنگ واري کاتي کي هدايت ڏني آهي ته ايران جي بجلي گهرن ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي خلاف ڪنهن به فوجي ڪارروائي کي 5 ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو وڃي. آمريڪي صدر چيو ته اهو فيصلو جاري ملاقاتن ۽ ڳالهين جي ڪاميابي سان مشروط هوندو. هن وڌيڪ چيو ته ايراني اختيارين سان ڳالهيون سڄو هفتو جاري رهنديون. واضح رهي ته ٽرمپ آبناءِ هرمز 48 ڪلاڪن ۾ کولڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. ٽرمپ چيو هو ته جيڪڏهن 48 ڪلاڪن ۾ آبناءِ هرمز نه کلي ته ايراني پاور پلانٽن تي حملا ڪيا ويندا. ايران کي ڏنل 48 ڪلاڪن جي ڊيڊ لائن اڄ ختم ٿي رهي هئي. ايران جواب ۾ چيو هو ته حملي جو جواب نار وارن ملڪن جي پاور پلانٽن ۽ پاڻي صاف ڪندڙ پلانٽن تي حملن سان ڏنو ويندو. آمريڪي ميڊيا موجب، ٽرمپ جو اهو اعلان آپريشن ايپڪ فيوري جي خاتمي بابت ڳالهين جي پهرين باضابطا تصديق آهي. ٻئي طرف وچ اوڀر ۾ صورتحال انتهائي ڇڪتاڻ واري ٿي وئي آهي، جتي ايران طرفان سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجي اڏي ۽ بحرين ۾ آمريڪي بحري ٻيڙن تي حملن جي دعوي ڪئي وئي آهي. اتي ايران طرفان به اسرائيل تي ڪلسٽر ميزائلن سان نوان حملا ڪيا ويا آهن، جڏهن ته آمريڪا ۽ اسرائيل کي بجلي جي نظام ۽ آبناءِ هرمز بند ڪرڻ جي وارننگ ڏني وئي آهي. خطي ۾ غير يقيني واري صورتحال سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ ڪوريا جي ڪرنسي ۾ وڏي لاٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ختم الانبياءَ هيڊڪوارٽر ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته سعودي عرب ۾ پرنس سلطان ايئربيس کي نشانو بڻايو ويو آهي. ترجمان موجب، پرنس سلطان ايئربيس آمريڪي فوجي سرگرمين جو اهم مرڪز آهي، ايئربيس تي آمريڪي جاسوس جهازن کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻايو ويو. ترجمان جو چوڻ هو ته بحرين ۾ به آمريڪي ففٿ فليٽ کي ميزائلن ۽ ڊرونز ذريعي نشانو بڻايو ويو.

بقايا 2 تي زور ڀريو

ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي، ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري طرف واپسي جي فوري ضرورت تي زور ڏنو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهه سومر ڏينهن اسلامي جمهوريه ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيز شڪيان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. وزيراعظم ايراني صدر ۽ ايران جي پاڻ عوام کي عيدالفطر ۽ نوروز جي مبارڪباد ڏني. ايراني صدر وزيراعظم جي جذبن جو شاندار انداز ۾ جواب ڏيندي پاڪستاني عوام جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. وزيراعظم بطور پاڙيسري پاڻ ملڪ جاري ڇڪتاڻ جي ڏس ۾ بهادر ايراني عوام سان پاڪستان جي يڪجهتي جو اظهار ڪيو. هن قيمتي جانين جي زيان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ زخمين ۽ متاثرين جي جلد صحتيابي ۽ سلامتي جي لاءِ دعا ڪئي. وزيراعظم نار خطي ۾ جاري خطرناڪ صورتحال تي پنهنجي گهري ڳڻتي جو پڻ اظهار ڪيو ان سنگين صورتحال جي ڏس ۾ هن سمورن پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي، ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري طرف واپسي جي فوري ضرورت تي زور ڏنو ته جيئن اختلافن کي پرامن طريقي سان حل ڪري سگهجي. هن مسلمان امت جي وچ ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي جي اهميت تي پڻ زور ڏنو جنهن جي هن وقت سخت ضرورت آهي. پاڪستان جي قيادت جي سفارتي ڪوششن کان آگاهه ڪندي وزيراعظم ايراني قيادت کي يقين ڏياريو ته پاڪستان خطي ۾ امن جي فروغ جي لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو.

بقايا 3 صدر آصف زرداري

ڪيو آهي. صدر زرداري چيو ته ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي معطلي ۽ هائيڊرولاجيڪل ڊيٽا جي شيئرنگ ۾ رڪاوٽ وجهڻ وارو عمل مذمت جوڳو آهي، جنهن سان علائقائي امن ۽ آبي سلامتي کي خطرن جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. صدر وڌيڪ چيو ته سنڌ طاس معاهدو خطي ۾ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ جو ضامن آهي ۽ پاڪستان ان تي مڪمل عملدرآمد جو مطالبو ڪري ٿو. هن چيو ته پاڻي جهڙي اهم انساني ضرورت کي سياسي مقصدن لاءِ هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي اصولن جي ڀڃڪڙي آهي. صدر زرداري ڀارت تي زور ڀريو ته هو معاهدي جي پاسداري ڪري ته جيئن خطي ۾ پاڻي جي ورڇ بابت پيدا ٿيل خدشا ختم ٿي سگهن. صدر آصف علي زرداري پنهنجي پيغام ۾ هن سال جي موضوع پاڻي ۽ صنف جو ذڪر ڪندي چيو ته صاف پاڻي جي اڻلڀ هجڻ جو سڀ کان وڌيڪ اثر عورتن ۽ ڇوڪرين تي پوي ٿو جن جو گهڻو وقت پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ ضايع ٿي وڃي ٿو. هن چيو ته صاف پاڻي ۽ نيڪال جي سهولت هر شهري جو بنيادي حق آهي. صدر چيو ته موسمي تبديلين ۽ وڌندڙ آبادي سبب آبي وسيلن تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي، ان ڪري برساتي پاڻي کي محفوظ بڻائڻ ۽ آبي وسيلن جي انتظام لاءِ سيڙپڪاري وڌائڻي پوندي. هن عوام تي پڻ زور ڀريو ته هو پاڻي جي استعمال ۾ احتياط ڪن ته جيئن مستقبل جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهجي.

بقايا 4 ڳالهيون

آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن خطي جي تازي اڳڀرائي جو جائزو ورتو جنهن ۾ آمريڪي صدر پاران تازو ئي جنگ جي عارضي خاتمي جي اعلان جو پڻ ذڪر ڪيو ويو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير خطي ۾ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ مسلسل سفارتي رابطن جي اهميت تي زور ڏنو هن بدلجندڙ صورتحال تي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 5 بلاول ڀٽو

اتحاد ۽ برصغير جي مسلمانن جي عزم جي علامت آهي. هن چيو ته قرارداد پاڪستان ۾ اسان جي بزرگن آزادي، وقار ۽ انصاف جو خواب ڏٺو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ آزاد ملڪ وجود ۾ آيو بلاول ڀٽو زرداري قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت هيٺ جمهوري ۽ آئيني جدوجهد ذريعي آزادي حاصل ڪندڙ اڳواڻن کي خراج عقيدت پيش ڪيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي به جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ سندن بي مثال جدوجهد ۽ قربانين تي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته انهن جي ورثي مان اسان کي هميشه هڪ منصفاڻي ۽ ترقي پسند پاڪستان جي تعمير لاءِ رهنمائي ملندي رهندي. هن وڌيڪ چيو ته اچو ته اڄ اهو عزم ڪريون ته هڪ اهڙو پاڪستان ٺاهيون جيڪو اسان جي ابائي اجداد جي خوابن جي عڪاسي ڪري هڪ مضبوط، جمهوري ۽ همدرد رياست. بلاول ڀٽو زرداري زور ڏيندي چيو ته اڄ اسان کي جمهوريت، مساوات ۽ سماجي انصاف جي اصولن جي تجديد عهد ڪرڻي پوندي، جيڪي پاڪستان ٺاهڻ وارن جو بنيادي تصور هئا. هن چيو ته بلاشبه، اسين گڏجي پنهنجي ماضي جي شان مطابق هڪ روشن مستقبل تعمير ڪري سگهون ٿا.

بقايا 6 فريال ٽالپر

نصرت ڀٽو ڏکين کان ڏکين حالتن جو مقابلو ڪري اهو ثابت ڪيو ته جرئت ۽ قيادت جي ڪا حد نه هوندي آهي. هن چيو ته بيگم نصرت ڀٽو نه رڳو استقامت جي علامت هيون، پر پاڪستان ۾ جمهوريت پسند قوتن لاءِ اميد جي هڪ روشن ڪرڻ پڻ هيون. فريال ٽالپر موجب مادر جمهوريت انتهائي مشڪل حالتن ۾ به بي مثال ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته بيگم نصرت ڀٽو ملڪ جي تاريخ جي نازڪ ترين دورن ۾ قيادت ڪندي اصولن ۽ عوامي حقن تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو. جمهوريت جي بحالي لاءِ سندن قربانيون ۽ آئين سان سندن اڻٽٽ وابستگي اڄ به اسان لاءِ مشعل راهه آهي. فريال ٽالپر چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي کي مضبوط بڻائڻ ۾ بيگم نصرت ڀٽو جو ڪردار ايندڙ نسلن لاءِ پڻ رهنمائي جو ذريعو آهي. هن چيو ته مادر جمهوريت جي ميراث اسان کي سچ، انصاف ۽ عوامي حاڪميت لاءِ بيهڻ جو حوصلو ڏئي ٿي. فريال ٽالپر قوم کي اپيل ڪندي چيو ته مادر جمهوريت جي عظيم ورثي کي خراج تحسين پيش ڪندي سندن اصولن ۽ افڪارن جي پيروي ڪئي وڃي. هن چيو ته اچو ته جمهوريت جي قدرن جي واڌاري، بنيادي حقن جي تحفظ ۽ هڪ منصفاڻي، همگير ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير لاءِ پنهنجي عزم جي تجديد ڪريون.

بقايا 7 هدايت

جو عمل پڻ شروع ڪيو وڃي، خاص طور انهن ننڍن آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪرڻ تي ڌيان ڏنو وڃي جن کي حڪومت طرفان ٻج تي سبسڊي ڏني وئي هئي. هن اهي هدايتون وزيراعلي هائوس ۾ زراعت کاتي ۽ خوراڪ کاتي جي گڏيل اجلاس جي صدارت ڪندي جاري ڪيون. اجلاس ۾ صوبائي خوراڪ وارو وزير مخدوم محبوب الزمان، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، سيڪريٽري ٽو سي ايم آصف جميل شيخ، سيڪريٽري خوراڪ عباس ناٿج، ڊي جي زراعت الهورايو رند، ڊائريڪٽر خوراڪ الله ڏنو چنو ۽ ٻين عملدار شرڪت ڪئي. وڏي وزير زور ڀريو ته حڪومت جي پهرين ترجيح ننڍن آبادگارن جي مدد ڪرڻ ۽ ڪڻڪ جي خريداري ۽ ذخيرن جي نظام ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ آهي. اجلاس دوران خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان وڏي وزير کي ٻڌايو ته جولاءِ 2025ع تائين 13 لک ٽن کان وڌيڪ ڪڻڪ جو ذخيرو موجود هو جنهن جو گهڻو حصو مارڪيٽ ۾ جاري ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪجهه مقدار اڃا باقي آهي. وڏي وزير باقي رهيل ذخيري جو نوٽيس وٺندي خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته ترت باقي ڪڻڪ وڪرو ڪئي وڃي ته جيئن مارڪيٽ مستحڪم ٿئي ۽ نئين خريداري لاءِ گودامن ۾ جڳهه پيدا ٿي سگهي. سيد مراد علي شاهه عملدارن کي اهو پڻ چيو ته سڀني ڪڻڪ جي گودامن جي صفائي ۽ فوميگيشن کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن اناج کي محفوظ ۽ صحتمند طريقي سان ذخيرو ڪري سگهجي. نئين ڪڻڪ جي فصل جي خريداري بابت ڳالهائيندي وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته فوري تياري شروع ڪئي وڃي ۽ خريداري جي عمل ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ڪئي وڃي. هن وڌيڪ فيصلو ڪيو ته ڪڻڪ جي خريداري ۾ ننڍن آبادگارن کي ترجيح ڏني وڃي، خاص طور انهن هارين کي جن کي سنڌ حڪومت طرفان ٻج جي سبسڊي فراهم ڪئي وئي هئي. وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته حڪومت لڳ ڀڳ 13 لک ننڍن آبادگارن کي ٻج تي سبسڊي ڏني آهي، جيڪي هڪ کان 25 ايڪڙ زمين جا مالڪ آهن. ۽ زراعت کاتي وٽ انهن جو مڪمل ڊيٽا موجود آهي. سيد مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته باردانو (ٻورين) جي ورڇ مستند هارين جي ڊيٽا مطابق سختي سان ڪئي وڃي ته جيئن خريداري جي عمل ۾ ننڍن هارين کي ترجيح ملي سگهي. سنڌ جي وڏي وزير زراعت کاتي ۽ خوراڪ کاتي کي اها به هدايت ڪئي ته گڏجي هڪ صاف ۽ شفاف خريداري پاليسي تيار ڪن ته جيئن باردانو جي منصفاڻي ورڇ، ڪڻڪ جي هموار خريداري ۽ موجود ذخيرن جو موثر انتظام يقيني بڻائي سگهجي. هن زور ڀريو ته اهي اپاءَ ننڍن هارين جي مفادن جي تحفظ، مارڪيٽ جي استحڪام ۽ صوبي جي خوراڪ جي تحفظ واري نظام کي مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

بقايا 8 نهال هاشمي

هن اڄ کان هي سفر شروع ڪرڻ ۽ 2040 تائين پاڪستان کي ترقي جي نئين بلندين تي وٺي وڃڻ جو عزم ظاهر ڪيو. گورنر سنڌ چيو ته کيس فخر آهي ته مان قوم جي باباءِ قوم ۽ نواز شريف جي پارٽي سان تعلق رکان ٿو هن زور ڏنو ته سياست ۾ انتشار پکيڙڻ نه پر پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. هن چيو ته وزيراعظم هدايت ڪئي آهي ته سنڌ جي ترقي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو وڃي ۽ صوبي جي خوشحالي لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي حق ۾ پهرين قرارداد منظور ڪئي، الله هن صوبي کي وڌيڪ ترقي ڏئي. سنڌ جي گورنر دعا ڪئي ته وطن هميشه محفوظ رهي ۽ ماڻهن جي گهرن ۾ خوشيون هجن. هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي گورنر واضح ڪيو ته حڪومت عدالت ۾ هلندڙ ڪيسن ۾ مداخلت نٿي ڪري سگهي. هن چيو ته گورنر جو عهدو آئيني آهي جڏهن ته عوامي نمائندگي وڏي وزير وٽ آهي.

بقايا 9 درخواست ڪري

اسپيڪر باقر قاليباف سان ملاقات جي درخواست ڪئي آهي، پر ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل اڃا تائين ڪو جواب نه ڏنو آهي ته ان حوالي سان ڪو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 10 برطانوي وزيراعظم

تي پاڻي ٿئو سگهجي، حڪومت جي ترجيح آهي ته توانائي بحران کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي.

بقايا 11 سينيٽ چيئرمين

سيڪريٽريٽ طرفان جاري بيان ۾ سينيٽ چيئرمين، بيگم نصرت ڀٽو جي سالگره تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته بيگم نصرت ڀٽو هڪ بهادر ۽ باوقار اڳواڻ هئي. هن چيو ته بيگم نصرت ڀٽو جون جمهوريت لاءِ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. سينيٽ چيئرمين جمهوري قدرن ۽ قانون جي بالادستي کي هٿي ڏيڻ ۽ ورثي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ بيگم نصرت ڀٽو جي درجن جي بلنديءَ لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا 12 ملاقات

گورنر هائوس ۾ شهر جي اهم ڪاروباري، سماجي ۽ سياسي شخصيتن ملاقات ڪئي ان موقعي تي اڪرام راجپوت، محمود مولوي، احمد چنائي، خالد تواب، زبير طفيل، ڊاڪٽر فرحان عيسي، حمزه تاباني، فرحان حنيف، ادريس گي گي، عبدالحسيب ۽ ٻيا معزز ماڻهو موجود هئا. شرڪت ڪندڙن گورنر سنڌ کي عيد جي مبارڪباد ڏني، جڏهن ته گورنر سنڌ مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن واپارين کي ايف بي آر ۽ ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو. گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي چيو ته هو هڪ آئيني گورنر ۽ وفاقي حڪومت جو نمائندو آهي هن زور ڏنو ته سڀني کي انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته قومن جي ترقي عوامي خدمت ۽ عوامي ڀلائي سان ڳنڍيل آهي، جڏهن ته تعليم، تحقيق ۽ صحت جي شعبن تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

بقايا 13 ملهايو ويو

وڌيڪ محنت، اتحاد ۽ قرباني جو مظاهرو ڪيو ويو. مسجدن ۾ فجر نماز کانپوءِ ملڪي سلامتي، ترقي، خوشحالي ۽ يڪجهتيءَ سان شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ خاص دعائون ڪيون ويون. اهم سرڪاري عمارتن تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو، جيڪو قومي وقار ۽ يڪجهتيءَ جي علامت آهي. ٻئي طرف ملڪ جي 86هين يوم پاڪستان جي موقعي تي وفاقي ۽ صوبائي گادي وارن هنڌن ۾ توپن جي سلامتي ڏني وئي، قومي ڏينهن جي شروعات وطن سان تجديد عهد ۽ يڪجهتي جي جذبي سان ٿي، فضا پاڪستان زندهه باد جي نعرن سان گونجي اٿي ۽ حب الوطني جو جذبو عروج تي هو اسلام آباد ۾ 31 جڏهن ته صوبائي گاديءَ وارن هنڌن ۾ 21 توپن جي سلامي ڏني وئي، اها سلامي قومي وقار، خودمختياري ۽ پاڪستاني فوج جي پيشيوراڻي صلاحيتن جي علامت طور تي ڏني وئي مسجدن ۾ فجر نماز کانپوءِ ملڪي سلامتي، ترقي، خوشحالي ۽ يڪجهتيءَ سان شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ خاص دعائون ڪيون ويون. يوم پاڪستان جي موقعي تي پوري قوم متحد آهي، ملڪ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين.

بقايا 14 ملهايو ويو

سادگي ۽ وقار سان ملهايو ويو. سنگاپور ۾ پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر رابعه شفيق پاڪستان هائوس ۾ قومي جهنڊو ڦڙڪايو. تقريب ۾ صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جا پيغام پڙهي ٻڌايا. هاءِ ڪمشنر چيو ته 23 مارچ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي قربانين ۽ جدوجهد جي ياد ڏياري ٿو هن اوورسيز پاڪستانين کي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا 15 طارق فضل چوڌري

پيغام ۾ چيو آهي ته 23 مارچ نئين سر عهد ۽ عزم استحڪام جي علامت آهي، پاڪستان ڪنهن ڪمزور ارادي يا مصلحت جو نالو ناهي پر هي هڪ نظريو هڪ طاقت ۽ هڪ ذميداري آهي. يوم پاڪستان جي موقعي تي گذريل ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي هڪ ٽوئيٽ ۾ وفاقي وزير چيو ته 23 مارچ اهو ڏينهن آهي جڏهن ننڍي کنڊ جي مسلمانن تاريخ ساز فيصلو ڪيو جيڪو فقط هڪ ٺهراءُ نه هو پر هڪ واضح اعلان هو ته اسان غلامي نه آزادي ۽ خودمختياري سان جيئڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته اسان کي ان ئي جرئت، بصيرت ۽ سياسي عزم کي وري زندهه ڪرڻو پوندو پاڪستان ڪنهن ڪمزور ارادي يا مصلحت جو نالو ناهي هي هڪ نظريو آهي، هڪ طاقت آهي، هڪ ذميداري آهي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته اسان کي اهو طئي ڪرڻو پوندو ته هي ملڪ صرف وجود ۾ رهڻ لاءِ نه پر قيادت ڪرڻ لاءِ ٺهيو هو هن چيو ته قانون جي بالادستي، حقيقي جمهوريت، قومي يڪجهتي ۽ غير متزلزل خودمختياري ئي اسان جي منزل آهي. هن چيو ته اڄ جي ڏينهن اهو واضح پيغام ڏئي ٿو ته پاڪستان تي ڪو سمجهوتو نه ٿيندو پاڪستان جي خودمختياري تي ڪا به سوديبازي نه ڪئي ويندي ۽ پاڪستان جي مستقبل کي ڪمزور ڪندڙ هر سوچ جو ڄمي مقابلو ڪيو ويندو. اهو ئي 23 مارچ جو اصل پيغام آهي، عزم، غيرت ۽ عمل. پنهنجي پوسٽ جي آخر ۾ هن قومي جهنڊي سان پاڪستان زندهه باد جو ٽيگ به شيئر ڪيو.

بقايا 16 گياتچند ايسراڻي

هڪ عظيم ڏينهن آهي جڏهن برصغير جي مسلمانن هڪ آزاد وطن حاصل ڪرڻ جو عهد ڪيو. گياتچند ايسراڻي چيو ته قرارداد لاهور برصغير جي مسلمانن کي هڪ واضح منزل ۽ نئين اميد ڏني، پاڪستان جو ڏينهن ان عهد جي تجديد جو ڏينهن آهي ته اسان پنهنجي پياري ملڪ جي سلامتي ۽ ترقي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين. گياتچند اسراڻي چيو آهي ته پاڪستان جو ڏينهن اسان کي قائداعظم محمد علي جناح جي تنظيم جي ويزن، اتحاد، ايمان ۽ اصولن جي ياد ڏياري ٿو. گياتچند ايسراڻي چيو ته پاڪستان هڪ عظيم وطن آهي جيڪو لکين قربانين ۽ جدوجهد جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو گياتچند ايسراڻي چيو آهي ته اڄ اسان کي قومي اتحاد، پائيچاري ۽ باهمي احترام کي فروغ ڏيڻ جو عهد ڪرڻ گهرجي، ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ اجتماعي ذميواري جو احساس وقت جي ضرورت آهي، پاڪستان جو ڏينهن اسان کي ملڪ جي خدمت ۽ عوامي ڀلائي جي جذبي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو گياتچند ايسراڻي چيو آهي ته بحالي ۽ آفتن سان منهن ڏيڻ اسان هڪ محفوظ ۽ محفوظ ملڪ جي تعمير جاري رکنداسين.

بقايا 17 لاش هٿ آيا

ايس ايڇ او بلال ڪالوني انور شيخ جو چوڻ آهي ته لاش ٻه کان ٽي ڏينهن پراڻا لڳن ٿا. فوت ٿيلن جي سڃاڻپ هماجبين ۽ نور محمد جي نالن سان ٿي آهي، جيڪي مڙس زال هئا. پوليس موجب خاتون هماجبين نور محمد جي ٻي زال هئي، جڏهن ته پهرين زال جي ڌيءَ عيد جي موقعي تي پنهنجي والد سان ڳالهائڻ لاءِ فون ڪيو، پر ڪنهن به ڪال وصول نه ڪئي، ڌيءَ پاران ڪيترائي ڀيرا فون ڪرڻ باوجود رابطو نه ٿيڻ تي هن پوليس کي اطلاع ڏني، اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ گهر وارا موقع تي پهتا ۽ پوليس جي موجودگي ۾ دروازو ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿيا. تلاشي دوران هڪ ڪمري مان عورت جو ٻه ڏينهن پراڻو لاش هٿ آيو، جڏهن ته گهر جي ڇت تان مرد جو لاش مليو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو بظاهر پراسرار آهي ۽ مختلف رخن کان جاچ شروع ڪئي وئي آهي، ٻنهي لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جتي رپورٽ اچڻ کان پوءِ موت جو اصل سبب سامهون ايندو.

بقايا 18 جوابدار گرفتار

ايس پي ملير ڊاڪٽر عبدالخالق جي هدايت تي واقعي جي جاچ لاءِ خاص ٽيمون جوڙيون ويون، سڪڻ پوليس ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي ٻن ڪلاڪن ۾ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جن جي سڃاڻپ عرفان ۽ وحيد طور ٿي آهي، پوليس موجب عرفان مقتولا جو مڙس جڏهن ته وحيد سندس ڏير آهي، شروعاتي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته ٻنهي جوابدارن گڏجي مرد ۽ عورت کي قتل ڪيو، پوليس ڪارروائي دوران واردات ۾ استعمال ٿيل اوزار پڻ هٿ ڪري ورتو آهي، مقتولا جي سڃاڻپ عيدن جڏهن ته مقتول مرد جي سڃاڻپ صدر عرف شير دل طور ڪئي وئي آهي. جاچ دوران جوابدارن غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي. پوليس موجب واقعي جو ڪيس سڪڻ ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جاري آهي.پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ جاچيو پيو وڃي.

بقايا 19 3ڄڻا زخمي

سانول، 14 ورهين جو شهادت حسين ولد غلام شبير ۽ 20 ورهين جو احد ولد نظير شامل آهن. زخمين کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ايس ايڇ او ٿاڻي نارٿ ناظم آباد شاهد آدم موجب ابتدائي جاچ مان ظاهر ٿيو آهي ته واقعو مبينه طور تي تيز آواز ۾ ميوزڪ هلائڻ تان ٿيل جهيڙي سبب پيش آيو، عيني شاهدن پوليس کي ٻڌايو ته شيرو نالي شخص گاڏي ۾ تيز آواز ۾ گانا هلائي رهيو هو جنهن تي عمران نالي شخص منع ڪئي ته ڳالهه وڌي تڪرار ۾ تبديل ٿي وئي، جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو ۽ مبينه طور تي جوابدارن وڌيڪ ماڻهن کي گهرائي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ٻار به زخمي ٿي پيا. پوليس ذريعن موجب واقعي ۾ ملوث شيرو نالي شخص مبينه طور نشي جي حالت ۾ هو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائيون شروع ڪيون ويون آهن.

بقايا 20 وڏو وزير

ويو. سنڌ جي گورنر نهال هاشمي جي مزار قائد پهچڻ تي وڏي وزير سندن آجيان ڪئي. ٻنهي اڳواڻن پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي روح کي ثواب پهچائڻ خاطر گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته هو 23 مارچ جي تاريخي ڏينهن تي قائداعظم کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ آيا آهن ۽ اڄوڪي ڏينهن 86 سال اڳ لاهور ۾ قرارداد پاڪستان منظور ڪئي وئي هئي. هن چيو ته پاڪستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ سنڌ اهم ڪردار ادا رهيو آهي ۽ سنڌ اسيمبلي سڀ کان پهرين قرارداد لاهور کان پوءِ پاڪستان جي قيام جي حمايت ۾ قرارداد پاس ڪئي، جنهن سان پاڪستان جي قيام جو بنياد پيو. وڏي وزير چيو ته پاڪستان، جيڪو 14 آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آيو قيام کان پوءِ ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيندو رهيو آهي، پر ان باوجود ثابت قدميءَ سان اڳتي وڌندو رهيو آهي. قومي اڳواڻن کي ڀيٽا پيش ڪندي هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي دفاع کي مضبوط ڪيو ۽ ايٽمي پروگرام جو بنياد وڌو، جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميزائل پروگرام ذريعي ملڪ جي دفاعي صلاحيت کي وڌيڪ مضبوط بڻايو. سيد مراد علي شاهه چيو ته اڄ پاڪستان صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي اڳواڻيءَ ۾ مضبوط بيٺو آهي، جڏهن ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت هيٺ هٿياربند فوجون مڪمل طور تي چوڪس آهن. هن چيو ته دشمن پاڪستان ڏانهن اک به کڻي نٿو سگهي، وڏي وزير زور ڀريو ته پاڪستان کي قائداعظم جي اصولن اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته خطي جي نازڪ صورتحال کي ڏسندي اسان کي متحد رهڻو پوندو ۽ اختلافن کان مٿاهون ٿي پاڪستان جو دفاع ڪرڻو پوندو. سيد مراد علي شاهه علائقائي ڇڪتاڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي ايران خلاف جارحيت جي مذمت ڪئي ۽ افغانستان ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن خلاف پاڪ فوج جي ڪارروائين جي واکاڻ ڪئي. وڏي وزير عالمي معاملن تي پاڪستان جي موقف کي ورجائيندي والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي تشدد جي مذمت ڪئي ۽ مسلم دنيا ۾ امن جي گهرج لاءِ زور ڀريو. هن چيو ته جنگ ڪنهن جي به فائدي ۾ ناهي، اسان امن لاءِ دعاگو آهيون ۽ مسلم اڳواڻن کي ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ترقياتي رٿائن بابت وڏي وزير چيو ته هو 2018ع کان لڳاتار اهو مامرو اٿاريندو رهيو آهي ته وفاقي حڪومت سنڌ کي مناسب ترقياتي رٿائون فراهم نٿي ڪري، پر موجوده وفاقي حڪومت دوران صورتحال بهتر ٿي آهي هن چيو ته سنڌن گهر تي هاڻوڪي وفاقي نظام ۾ سنڌ کي ترقياتي رٿائون ڏنيون ويون آهن ۽ سنڌ سدائين قومي ترقياتي رٿائن ۾ صوبي جي حصي لاءِ آواز اٿاريندو رهيو آهي. سيد مراد علي شاهه سنڌ لاءِ ترقياتي رٿائون ۽ فنڊ فراهم ڪرڻ تي وزيراعظم شهباز شريف جا ٿورا مڃيا. سيد مراد علي شاهه پنهنجي عزم کي ورجايو ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت صوبي جي آئيني حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندي ۽ قومي مفاد ۾ فيصلا ڪندي، پر سنڌ جي حقن تي ڪو به ٺاهه نه ڪيو ويندو. وڏي وزير چيو ته جيڪڏهن پاڪستاني قوم قائداعظم جي اتحاد واري اصول تي عمل نه ڪندي ته ان سان پاڪستان کي نقصان پهچندو. تنهنڪري اسان کي هن بنيادي اصول تي عمل ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل کي قائداعظم جي نظريي ۽ ويزن کان واقف ڪرائڻ ضروري آهي ته جيئن پاڪستان معاشي ۽ سماجي استحڪام ڏانهن وڌي سگهي. انهيءَ کان اڳ سيد مراد علي شاهه مزار قائد تي مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثر لکيا ۽ قوم کي يوم پاڪستان جون واڌايون پڻ پيش ڪيون.

بقايا 21 ضياءالحسن لنجار

ڪٺن دور ۾ جمهوريت، آئين ۽ عوامي حق حڪمراني لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. وزير داخله چيو ته بيگم نصرت ڀٽو جي استقامت ۽ بهادريءَ جمهوري جدوجهد کي نئين قوت بخشي بيگم نصرت ڀٽو جون قربانيون ۽ سياسي بصيرت اڄ به جمهوري قوتن لاءِ رهنمائي جو ذريعو آهن. قوم مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي خدمتن ۽ جدوجهد کي هميشه عزت ۽ فخر سان ياد رکندي.

بقايا 22 تقريب ۾ شريڪ

قومي جهنڊو ڦڙڪايو. ان موقعي تي اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير عطاءالله تارڙ پڻ موجود هو. هن سال حڪومت ڪفايت شعاري ۽ توانائي جي بچت کي نظر ۾ رکندي 23 مارچ 2026ع تي روايتي فوجي پريڊ ۽ سڀئي وڏيون تقريبون ختم ڪندي جهنڊو ڦڙڪائڻ واري تقريب کي انتهائي سادگي سان ملهائڻ جو فيصلو ڪيو هو جڏهن ته سڀني سرڪاري کاتن کي پڻ هدايتون ڪيون ويون هيون ته تقريبون محدود رکيون وڃن. جڏهن ته پاڪستان جي ڏهاڙي جي موقعي تي ايوارڊ ڏيڻ جي روايتي تقريب پڻ ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. جيڪا هاڻي 28 اپريل 2026ع تي منعقد ڪئي ويندي. وزيراعظم ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستاني سفارتخانن کي به 23 مارچ جون تقريبون انتهائي سادگي سان ملهائڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا 23 سعديه جاويد

سنهري باب آهي، هن چيو ته مادر جمهوريت جون قربانيون جمهوريت جي استحڪام ۽ انساني حقن جي پاسداري لاءِ هميشه ياد رکيون وينديون. سعديه جاويد موجب بيگم نصرت ڀٽو انتهائي ڏکين حالتن ۾ به همت ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪيو ۽ هوءَ عورتن لاءِ هڪ بهترين رول ماڊل رهي آهي. ترجمان سنڌ حڪومت چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪن اڄ به مادر جمهوريت جي ڏيکاريل واٽ تي هلي رهيا آهن، جڏهن ته بيگم نصرت ڀٽو سياست ۾ جرئت، شائستگي ۽ استقلال جون نيون مثالون قائم ڪيون.

بقايا 24 رهاڻ

اهڙن خيالن جو اظهار ناميارن ڪهاڻيڪار، محقق ۽ نقاد ڊاڪٽر احسان دانش سان رچايل رهاڻ ۽ سندس ڪهاڻي ڪتاب "اها رات" جي مهورتي تقريب ۾ ڪيو، جيڪا آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي جي ادب شعبي طرفان منعقد ڪئي وئي هئي. تقريب کي خطاب ڪندي ناميارن اديب ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته احسان دانش گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي، اسان ٻئي سدائين هڪ ٻئي جو اتساهه رهيا آهيون. احسان هڪ حساس دل ڪهاڻيڪار آهي ۽ هن جون مختصر ڪهاڻيون به دل ۾ چڀن ٿيون ۽ ماڻهوءَ کي جاڳائي وجهن ٿيون. ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته ڪهاڻي لکڻ مون لاءِ ڪا وندر ۽ ورونهن ناهي، مان پنهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي دل جو لهو اوتيو آهي. منهنجي حاوي سڃاڻپ هڪ محقق ۽ نقاد واري آهي پر مان بنيادي طور تخليقڪار آهيان. ان ڪري شاعري توڙي ڪهاڻي ٻئي منهنجون پهريون محبوبائون آهن. ناميارن اديب ۽ براڊ ڪاسٽر عابد عباس ڪاظمي چيو ته هڪ ليکڪ جي قلم مان لکيل هر لفظ ان جي پڙهندڙ جي امانت هوندو آهي. ڊاڪٽر احسان دانش هڪ گهڻ پڙهيو روشن خيال ۽ ترقي پسند ليکڪ آهي. هن رڳو ڪهاڻيون نه لکيون آهن پر شاهه لطيف جي شاعريءَ تي بهترين تحقيق به ڪئي آهي. ادب شعبي جي چيئرمين اختر پيا چيو ته ڊاڪٽر احسان سان رهاڻ آرٽس ڪائونسل ۽ ادب شعبي لاءِ اعزاز آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا لڳ ڀڳ چاليهه سال ادب کي ڏنا آهن ۽ منهنجو به لڳ ڀڳ ايتري ئي عرصي کان ساٿس ساٿ ۽ سپنڌ آهي. ناميارن ليکڪ پروفيسر مختيار سمي چيو ته احسان هڪ پُروقار شخصيت جو مالڪ آهي. هن وٽ ڪمال جي سهپ، بردباري ۽ سنجيدگي آهي. دانش ادب جي جنهن به شعبي ۾ ڪم ڪيو آهي، ان ۾ پاڻ مڃايو آهي. ناميارن ليکڪ ۽ صحافي نثار ڪوڪر چيو ته ڪهاڻي اڄ به ساهه کڻي رهي آهي ۽ پنهنجي پوري طاقت سان زنده آهي. ڊاڪٽر احسان انساني الميئن جون ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي پنهنجي فن ۽ آرٽ ۾ شاندار آهن. هن جو فليش فڪشن ته چرڪائيندڙ آهي. ناميارن ليکڪا رفعه بخاري چيو ته احسان دانش جي ڪهاڻين جي درد ۾ پيڙا جو پڙلاءُ محسوس ٿئي ٿو. هن سماج جي زخمن کي لفظن جي آئيني ۾ ڏيکاريو آهي. ناميارن ڪهاڻيڪار ۽ محقق ڊاڪٽر عزيز قاسماڻي چيو ته مختصر مختصر ڪهاڻي لکڻ جو فن ڏاڍو ڏکيو آهي. احسان دانش اسان جي ٽهيءَ جو هڪ سچيت ليکڪ آهي. سنگت مرڪز جي خزانچي ۽ ناميارن ڪهاڻيڪار ستار هليي چيو ته ڪهاڻي پياسي مور جي رڙ آهي جيڪا حساس دلين کي تڙپائي وجهي ٿي. ڊاڪٽر احسان جي ڪهاڻين ۾ اهڙي ئي رڙ محسوس ٿئي ٿي. هن سماج جي الميئن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ هڪ اعلا آرٽسٽ وانگر ئي بيان ڪيو آهي. تقريب ۾ جهانگير عباسي، ڊاڪٽر ملهار سنڌي، رضوان گل، محمد هاشم حامي، ممتاز لوهار يار محمد چانڊيو، زاهد حسين جوڻيجو، اڪبر ساسولي، وسيم سيتائي ۽ شهمير سومري پڻ ڊاڪٽر احسان دانش جي شخصيت، فن ۽ ڪهاڻي ڪتاب تي پنهنجا ويچار ونڊيا. آخر ۾ آرٽس ڪائونسل جي ادب شعبي طرفان دانش کي يادگار مجتا شيلڊ پڻ ڏني وئي.

بقايا 25 جنازي نماز

هاشمي پڻ سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ ماروي ملڪ جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي گورنر سنڌ شيري رحمان سان ملاقات ڪئي ۽ سندس ڌيءَ جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. گورنر سنڌ مرحوم جي مغفرت ۽ درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي، جڏهن ته سوڳوار خاندان لاءِ صبر جي دعا به ڪئي. هن چيو ته هو هن ڏک جي گهڙي ۾ سوڳوار خاندان جي غم ۾ برابر جو شريڪ آهي.

بقايا 26 لاش هٿ

مان قندو ٻڌل 40 سالن جي شخص زرگر ولد رنگين خان جو لاش مليو. چيپا ايمبولينس جي ذريعي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پراڻا گوليمار گولڊن پان واري گهٽي جي ويجهو 27 سالن جي نامعلوم شخص جو هٿ پير ٻڌل گن شاٽ لاش هٿ، اطلاع تي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ چيپا ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته شاهدين گڏ ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي. ڪورنگي اداڙي نمبر باڪري پمپ ماڊل پارڪ لڳ فائرنگ ۾ فاروق ولد گوهر زخمي ٿيو.

بقايا 27 زخمي

ڪري گهر وڃي رهيو هو ته واقعو پيش آيو. پوليس جو چوڻ آهي ته لڳي رهيو آهي ته ملزم واردات ڪري رهيا هئا ته پوليس ڪانسٽيبل کي پويان ايندي ڏسي ملزمن پوليس اهلڪار کي گولي هڻي زخمي ڪيو. جيڪا ٽنگ ۾ لڳي. پوليس اهلڪار کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. ۽ پوليس اهلڪار خطري کان ٻاهر ٻڌايو پيو وڃي. پوليس وڌيڪ علائقي جو گهيراءُ ڪري ملزمن جي گرفتاري جي ڳولا شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا 28 ڪنٽرول ڪيو ويو

وئي. پوليس سرجن موجب سرچنگ دوران اڄ صبح ملندڙ هڪ شخص فوت ٿي ويو. جڏهن ته مرندڙ شخص جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. ان کان اڳ چيف فائر آفيسر همايون احمد چيو هو ته باهه وسائڻ کان پوءِ بلڊنگ جي سرچنگ ڪئي وئي، جنهن دوران اڄ صبح هڪ شخص بيهوشيءَ جي حالت ۾ مليو. همايون احمد مطابق، بيهوش شخص بظاهره نشي جو عادي لڳندو هو. جنهن کي فوري طور اسپتال موڪليو ويو. جتي هو فوت ٿي ويو.

بقايا 29 حڪم

جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم، هاءِ آڪٽين ٻارڻ تي پيٽروليم ليوي ۾ اضافي جي فيصلي جي تسلسل ۾، هڪ ٻيو اهم فيصلو ڪندي سرڪاري گاڏين ۾ هاءِ آڪٽين ٻارڻ جي استعمال تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي، جيڪو فوري طور تي لاڳو ٿيندو بيان موجب، جيڪڏهن ڪنهن به سرڪاري کاتي جي گاڏي ۾ هاءِ آڪٽين ٻارڻ جو استعمال اٽئر آهي، ته استعمال ڪندڙ پنهنجي ذاتي کيسي مان خرچ ڪري سگهي ٿو. وزيراعظم هدايت ڪئي آهي ته سڀئي وفاقي کاتا، اختياريون ۽ ماتحت ادارا هن فيصلي تي فوري ۽ مڪمل عمل درآمد کي يقيني بڻائين. ياد رهي ته ان کان پهرين سرڪاري گاڏين لاءِ ٻارڻ تي 50 سيڪڙو ڪٽوتي پهرين ئي لاڳو ٿي چڪي آهي، ان کان علاوه، 60 سيڪڙو سرڪاري گاڏيون گرائونڊ ڪيون ويون آهن. عوام کي رليف ۽ سستو ٻارڻ فراهم ڪرڻ لاءِ انهن قدمن ذريعي ٿيندڙ بچت کي استعمال ڪيو ويو آهي. وزيراعظم چيو آهي ته ڪفايت شعاري جي پاليسي تي سختي سان عمل ڪندي غير ضروري خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. انهن قدمن سان سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ عوامي وسيلن جو بهتر استعمال ممڪن ٿيندو وزيراعظم لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته هن فيصلي جي نگراني لاءِ موثر نظام تيار ڪيو وڃي ۽ خلاف ورزي جي صورت ۾ سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 30 بحالي شروع

شراڪتدارن جي پروگرامن تحت 5,314 اسڪولن جي بهتر تعمير ۽ بحالي ڪري رهيا آهيون، جنهن سان 1.4 ملين کان وڌيڪ شاگردن لاءِ تعليمي سهولتون بحال ٿي رهيون آهن. وزيراعلي هائوس ۾ رٿيل اجلاس ۾ اسڪولن جي بهتر تعمير ۽ بحاليءَ جي اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ تعليم وارو وزير سيد سردار شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، اسڪول ايجوڪيشن کاتي جو سيڪريٽري زاهد عباسي، سيڪريٽري ٽو سي ايم آصف جميل شيخ ۽ ٻين اعلي عملدارن شرڪت ڪئي. تعليم واري وزير سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ته ٻوڏ دوران صوبي جا 19,808 اسڪول متاثر ٿيا، جن مان 5,465 اسڪولن جي بهتر تعمير ۽ بحالي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، جنهن ۾ 2,268 مڪمل طور تي تباهه ٿيل ۽ 3,197 جزوي طور متاثر اسڪول شامل آهن. باقي 14,343 اسڪول اڃا بحالي جا منتظر آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته اسڪولن جي بحاليءَ وارا هلندڙ ڪم صوبائي حڪومت، وفاقي حڪومت ۽ ٻين ادارن جي پروگرامن تحت جاري آهن. سرڪاري انگ اکرن موجب، 5,369 اسڪول وڏين تعميراتي رٿائن ۾ شامل ڪيا ويا آهن، جن جي لاڳت 167 ارب روپيا آهي، جن مان 63.95 ارب روپيا خرچ ٿي چڪا آهن، جڏهن ته 2,114 اسڪول مختلف مالي انتظام تحت مڪمل ٿي چڪا آهن. صوبي جي سالياني ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تحت 2,405 اسڪولن تي ڪم شروع ٿي چڪو آهي، جن مان 617 مڪمل ٿي چڪا آهن، جڏهن ته باقي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ جون 2027ع تائين اميد آهي. مينٽيننس ۽ مرمت پروگرام 23-2022ع ۽ 25-2024ع تحت 938 اسڪولن جي بحالي ڪاميابي سان ڪئي وئي ۽ اهي سڀ مڪمل ٿي چڪا آهن. سنڌ اسڪول ايجوڪيشن انويسٽمينٽ پروگرام براءِ ٻوڏ متاثر (SSEIP-FA) تحت پڻ وڏي پيماني تي تعميراتي ڪم هلندڙ آهي، جنهن ۾ 805 اسڪول شامل آهن ۽ اميد آهي ته اهي جون 2027ع تائين مڪمل ٿي ويندا. وفاقي پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (پي ايس ڊي پي) ۾ 481 مڪمل طور تباهه ٿيل اسڪول شامل آهن، جن مان 37 اسڪول مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ اهو منصوبو ڊسمبر 2026ع تائين مڪمل ٿيڻ جو شيڊول رکي ٿو. ترقياتي شراڪتدار پڻ بحالي واري عمل جي مدد ڪري رهيا آهن. يورپي يونين ۽ يونيسف جي مدد سان 173 اسڪول اڳ ۾ ئي بحال ٿي چڪا آهن، حيدرآباد ڊويزن ۾ سڀ کان وڌيڪ 1,254 اسڪول متاثر ٿيا، ان کان پوءِ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ 1,218، سکر ڊويزن ۾ 1,070، شهيد بينظيرآباد ڊويزن ۾ 894، ميرپورخاص ڊويزن ۾ 724 ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ 305 اسڪول متاثر ٿيا. ضلع سطح تي ڏٺو وڃي ته خيرپور ۾ 730، نوشهرو فيروز ۾ 494، لاڙڪاڻي ۾ 343، قمبر-شهدادڪوٽ ۾ 294، ميرپورخاص ۾ 277 ۽ عمرڪوٽ ۾ 238 سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهن.

بقايا 31 حملو

باهه ڏني وئي. واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو پر گيس سلينڊر ڦاٽڻ سبب ويجهن گهرن کي ڪجهه نقصان پهتو. لنڊن جي ميٽروپوليٽن پوليس موجب ٽن شڪين جي ڳولا جاري آهي ۽ واقعي جا ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ جاچ ڪئي پئي وڃي. برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي يهودي برادري سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 32 بابت آگاهي

۾ راڻا تنوير حسين موجوده صورتحال ۾ ملڪي غذائي ضرورتن جي ذخيرن ۽ نار ملڪن کي کاڌي پيتي جي شين جي برآمدات تي اڳڀرائي کان پڻ آگاهه ڪيو. هن ٻڌايو ته ملڪ ۾ غذائي شيون وڏي مقدار ۾ موجود آهن.

بقايا 33 پير پاڳارو

جيڪا اليڪشن ٿي اها ننڍي ٻار کي به خبر آ ان جو سودو ٿيل هو. مونکي اڳ ئي ٻڌايو ته توهان پلي ڪامياب ٿي وڃو پر توهان جي ماڻهن کي هارايو ويندو پيرپاڳاروتفصيل موجب حر جماعت جي روحاني پيشوا جي ڊي اي سربراهه پير صبغت الله شاهه المعروف پيرپاڳاري طرفان شهرين ۽ پارٽي اڳواڻن سان عيد ملڻ پارٽي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پيرڳوٺ جي شهرين سميت سنڌ جي مختلف علائقن مان پارٽي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي حر جماعت جي روحاني پيشوا جي ڊي اي سربراهه پير صبغت الله شاهه المعروف پيرپاڳاري خطاب ڪندي چيو ته گذريل اليڪشن ته پر سليڪشن هئي ننڍي ٻار کي به خبر هئي ته اليڪشن جو سودو ٿيل آهي. مونکي اليڪشن کان اڳ ٻڌايو ويو ته پلي توهان ڪامياب ٿيو پر توهان جا فلاڻا فلاڻا ماڻهو ڪامياب نه ٿيندا. پيرپاڳاري وڌيڪ چيو ته جي ڊي اي ڪڏهن به ختم نه ٿي ٿئي سگهي. جيسيتائين مان آهيان جي ڊي اي قائم رهندي، مان آخري ماڻهو هوندس جيڪو جي ڊي اي ۾ هوندس. پيرپاڳاري عيد ملڻ پارٽي کي وڌيڪ خطاب ڪندي چيو ته جيڪي جي ڊي اي ڇڏي ويا انهن کي ڏسو شروع ۾ پ پ جي ليڊرن انهن کي عزت ڏني هاڻ انهن جي فون به اٽينڊ نه ٿا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته مهانگائي عروج جي پهچي چڪي آهي عيد جا ڏينهن گذرن مهانگائي جو پتو پئجي ويندو ته مهانگائي ڪيتي پهتي آ. سبزي ۽ گوشت جا اگهه هڪ جيترا ٿيندا. هن وقت جيڪي حالات اچن ٿا اهي تمام خراب حالات اچن ٿا خدا پاڪ سڀني کي انهن حالاتن ۾ حفظ امان ۾ رکي. پيرپاڳاري وڌيڪ چيو ته هاڻ ٽن ويلن جي نهيو پر هڪ ويلي جي ماني ۾ پريشان آهن. پيرپاڳاري چيو ته اسان جي ڳوٺ وارن جي مهربانيون جيڪي هميشه اسان سان ڏک سک ۾ گڏ هوندا آهن. پيرپاڳاري چيو ته عباسي برادري جي سردار معظم خان عباسي جو ٿورائتو آهيان مون سان گڏ ٿيو آهي جيڪو حال هوندو ان سان گڏ هوندس. ٻئي طرف سردار معظم خان عباسي چيو ته پيپلزپارٽي سان هڪ صدي جو ناتو هو هتي قربانيون ڏنيون پر قدر نه ڪيو ويو 1928ع واري چونڊن اليڪشن وڙهي هن وقت جيڪا پيپلزپارٽي سنڌ جي حالت ڪئي آهي اها ڪنهن به ڳجهي ناهي هن چيو ته پير صاحب پاڳاري جي وڏي شفقت آ عزت مان ڏنو پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي، انشاءالله پيرپاڳاري جو حر ڪم ڪنداسين.

بقايا 34 روس

سگهجن ۽ اهڙي پاليسي خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ڪندي. پنهنجي بيان ۾ سرگئي لاروف چيو ته دنيا تيزي سان طاقت جي قانون ڏانهن واپس وڃي رهي آهي، جتي طاقتور ملڪ پنهنجي مرضي هلائيندا آهن، جڏهن ته ڪمزور ملڪن کي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو آهي هن چيو ته آمريڪا جي پاليسين ۾ رڳو پنهنجي مفادن کي ترجيح ڏني پئي وڃي، جنهن سبب عالمي توازن متاثر ٿي رهيو آهي، وچ اوڀر جهڙي حساس خطي ۾ زبردستي فيصلا يا معاهدا لاڳو ڪرڻ امن لاءِ خطرو ٿي سگهن ٿا. سندس چوڻ هو ته آمريڪا توانائي جا وسيلا حاصل ڪرڻ لاءِ وينزويلا ۽ ايران جهڙن ملڪن ۾ دلچسپي رکي ٿو جڏهن ته ٻئي پاسي يورپ کي سستي توانائي کان محروم ڪيو پيو وڃي، جنهن جا معاشي اثر به سامهون اچي رهيا آهن. روسي پرڏيهي وزير چيو ته عالمي تڪرارن جو حل طاقت جي استعمال بدران ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي ڪڍڻ گهرجي ته جيئن خطي ۾ پائيدار امن قائم ٿي سگهي.

بقايا 35 سردار رحيم

ليگ (فنڪشنل) سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم يوم پاڪستان 23 مارچ جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته 23 مارچ 1940ع جي قرارداد برصغير جي مسلمانن کي هڪ واضح سمت ۽ الڳ وطن جو تصور ڏنو، جنهن جي بنياد تي پاڪستان قائم ٿيو. هن چيو ته هي ڏينهن اسان کي پنهنجي اسلاف جي قربانين ۽ جدوجهد جي ياد ڏياريندو آهي، سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته پير صاحب پڳارا جي قيادت هيٺ حر جماعت هميشه ملڪ جي سرحدن جي تحفظ ۽ قومي سلامتي لاءِ چوڪس ۽ تيار رهي آهي. هن چيو ته حر جماعت هر دور ۾ پاڪستان جي استحڪام، دفاع ۽ سالميت لاءِ پنهنجون خدمتون ۽ قربانيون پيش ڪيون آهن.هن وڌيڪ چيو ته يوم پاڪستان جي موقعي تي اسان کي ان عزم جي تجديد ڪرڻ گهرجي ته اسين پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين. سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان جي سلامتي ۽ مضبوطي اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ۽ حر جماعت هميشه جيان ملڪ جي دفاع ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا 36 ڊالر سگهارو

ڪئي وئي آهي، تيل جي قيمتن ۾ پڻ نمايان گهٽتائي ٿي آهي. برينٽ ڪچي تيل جي قيمت 10 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽ ٿي تقريبن 100 ڊالر في بيرل کان به گهٽجي وئي آهي، جڏهن ته هڪ موقعي تي في بيرل تيل جي قيمت 96 ڊالر رڪارڊ ڪئي وئي. اهڙي طرح ڪچي تيل جي قيمت 88 ڊالر في بيرل تائين پهچي وئي.

بقايا 37 ملهائي وئي

ٿي ۽ سندس تعلق هڪ اميري حريري خاندان سان هو. سندس والد هڪ امير ايراني ڪرد واپاري هو. جنهن شروعاتي دؤر ۾ بمبئي ۾ به قيام ڪيو. جڏهن ته 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام کان اڳ ڪراچي منتقل ٿي. پاڪستان هجرت کان پهرين نصرت ڀٽو اصفهان يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي ۽ 1950ع ۾ انسانيات ۾ بي اي ڪيائين. هن ملڪي سياست ۽ جمهوريت لاءِ هميشه قائداڻو ڪردار ادا ڪيو. نصرت ڀٽو 23 آڪٽوبر 2011ع تي دبئي ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. سندس سالگره جي موقعي تي پ پ سميت ٻين سياسي پارٽين ۽ ڪارڪنن طرفان ڀرپور انداز ۾ خراج تحسين پيش ڪيو ويو.

بقايا 38 بلاول

نصرت ڀٽو جمهوريت تي اڻ ٽٽ يقين، جرئت ۽ قرباني جي لازوال علامت آهن. هن چيو ته بيگم نصرت ڀٽو آمريت جي سامهون هڪ مضبوط پهاڙ وانگر بيهي رهيون ۽ ڪنهن به دٻاءَ آڏو نه جهڪيون. بلاول ڀٽو زرداري موجب بيگم نصرت ڀٽو تاريخ جي هڪ انتهائي ڏکئي دور ۾ غيرمعمولي بهادري سان جمهوريت جي جدوجهد جي قيادت ڪئي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بيگم نصرت ڀٽو جون قربانيون قوم جي ضمير ۾ هميشه زنده رهنديون، جيڪي وقار ۽ ثابت قدمي جي علامت آهن. هن وڌيڪ چيو ته بيگم نصرت ڀٽو رڳو هڪ خاندان جي ماءُ نه پر هڪ تحريڪ جي ماءُ هيون. هن چيو ته مادر جمهوريت جي جرئت هر ان شخص لاءِ رستو روشن ڪيو جيڪو ناانصافي آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪندو رهيو. بلاول ڀٽو زرداري موجب بيگم نصرت ڀٽو جي ميراث اڄ به جمهوريت، انساني حقن ۽ آئين جي بالادستي جي جدوجهد ۾ مشعل راهه آهي، هن قوم کي اپيل ڪئي ته عزم ۽ استقامت سان مادر جمهوريت جي مشن کي اڳتي وڌايو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بيگم نصرت ڀٽو جي سالگرهه جي موقعي تي اسان سڀني کي تجديد عهد ڪرڻو پوندو. هن چيو ته اچو ته اهو عهد ڪريون ته اسين بيگم نصرت ڀٽو جي قربانين جو احترام هڪ منصفاڻي، جمهوري ۽ همدرد پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ذريعي ڪنداسين.

بقايا 39 ناصر شاهه

جي لکين مسلمانن جي عظيم قربانين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي، جڏهن ته 1940ع جي قرارداد لاهور مسلمانن کي آزادي جي هڪ نئين راهه ڏيکاري. ناصر حسين شاهه چيو ته اڄ اسين انهن شهيدن ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جن پاڪستان جي قيام لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي قيام جو مقصد هڪ مضبوط، جديد اسلامي فلاحي رياست جو قيام هو جنهن جي تعبير لاءِ اڄ به مسلسل محنت، جدوجهد ۽ پختي عزم جي ضرورت آهي. ناصر حسين شاهه زور ڏيندي چيو ته پاڪستان جي قوم ۽ افواج هميشه مادر وطن جي تحفظ ۽ آزادي جي دفاع لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن.

بقايا 40 حاضري ڏني

عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو، مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو، شهيد مير مرتضي ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀري گل جون چادرون چاڙهي ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ فاتحه خواني ڪئي. صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جو هيليڪاپٽر جيئن اوچتو ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ لٿو ته مزار تي حاضري ڀرڻ لاءِ اڳواٽ موجود عورتون صدر پاڪستان ۽ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي. صدر آصف علي زرداري انهن کان حال احوال پڇ ورتا. ان موقعي تي ايم پي اي سهيل انور سيال، غلام مصطفي لغاري پڻ موجود هئا. شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀرڻ بعد صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري واپس نئون ديرو هائوس پهچي ويا. ان کان اڳ صدر آصف علي زرداري ۽ پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نئون ديرو هائوس کان هيليڪاپٽر جي ذريعي خيرپور پهتا جتي ڳوٺ صادق ڪلهوڙو ۾ زرعي زمينن جو معائنو ڪيو. خيرپور کان واپسي تي هيليڪاپٽر تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهتا. ان موقعي تي سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا.

بقايا 41 ڳالهيون

گهرو وزير محسن نقوي، وفاقي وزير خزانه محمد اورنگزيب، پيٽروليم مصنوعات جو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۽ ٻين صدر پاڪستان آصف علي زرداري سان خصوصي ملاقات ڪئي جنهن ۾ پي پي پي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، پي پي پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر، صوبائي وزير سيد ناصر شاهه ۽ ٻيا موجود هئا. ملاقات ۾ ملڪ ۾ امن امان، معاشي صورتحال، توانائي جي شعبي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن جي اثرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، وفاقي گهرو وزير صدر کي ملڪ ۾ دهشتگردي خلاف جاري ڪارروائين ۽ سرحدي سلامتي جي صورتحال بابت آگاهه ڪيو. پاڪ-افغان ڇڪتاڻ ۽ علائقائي سيڪيورٽي چئلينجز جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو. وفاقي وزير خزانه ۽ وزير پيٽروليم معاشي اشارين، توانائي جي شعبي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جي پسمنظر ۾ حڪومتي قدمن تي بريفنگ ڏني. صدر پاڪستان هدايت ڪئي ته علائقي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي معاشي پاليسين ۾ عوامي رليف کي ترجيح ڏني وڃي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن جو بار گهٽ کان گهٽ رکيو وڃي ته جيئن عام ماڻهن کي سهولت فراهم ٿي سگهي.

بقايا 42 تقريب

جنهن ۾ صدر پاڪستان آصف علي زرداري پرچم ڪشائي ڪري پاڪستان جي قومي جهنڊي کي بلند ڪيو ان موقعي تي سنڌ پوليس جي چاق ۽ چوبند دستي صدر پاڪستان آصف علي زرداري کي سلامي پيش ڪئي ۽ قومي ترانو پيش ڪيو ويو ان موقعي تي پي پي پي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پي پي پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر، ايم پي اي سهيل انور سيال ۽ ٻيا اعلي عهديدار پڻ موجود هئا. ان کان اڳ پرچم ڪشائي تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو.

بقايا 43 ريلي

کان مزار قائد تائين وڏي ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، ڪراچي جي صدر راجا اظهر جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد، پارليامانی اڳواڻ شبير قريشي، فهيم خان سميت ٻين اڳواڻن ڪئي، ريلي دوران "پاڪستان زنده آباد" ۽ "عمران خان پائنده آباد" جا نعرا هنيا ويا. ريلي جا شرڪت ڪندڙ جلوس جي صورت ۾ مزار قائد پهتا جتي يوم پاڪستان جي حوالي سان تقريب ۾ شرڪت ڪئي وئي، ڪراچي جي مختلف ضلعن مان وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي، شرڪت ڪندڙن عمران خان جي آزادي جو مطالبو پڻ ڪيو، حليم عادل شيخ جو خطاب حليم عادل شيخ چيو ته اڄ اسين قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي 23 مارچ يوم پاڪستان جي موقعي تي پهتا آهيون، هن چيو ته 23 مارچ 1940ع تي قرارداد پاڪستان پيش ڪئي وئي هئي ۽ اڄ اسين نئين عزم سان هتي گڏ ٿيا آهيون. هن چيو ته جيستائين هڪ به پاڪستاني زنده آهي، ڪو به ملڪ ڏانهن بري نظر سان نه ڏسي سگهندو، پاڪستان مضبوط هو ۽ قيامت تائين مضبوط رهندو، هن وڌيڪ چيو ته يوم پاڪستان اسان کي هڪ آزاد، خودمختيار ۽ فلاحي رياست جي ياد ڏياريندو آهي، ۽ اڄ جو ڏينهن ان عزم جي تجديد جو ڏينهن آهي ته ملڪ کي قائداعظم جي [illegible] مطابق بڻايو وڃي، حليم عادل شيخ چيو ته تحريڪ انصاف آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ عوامي حقن جي تحفظ تي يقين رکي ٿي، هن چيو ته جنهن اڳواڻ عالمي سطح تي اسلام جو آواز بلند ڪيو اهو اڄ جيل ۾ قيد آهي، عمران خان قوم جي دلين جي ڌڙڪن آهي ۽ سڄي قوم سندس ساٿ ۾ بيٺل آهي، هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت اسان کي ڪمزور نه سمجهن، اسين هڪ مضبوط قوم آهيون ۽ ملڪ جي سلامتي وقت سڀ هڪ ٿي ويندا آهيون. راجا اظهر جو خطاب راجا اظهر چيو ته 23 مارچ 2026 صرف هڪ تاريخ نه، پر عزم جي تجديد جو ڏينهن آهي.

بقايا 44 ملاقات

۾ ملاقات ڪئي. فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر سنڌ کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن بين الصوبائي هم آهنگي ۽ تعاون کي فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو. ملاقات ۾ پيپلز پارٽي جا اڳواڻ نيئر بخاري، نديم افضل چن ۽ انور عالم خان پڻ موجود هئا. ڳالهه ٻولهه دوران عوامي مسئلن جي حل ۽ قومي اتحاد کي فروغ ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو. اڳواڻن زور ڏنو ته ملڪ جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ صوبن جي وچ ۾ تعاون ۽ هم آهنگي ضروري آهي.

بقايا 45 ٻار ۽ مرد فوت

ٽينڪر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نامعلوم ٻار ۽ مرد ٿڌي تي فوت ٿي ويا آهن. حادثي ۾ فوت ٿي ويلن جا لاش چيپا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. آخري اطلاع تائين فوتين جي لاشن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي.

بقايا 46 شرجيل ميمڻ

دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني. وزير شرجيل چيو ته هي اهو ڏينهن آهي جڏهن قائداعظم ۽ ٻين عظيم اڳواڻن مسلمانن لاءِ هڪ الڳ، آزاد ۽ خودمختيار وطن جو بنياد وڌو. هن زور ڏنو ته پاڪستان انهن لکين قربانيون جو نتيجو آهي جيڪي اسان جي بزرگن آزاد ۽ جمهوري رياست جي قيام لاءِ ڏنيون. وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان کي اڄ انهن عظيم شهيدن کي ياد رکڻ گهرجي جن وطن جي آزادي، خودمختياري ۽ تحفظ لاءِ پنهنجون زندگيون قربان ڪيون. هن يوم پاڪستان کي وطن جي خدمت، قومي اتحاد ۽ قرباني جي جذبي کي تازو ڪرڻ جو ڏينهن قرار ڏنو.شرجيل ميمڻ چيو ته اڄ جو ڏينهن پاڪستان کي درپيش چيلنجن جي مقابلي ۾ متحد ٿي جدوجهد جي عزم کي ٻيهر زندهه ڪرڻ جو ڏينهن آهي هن سڀني کان اپيل ڪئي ته مضبوط، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ اختلافن کان بالاتر ٿي هڪجهڙائي جو مظاهرو ڪيو وڃي، ۽ قائداعظم جي اصولن ۽ [illegible] جي روشني ۾ ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو وڃي.

بقايا 47 مراد علي شاهه

بيگم نصرت ڀٽو جي جمهوريت لاءِ جدوجهد پاڪستاني سياست جو روشن باب آهي. بيگم نصرت ڀٽو آمريت جي سخت دور ۾ عوامي حقن، آئين ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. وزيراعلي سنڌ زور ڏنو ته مادر جمهوريت جي بهادري ۽ استقامت جمهوري جدوجهد کي نئين قوت ڏني، جڏهن ته بيگم نصرت ڀٽو مشڪل ترين حالتن ۾ پارٽي ۽ ڪارڪنن جو حوصلو بلند رکيو ۽ جبر جي دور ۾ به عوامي حقن لاءِ سمجهوتو نه ڪيو. سيد مراد علي شاهه چيو ته بيگم نصرت ڀٽو جون قربانيون ضايع نه ٿيڻ ڏنيون وينديون، ۽ سنڌ حڪومت بيگم نصرت ڀٽو جي [illegible] مطابق عورتن جي خودمختياري لاءِ [illegible] آهي.

روزاني
عبرت

ايڊيٽوريل
پيٽروليم جي نئين پاليسي!
صفحو 4

اشتياق احمد
صفحو 4
آبناءِ هرمز بحران: جنگي چڪتاڻ، معاشي ڏڪ ۽ عالمي بيچيني!

توانائيءَ جو بحران ۽ عالمي مالياتي ادارن جو دٻاءُ!
ميان عمران احمد
صفحو 4

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن - 24 مارچ

بدين ۾ يوم پاڪستان جوش جذبي سان ملهايو ويو،جيمر خانہ ۾ تقريب،قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

جيمر خانہ ۾ منعقد تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ ٻين قومي جهنڊو ڦڙڪايو

23 مارچ 1940 تي قرارداد پاڪستان آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ منظور ڪئي وئي، پاڪستان جي قيام ڏانهن پهريون باقاعده قدم هو:ڪاشف منگي

قرارداد جو مقصد هو ته مسلمانن لاءِ اهڙو خودمختار ملڪ قائم ڪيو وڃي جتي هو پنهنجن معاملن تي آزاديءَ سان عمل ڪري سگهن

اهو ڏينهن اسان کي ان عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته اسان پنهنجي پياري وطن جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ ڪوششون جاري رکون

بدين (ڊ ر)بدين ۾ به يوم پاڪستان جوش جذبي سان ملهايو ويو يوم پاڪستان جي موقعي تي مرڪزي تقريب جيمر خانہ بدين ۾ منعقد ڪئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ ٻين قومي جهنڊو ڦڙڪايو ميڊيا سان ڳالهائيندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي چيو ته قرارداد پاڪستان جيڪا 23 مارچ 1940 تي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ منظور ڪئي وئي، پاڪستان جي قيام ڏانهن پهريون باقاعده قدم هو هيءُ اجلاس لاهور جي منٽو پارڪ (هاڻوڪو اقبال پارڪ) ۾ ٿيو جتي مولوي فضل الحق قرارداد پيش ڪئي ۽ ان جي حمايت قائداعظم محمد علي جناح ۽ ٻين مسلم اڳواڻن ڪئي اڄ اسان انهي قرارداد جي ياد ۾ هي ڏينهن ملهائي رهيا آهيون قرارداد جو بنيادي مقصد اهو هو ته برصغير جي مسلمانن لاءِ الڳ وطن حاصل ڪيو وڃي، جتي هو پنهنجي مذهبي، سياسي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي ۽ تمدني آزاديءَ سان زندگي گذاري سگهن مسلمانن لاءِ اهڙو خودمختار ملڪ قائم ڪيو وڃي جتي هو پنهنجن معاملن تي آزاديءَ سان عمل ڪري سگهن هن قرارداد پاڪستان جي نظريي کي واضح ڪيو جنهن جي بنياد تي 1947 ۾ پاڪستان قائم ٿيو 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي جيڪو اسان کي ان عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته اسان پنهنجي پياري وطن جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ ڀرپور ڪوششون جاري رکون هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل قربانيون اسان کان مطالبو ڪن ٿيون ته اسان پنهنجي ذميوارين کي سمجهون ۽ ملڪ جي بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيون ريلي ۾ تعليم، صحت، پوليس، روينيو، سماجي بهبود، زراعت، اطلاعات کاتو سماجي تنظيمن، ميڊيا، اقليتن سول سوسائٽي ۽ شاگردن سميت زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بدين : ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪاشف رضا منگي ۽ ٻيا پاڪستان جي ڏهاڙي جي موقعي تي قومي جهنڊو ڦڙڪائي رهيا آهن

سنڌ ناريجا ويلفيئر ضلع دادو پاران عيد ملن پارٽي،اڳواڻن جي شرڪت

ٺرڙي محبت(ن ع) گذريل ڏينهن سنڌ ناريجا ويلفيئر سنڌ ضلع دادو پاران ٺرڙي محبت ۽ سنڌن جي آفيس ۾ ضلع دادو جي مختلف شهر ۽ ڳوٺن شاهه پنجو هوتي ناريجو ٺٽون ڳوٺ ميهڙ جمعو ناريجو سميت شهر جي سياسي سماجي ۽ صحافين جي سان ۽ عيد ملن پارٽي جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جو مرڪزي وائيس چيئرمين وزير ناريجو مرڪزي اليڪشن ڪاميٽي جي چيئرمين صيفل ناريجو ضلع دادو جو صدر فيروز ناريجو حاجي نثار احمد ناريجو سنڌ جامشورو جو صدر عبدالحفيظ ناريجو گلزمان ناريجو پريس ڪلب ٺرڙي محبت جي صدر ممتازعلي مينگل گلاب گڙ زخمي ملاح وڏيرو نجيب احمد ناريجو يوسي سيو مگسي جو وائيس چيئرمين مولا بخش ناريجو مطلوب ناريجو سميت وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي شرڪت جتي مختلف اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ناريجا ويلفيئر جو مقصد شهر جي اهم مسئلن لاءِ ۽ برادري جي تمام تنيڙ مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي ان ڪانسواءِ اسين شهر جي هر برادري جي ماڻهن هر مسئلي تي گڏ آهيون

گلاب لغاري ۽ پرياسي ۾ گجگوڙ ۽ تيز هوائن سان گڏ برسات،علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

گلاب لغاري(ن ع) گلاب لغاري ۽ پرياسي ۾ گجگوڙ ۽ تيز هوائن سان گڏ برسات جي تيز وسڪاري سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا جڏهن ته ڪڻن ۾ گڏ ۽ لاباڙو ٿيل ڪڻڪ جي فصل کان علاوه انبن جي باغن کي پڻ وڏي نقصان جو انديشو آهي ٻئي طرف بجلي ۽ مواصلات جو نظام معطل ٿي ويو

باني جنرل سيڪريٽري پائي خان ويلفيئر حاجي محمد ياسين آرائين پاڪستان جي ڏينهن جي موقعي تي جهنڊو ڦڙڪائيندي

حيدرآباد ۾ پائي خان ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران قومي جهنڊو چاڙهڻ واري تقريب

حيدرآباد (اپ ر) 23 مارچ اسان کي اسان جي بزرگن جي قربانين ۽ قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ آزادي جي تحريڪ جي دلچسپ سفر جي ياد ڏياري ٿو انهن خيالن جو اظهار پائي خان ويلفيئر ايسوسيئيشن جي باني جنرل سيڪريٽري حاجي محمد ياسين آرائين پاڪستان جي ڏينهن جي موقعي تي ويلفيئر پاران منعقد ڪيل جهنڊو چاڙهڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ان موقعي تي ويلفيئر نائب صدر شاهد راجپوت، جوائنٽ سيڪريٽري محمد اسماعيل شيخ، تعلقي چيئرمين لطيف آباد حاجي عبدالحميد ملي حسن لالا، مرزا منصور احمد بيگ، محمد حنيف شيخ، شوقين عبدالشڪور عباسي کان علاوه مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي وڏي انگ ۾ موجود هئي هن چيو ته اڄ جو ڏينهن اسان کي سيکاري ٿو ته اتحاد، ايمان ۽ قرباني ذريعي اسان ناممڪن کي ممڪن بڻائي سگهون ٿا هن وڌيڪ چيو ته اسان سڀني کي گڏجي عهد ڪرڻو پوندو ته پاڪستان کي هڪ مضبوط، خوشحال ۽ ترقي يافته ملڪ بڻائڻ لاءِ پنهنجون سڀ صلاحيتون استعمال ڪنداسين ان موقعي تي پاڪستان زنده باد "پاڪ فوج زنده باد" جا نعرا پڻ لڳايا ويا

باني جنرل سيڪريٽري پائي خان ويلفيئر حاجي محمد ياسين آرائين پاڪستان جي ڏينهن جي موقعي تي جهنڊو ڦڙڪائيندي

رئيس نور احمد لاکو جي وفات تي اهم شخصيتن پاران مورڀو لاکو پهچي عذرخواهي

سڪرنڊ (س ر)پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ رئيس نور احمد لاکو جي وفات تي ايم پي اي نواب غيبي سردار خان چانڊيو ، قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد مير غلام مصطفيٰ شاهه ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي گوهر هائوس مورڀو لاکو پهچي مرحوم جي فرزندن منير احمد لاکو ، محسن لاکو ۽ سوٽ حاجي الهه بخش لاکو سان مرحوم جي وڇوڙي تي ڏک ونڊيو ۽ عذرخواهي ڪئي جنهن بعد هنن الڳ الڳ تاثراتي پيغام ۾ چيو ته مرحوم نور احمد لاکو زنده دل ماڻهو هوندو هو سندس ڪردار هميشه ٻن کي جوڙڻ وارو رهيو چنڻ ، بغض ، عداوت يا ڪاوڙ سندس ڊڪشنري ۾ ئي نه هئي برادري مسئلا هجن يا پارٽي جا ، سنگت ساٿ جا مسئلا هجن يا پاڙي جا پاڻ هڙان وڙان ڏئي به مسئلن کي حل ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو هو ان لاءِ چاهي سنڌ جي ڪهڙي به ڪنڊ ۾ ڇو نه وڃڻو پوي ان ڪري چيو ويو آهي ته انسان کي موت آهي پر ڪردار کي ناهي اسين سمجهون ٿا ته مرحوم نور احمد لاکو انهن ڪردارن مان هو ان موقعي تي نوابزاده لشڪر خان چانڊيو، فيصلن جي راجوڻي امير

نئون ديرو هائوس ۾ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان اڳواڻن جون ملاقاتون

بلاول شيخ،قربان سومرو،سرائي دوست سومرو،صدام سومرو ملاقات ڪئي

اڳواڻن پارٽي قيادت کي شهرين ۽ ڪارڪنن کي درپيش مسئلن کان باخبر ڪيو

شهدادڪوٽ (ڊ ر)عيد جي ڏهاڙي تي پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو سان نئون ديرو هائوس ۾ پ پ پ سٽي جي صدر بلاول اصغر شيخ سٽي جي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو سياف جي مرڪزي اڳواڻ سرائي دوست محمد سومرو ضلعي صدر صدام حسين سومرو ملاقات ڪئي ان ملاقات ۾ پارٽي جي ساٿين ۽ شهر شهدادڪوٽ جي مسئلن تي ويچاريو ويو ان موقعي تي پ پ پ شهدادڪوٽ جي اڳواڻن پارٽي قيادت کي شهرين ۽ ڪارڪنن جي درپيش مسئلن کان باخبر ڪيو ۽ شهدادڪوٽ شهر جي ڊرينيج سسٽم جي منظوري سميت شهر جي بيوٽيفڪيشن پلان جي منظوري ۽ ترقياتي پيڪيج ڏيارڻ تي سندن جو ٿورو مڃيو

شهدادڪوٽ: پ پ جي قيادت سان پ پ ۽ سياف جا اڳواڻن جي ملاقات

ٿرپارڪر ضلعي انتظاميه ۽ تعليم کاتي پاران يوم پاڪستان ريلي

اعليٰ عملدارن،تعليمي آفيسرن،استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي

شاگردن ڀرپور نعريبازي ڪندي پنهنجي وطن سان محبت جو اظهار ڪيو

مٺي(ڊ ر)ضلعي انتظاميه ٿرپارڪر ۽ تعليم کاتي جي گڏيل سهڪار سان يوم پاڪستان جي حوالي سان هڪ پروقار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ضلعي جي اعليٰ عملدارن، تعليم کاتي جي آفيسرن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شريڪ اڳواڻن ۽ شاگردن ڀرپور نعريبازي ڪندي پنهنجي وطن سان محبت جو اظهار ڪيو ريلي کي خطاب ڪندي اسسٽنٽ ڊپٽي ڪمشنر(ٽو) مٺي پرٿوي راج، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ارجن لال سوٿهڙ ڊاڪٽر ليکراج ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر تعلقا ايجوڪيشن آفيسر پرائمري عطا الرحمان بجير صديق دل گسنا ٿرپارڪر جي جنرل سيڪريٽري جيٺيش راٺي چيو ته 23 مارچ جو ڏينهن اسان جي ملڪ جي روشن مستقبل جي تعمير ۽ عزم جي تجديد جو ڏينهن آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته 23 مارچ 1940ع جو لاهور وارو قرارداد اسان جي وڏڙن جي عظيم قربانين جي ياد تازي ڪري ٿو اڄ اسين جنهن آزاد ۽ خودمختيار وطن ۾ رهون پيا، اهو انهن ئي قربانين جو ثمر آهي هتي هندو، مسلم، سک ۽ عيسائي بغير ڪنهن فرق جي گڏجي وطن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن آخر ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ دفاعي سرحدن جي حفاظت لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي 23 مارچ رڳو هڪ تاريخ ناهي، پر اسان جي بزرگن جي ان عظيم عزم جي ياد آهي جنهن ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي هڪ آزاد سڃاڻپ ڏني اڄوڪو ڏينهن اسان کي سيکاري ٿو ته هندو مسلم سک ۽ عيسائي سڀ گڏجي ئي هن پاڪ سرزمين جي ترقيءَ جو خواب ساڀيان ڪري سگهون ٿا اسان جو ايمان آهي ته پاڪستان جي بقا اسان جي اتحاد ۾ آهي ۽ اسان هن مٽيءَ جي خوشحالي لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون الله تعاليٰ اسان جي ملڪ کي امن جو گهوارو بڻائي ۽ ان جي دفاعي سرحدن جي هر دشمن کان حفاظت فرمائي

مٺي ۾ پوليس ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاج

ٿرپارڪر وارن کي رلايو پيو وڃي،ٻين ضلعن جا اهلڪار تربيت حاصل پيا ڪن:اميدوار

جيڪي اميدوار عدالت ۾ ويا هئا، انهن جي حق ۾ فيصلو به اچي چڪو آهي

مٺي(ڊ ر)مٺي ۾ پوليس ڀرتي لاءِ هڪ سال اڳ ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو اميدوارن جو چوڻ آهي ته هڪ سال کان ٿرپارڪر جي اميدوارن کي رلايو پيو وڃي، جڏهن ته ٻين ضلعن ۾ پوليس اهلڪار تربيت حاصل ڪري رهيا آهن تنهن ڪري اسان کي به آفر آرڊر ڏنا وڃن مٺي ۾ 2024ع ۾ پوليس ڪانسٽيبل جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن بلاول ڀٽو پارڪ کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرين عبدالفتاح علي محمد نهڙيو سڪندر علي، نور سميجو وقار چوهان عبدالسبحان ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هنن 2024ع ۾ پوليس ڪانسٽيبل ڀرتي لاءِ ٽيسٽ پاس ڪئي ۽ اميدوارن جي فهرست به فائنل ٿي چڪي آهي ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ جي اميدوارن کي اڃا تائين آفر ليٽر نه مليا آهن جڏهن ته جيڪي اميدوار عدالت ۾ ويا هئا، انهن جي حق ۾ فيصلو به اچي چڪو آهي اميدوارن چيو ته اسان ميرٽ تي ٽيسٽ پاس ڪري آيا آهيون ۽ فهرستون به تيار آهن ميرپورخاص ضلعي ۾ آرڊر جاري ڪيا ويا آهن تنهن ڪري اسان کي به نوڪري ڏيڻ اسان جو قانوني حق آهي پر بنا ڪنهن سبب جي آرڊر جاري ڪرڻ ۾ دير ڪئي پئي وڃي جيڪا افسوسناڪ ڳالهه آهي اميدوارن وزير داخله سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ ۽ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ميرٽ تي ڪامياب اميدوارن کي فوري طور آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن ۽ نوجوانن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

حاجي عبدالعزيز گدارو پاران سرفراز راهو ۽ راحيل راهو جي مان ۾ ڊنر

عبدالعزيز گدارو محبتون ۽ مان ڏيڻ ۾ سدائين گوءِ کٽي ويندو آهي:سرفراز راهو

مڪي شريف اچڻ ٿيندو آهي ته هن در تان مليل مان وسارڻ جهڙو نہ هوندو آهي

سڪرنڊ (س ر)سنڌ ۽ مڪي شريف جي مشهور اوطاقي ۽ مهمان نواز شخصيت حاجي عبدالعزيز گدارو پاران سرفراز احمد راهو ۽ راحيل راهو جي مان ۾ ڊنر جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ حاجي مير محمد جمالي ، حاجي علي اصغر جمالي سڪندر سومرو ۽ خان محمد گدارو پڻ شريڪ هئا ان دوران مهمانن پاران حاجي عبدالعزيز گدارو جي ڀاءُ رحمت الله گدارو جي طبيعت جي ناسازي سبب عيادت پڻ ڪئي وئي جنهن بعد روايتي مهمان ڪئي وئي ان موقعي تي سرفراز احمد راهو ڳالهائيندي چيو ته حاجي عبدالعزيز گدارو محبتون ۽ مان ڏيڻ ۾ سدائين گوءِ کٽي ويندو آهي سندس پاران مليل عزتون هميشه ياد رهنديون آهن جڏهن به مڪي شريف اچڻ ٿيندو آهي ته هن در تان مليل مان وسارڻ جهڙو نه هوندو آهي ان کان اڳ ميزبان حاجي عبدالعزيزگدارو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي چيو ته ڏڏي آيل مهمانن منهنجي سهڻي ديس سنڌ جا آهن جن جي اچڻ سان خوشي ٿي آهي هي اهي مهمان آهن جن جي لاءِ چيو ويو آهي ته مهمان رحمت ۽ برڪت ۾ شمار ٿين ٿا ان موقعي تي محمد گدارو ۽ احمد گدارو آيل مهمان جو آڌرڀاءُ ڪيو

ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميه ۽ سول سوسائٽي طرفان يوم پاڪستان ريلي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نعيم سومرو جي اڳواڻي ۾ جاڳرتا لاءِ ريلي ڪڍي وئي

قومي ڏهاڙي کي هر سال وانگي قومي جذبي سان ملهائڻ جو عزم ڪريون ٿا:اي ڊي سي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميه سول سوسائٽي جي طرفان 23 مارچ جي قومي ڏهاڙي تي جاڳرتا ريلي ، پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ، ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميه سول سوسائٽي جي طرفان ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نعيم سومرو ، اسسٽنٽ ڪمشنر محمد يوسف ، اسسٽنٽ ڪمشنر غلام سرور پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 23 مارچ جي قومي ڏهاڙي جي جاڳرتا لاءِ ريلي ڪڍي وئي ، انهي موقعي تي اڳواڻن چيو ته 23 مارچ اسان جي وطن عزيز جو قومي ڏهاڙو آهي پاڪ فوج ملڪ جي حفاظت لاءِ قيام عمل کان وٺي پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري قومي سلامتي کي قائم دائم رکيو آهي جيڪو اسان جي پوري قوم لاءِ اعزاز آهي ، ڀارتي جارحيت کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي ته افغانستان جي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سرحدن جي حفاظت سان گڏ دشمن ملڪ جي هر حملي کي ناڪام بڻايو آهي ، اسان پنهنجي پاڪ فوج جي عظمت کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ پنهنجي قومي ڏهاڙي کي هر سال وانگي قومي جذبي سان ملهائڻ جو عزم ڪريون ٿا.

مهراڻ يونيورسٽي ۾ يوم پاڪستان شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويو

ايندڙ نسلن کي پنهنجي وطن جي تاريخ بابت ڄاڻڻ لازمي آهي:پروفيسر انيل ڪمار

اهو به ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي نسل جو وطن جي ترقي ۾ ڪهڙو ڪردار آهي

ڄامشورو (اپ ر)مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ يوم پاڪستان شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويو تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمارچيو ته اسان جي ايندڙ نسلن کي پنهنجي وطن جي تاريخ بابت ڄاڻڻ لازمي آهي هي ڏينهن اسان جي بنيادن جو ڏينهن آهي پاڪستان جي تخليق جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر انيل ڪمار چيو ته اسان جي وڏن جي وطن لاءِ ڪيل خدمتن کي خراج پيش ڪرڻ گهرجي پر اهو به ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي نسل جو وطن جي ترقي ۾ ڪهڙو ڪردار آهي ان موقعي تي تقريب کي ڊين فيڪلٽي پروفيسر ڊاڪٽر خانجي هريجن پروفيسر ڊاڪٽر ذيشان ڪتري، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالفتاح عباسي پڻ خطاب ڪندي چيو ته

LONG LIVE PAKISTAN
23

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار 23 هين مارچ جي تقريب کي خطاب ڪندي

دنيا ۾ امن جي قيام لاءِ سڀني کي عملي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو:مخدوم فخر

ملڪ جي سلامتي،استحڪام ۽ جمهوريت لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

23مارچ يوم پاڪستان اسان جي قومي تاريخ جو سنهري باب آهي:صحافين سان ڳالهيون

هالا(ن ع)سنڌ حڪومت جي ترجمان مخدوم فخرالزمان صدر آصف علي زرداري سان ملاقات کان پوءِ هالا ۾ غلام اڪبر پلي شمن سهتو جي موجودگي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته پاڪ فوج ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير تي پوري قوم کي فخر آهي، جن آپريشن "غضب للحق" ۾ دشمن کي ڀرپور جواب ڏئي ملڪ جو دفاع يقيني بڻايو،هن چيو ته جيڪڏهن ڀارت طرفان ڪا به جارحيت مڙهي وڃي ها ته ان جا سمورا ارادا خاڪ ۾ ملايا وڃن ها، ۽ پوري قوم پنهنجي فوج سان گڏ بيٺل آهي،مخدوم فخرالزمان چيو ته 23 مارچ يوم پاڪستان اسان جي قومي تاريخ جو سنهري باب آهي ۽ ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ جمهوريت لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو،هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي آئين ۽ جمهوري قدرن جي بالادستي تي يقين رکي ٿي جڏهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جو ويزن اسان جي رهنمائي ڪري رهيو آهي،سندس چوڻ هو ته ملڪ هن وقت ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي ۽ مهانگائي عوام لاءِ وڏو مسئلو بڻجي چڪي آهي، تنهنڪري عيد سادگي سان ملهائڻ گهرجي، اسان پاڻ به سادگي اختيار ڪندي پگهار نه ورتي آهي،هن وڌيڪ چيو ته ضلعي متياري جي مسئلن جي حل لاءِ وڏي قيادت سان ڳالهيون ڪيون ويون آهن ۽ اميد آهي ته حالتون بهتر ٿينديون ته عوامي مسئلا حل ڪيا ويندا،سنڌ حڪومت جي ترجمان سول سوسائٽي جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته انهن جي ڪوشش سان علائقي ۾ ترقي ممڪن آهي ۽ حڪومت هر سلي قدم ۾ سندن ساٿ ڏيندي.

هالا: جوترجمان مخدوم فخرالزمان ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻئي طرف آصف زرداري سان عيد ملندي

ناليواري اداڪاره صبا خان آمريڪا جي دوري بعد سعودي عرب پهچي وئي

آمريڪا هڪ ترقي يافته ۽ قانون تي حڪمراني ڪندڙ ملڪ آهي:صبا خان

سخت پاليسي محسوس ٿي،قانون تي سختي ڪرڻ به هنن جي مرضي آهي

ايران، غزه ۾ ٿيندڙ ظلم انسان حقن جي لتاڙ سمجهان ٿي:ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه

ورجينيا (رپورٽ:ضياء قريشي/سبين ميمڻ) ناليواري اداڪاره صبا خان آمريڪا جي دوري بعد سعودي عرب پهچي وئي، عمري جي سعادت ۽ عيد ادا ڪئي، عالم انسانيت لاءِ امن محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام اداڪاره صبا خان آمريڪا جي دوري ۽ عمري لاءِ سعودي پهچڻ بعد ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته آمريڪا هڪ ترقي يافته ۽ قانون تي حڪمراني ڪندڙ ملڪ آهي پر هن ڀيري حڪومت جي ڪجهه سخت پاليسي محسوس ٿي، قانون تي سختي ڪرڻ به هنن جي مرضي آهي پرآمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستانين لاءِ پاليسي ۾ نرمي ٿيڻ گهرجي صبا خان عيد جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته پنهنجي وطن سنڌ ۾ عيد گهر وارن سان مستي مذاق ۾ ڪندي آهيان پر هن ڀيري سعودي عرب ۾ عمرو نصيب ٿيو آهي عيد به عبادتن سان گڏ گذري رهي آهي، هن چيو ته ايران غزه ۾ ٿيندڙ ظلم انسان حقن جي لتاڙ سمجهان ٿي، ٻنهي مظلومن سان گڏ ۽ سندن لاءِ دعاگو آهيان اداڪاره صبا خان وڌيڪ چيو ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ گهميا آهن پر حڪومتون ڏينهون ڏينهن عوام لاءِ سختيون پيدا ڪري رهيون آهن آئون سڄي دنيا جي انسانيت جي بهتري جي خواهشمند آهيان آمريڪا، سعودي سميت سمورن ملڪن جي حڪمرانن کي عوام خاص طور ٻاهرين ماڻهن لاءِ آسانيون سهولتون پيدا ڪرڻ گهرجن

ٽنڊو محمد خان ۾ فرنچائز مالڪ تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سخت احتجاج

تاجران فيڊريشن اختيارين کان واقعي جي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ايف آئي اي ٽيم موبائيل فرنچائز تي چڙهائي ڪري سامان ضبط ڪري ڇڏيو:اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان جي واپاري تنظيم تاجران فيڊريشن نجي فرنچائز جي مالڪ فيصل ڪريم شيخ تي ڪيس داخل ڪرڻ تي سخت احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان واقعي جي جاچ ڪري انصاف جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ واپاري تنظيم تاجران فيڊريشن جي صدر حاجي محمد اسماعيل ميمڻ،حاجي شبير احمد ميمڻ ، محمد سليم گدي پٺاڻ ، عبدالڪريم شيخ ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته حيدرآباد کان آيل ايف آئي اي جي ٽيم وڪيل علي شير جانوري جي فرياد تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊوائيس هولڊر جي مستحق عورتن جي امدادي رقم ۾ ڪٽوتي تي داخل ڪرايل ايف آءِ آر ۾ ڊوائيس هولڊرن سان گڏ نجي موبائيل فرنچائز جي شاپ تي چڙهائي ڪري سمورو سامان ضبط ڪري پاڻ سان گڏ کڻي وئي ۽ هڪ ملازم عامر ڪندرا کي حراست ۾ ورتو هو جنهن کي بعد ۾ بي ڏوهي قرار ڏئي آزاد ڪري ڇڏيو پر ڊوائيس هولڊرن سان گڏ نجي موبائيل فرنچائز جي مالڪ واپاري تنظيم جي فيصل ڪريم شيخ کي به ان ايف آءِ آر ۾ شامل ڪيو ويو آهي جنهن جو ڊوائيس هولڊر سسٽم سان ڪو به تعلق نه رهي ٿو، نه وري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊوائيس کان وٺي ان ۾ ڊوائيس هولڊرن جي انتخاب توڙي ان سموري سسٽم سان هن جو ڪو به تعلق نه رهي ٿو جنهن جي ڪري سندس خلاف بنا جواز ان جو نالو ايف آءِ آر ۾ شامل ڪيو ويو آهي جنهن سان واپاري برادري جي نه صرف دل آزاري ڪئي وئي آهي پر کين انصاف لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ، واپاري برادري پنهنجي ملڪ جي قانون جي پاسداري ڪرڻ ۾ يقين رکي ٿي جنهن ۾ ڪنهن به طريقي سان عوام سان ٿيندڙ ناانصافين توڙي غريب مسڪين مستحق عورتن جي امدادي رقم ۾ ٿيندڙ ڪٽوتي کي پڻ غلط عمل قرار ڏئي ٿي ، جنهن جي ڪري واپاري فيصل ڪريم شيخ تي جيڪا ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي ان جي اعليٰ سطح تي جاچ ڪرائي وڃي ، جيڪا ڪهڙي سبب ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جاچ ڪرائڻ سان گڏ واپاري تنظيم اعليٰ اختيارين کان داخل ڪرايل ايف آءِ آر فوري طور ختم ڪرڻ ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو آهي.

مهانگائي بين الاقوامي صورتحال سبب ٿي آهي:مخدوم احمد الزمان

ملڪي دفاع لاءِ پاڪ فوج جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

پاڪستان کي درپيش چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي يڪجهتي ضروري آهي

هالا(ن ع)سروري سرهان پاڪستان سماجي تنظيم جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ضلعي ڪائونسل متياري جي چيئرمين مخدوم احمد الزمان هالا مخدوم هائوس ۾ عيد ملڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته عالمي صورتحال سبب ملڪ ۾ مهانگائي جا اثر گهٽائڻ لاءِ حڪومت ڪوششون ڪري رهي آهي،هن پاڪ فوج جي لازوال جدوجهد ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته افواج پاڪستان هر ڏکي گهڙي ۾ ملڪ جي دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن جڏهن ته "غضب الحق آپريشن" سميت پاڪ فوج جي خدمتن کي به ساراهيو ويو آهي،مخدوم احمد الزمان چيو ته يوم پاڪستان اسان کي اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط تي عمل ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ پاڪستان کي درپيش چئلينجن سان منهن ڏيڻ لاءِ قومي يڪجهتي برداشت ۽ جمهوري قدرن کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي،هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي وفاق جو حصو آهي ۽ خدمت خلق تي يقين رکي ٿي جڏهن ته اسان به ضلعي متياري ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون هن يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن ۽ يوسي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي علائقن ۾ عوام جي بهتر خدمت يقيني بڻائن،هن سول سوسائٽي جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته پراڻو هالا ۾ درياهه سنڌ تي پل جي تعمير لاءِ قرارداد منظور ڪئي وئي آهي ۽ هر ممڪن تعاون جاري رکيو ويندو،مخدوم احمد الزمان وڌيڪ چيو ته ضلعي ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي سخت ضرورت آهي جڏهن ته اسپتالن ۾ بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان رابطا ڪيا ويا آهن ۽ ايم پي اي ۽ ايم اين اي پڻ ان سلسلي ۾ متعلقه حڪام سان رابطا ڪري رهيا آهن

ٽنڊي باڳي ۾ نئون ڪوٽ پوليس پاران يونس چانڊيو جي مبينه قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب اڳيان چانڊيا برادري پاران اعجاز چانڊيو،مبين چانڊيو،عمر چانڊيو ۽ مير اصغر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نئون ڪوٽ پوليس پاران يونس چانڊيو جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ تي سخت نعريبازي،احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڇڏينداسين:اڳواڻ

پوليس يونس چانڊيو جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجائي بچائي رهي آهي،قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي

ٽنڊو باگو(ڊ ت ر)ٽنڊو باگو ۾ چانڊيا برادري جي ماڻهن جو نئون ڪوٽ پوليس پاران قتل ٿيل يونس چانڊيو جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪجهه ڏينهن اڳ نئون ڪوٽ پرسان قتل ٿيل يونس چانڊيو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف ٽنڊو باگو پريس ڪلب اڳيان چانڊيا برادري پاران اعجاز چانڊيو، مبين چانڊيو عمر چانڊيو ۽ مير اصغر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي نئون ڪوٽ پوليس پاران يونس چانڊيو جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ تي سخت نعريبازي ڪندي گهر ڪئي وئي ته نئون ڪوٽ پوليس يونس چانڊيو جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجائي بچائي رهي آهي هنن ڊي آئي جي ميرپور خاص کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته يونس چانڊيو جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ چانڊيا برادري احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڇڏيندي

سکر ۾ عيدالفطر وڏي مذهبي جوش ۽ عقيدت سان ملهائي وئي،ٻه سئو کان وڌيڪ ننڍا وڏا اجتماع

عيد نماز جي اجتماعن ۾ عالمن پنهنجي خطابن ۾ عيدالفطر جي اهميت، ڀائيچاري، محبت ۽ اتحاد تي زور ڏنو

عيدگاهن، مسجدن ۽ کليل ميدانن ۾ نماز عيد جا وڏا اجتماع ٿيا،ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن شهر جي اهم هنڌن تي مقرر رهيا،ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ به خاص قدم کنيا ويا

سکر (بيورو رپورٽ)ملڪ جي ٻين شهرن جيان سکر ۾ به عيدالفطر وڏي مذهبي جوش ۽ عقيدت سان ملهائي وئي، جتي شهرين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ عيد نماز جي اجتماعن ۾ شرڪت ڪئي. ضلعي اندر ٻه سئو کان وڌيڪ ننڍا وڏا اجتماع منعقد ٿيا، جتي عالمن پنهنجي خطابن ۾ عيدالفطر جي اهميت، ڀائيچاري، محبت ۽ اتحاد تي زور ڏنو جڏهن ته ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون. سکر جي مرڪزي عيدگاهن، مسجدن ۽ کليل ميدانن ۾ نماز عيد جا وڏا اجتماع ٿيا، جتي نمازين هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي عيد جون مبارڪون ڏنيون. نماز کان پوءِ شهر ۾ خوشيءَ جو ماحول ڏسڻ ۾ آيو ٻارڙا نون ڪپڙن ۾ خوش نظر آيا جڏهن ته وڏن به روايتي انداز ۾ عيد جون خوشيون ملهايون. پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه سميت اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه، سيد زيرڪ خورشيد شاهه، ڪميل حيدر شاهه، محمد علي شيخ، ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ، ڊاڪٽر آفتاب سومرو ۽ ٻين مختلف هنڌن تي عيد نماز ادا ڪري عوام سان مليا ۽ عيد جون مبارڪون ڏنيون. ضلعي انتظاميا پاران عيد جي موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن شهر جي اهم هنڌن تي مقرر رهيا، جڏهن ته ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ به خاص قدم کنيا ويا. سڄي شهر ۾ امن امان جي صورتحال تسلي بخش رهي ۽ ڪوبه اڻوڻندڙ واقعو پيش نه آيو عيدالفطر جي موقعي تي ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن پاران صفائي سٿرائي جا به خاص انتظام ڪيا ويا، جيئن شهرين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي. مجموعي طور تي سکر ۾ عيدالفطر جو ڏهاڙو پرامن، خوشگوار ۽ روايتي جوش جذبي سان ملهايو ويو

سجاول ۾ يوم پاڪستان جي موقعي تي مختلف هنڌن تي شاندار ريليون

شهرين، سماجي ۽ سرڪاري ادارن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

قومي جهنڊا کڻي پاڪستان سان والهانہ ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

اهم ڏينهن آهي،جيڪو اتحاد،قرباني ۽ قومي يڪجهتي جو درس ڏئي ٿو:اڳواڻ

سجاول(ڊ ر)سجاول ۾ 23 مارچ يوم قرارداد پاڪستان جي موقعي تي مختلف هنڌن تان شاندار ريليون ڪڍيون ويون، جن ۾ شهرين، سماجي ۽ سرڪاري ادارن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري وطن سان محبت جو اظهار ڪيو.خبر موجب سني رابطه ڪونسل سجاول جي اهتمام هيٺ "سلام پاڪستان ريلي" جامع مسجد خالد بن وليد سجاول کان حافظ رياض احمد ميمڻ جي قيادت ۾ ڪڍي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ قومي جهنڊا کڻي پاڪستان سان والهانہ ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو ريلي کي خطاب ڪندي محمد الياس فاروقي ۽ عاشق علي رحمون چيو ته پاڪستان جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ پوري قوم متحد آهي ۽ هر وقت تيار بيٺي آهي. هنن چيو ته ملڪ دشمن عنصرن پاران پاڪ فوج ۽ قومي ادارن خلاف ڪيل بي بنياد پروپيگنڊا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. هنن واضح ڪيو ته عوام پنهنجي سلامتي ادارن سان گڏ بيٺل آهي ۽ هر سازش کي ناڪام بڻائيندو. ٻئي طرف يوم پاڪستان جي موقعي تي ڊاڪٽر انور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سول اسپتال سجاول مان پڻ هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ فاضل سومرو فهيم ميمڻ سميت اسپتال جي عملي ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا کڻي "پاڪستان زنده باد" ۽ "افواج پاڪستان زنده باد" جا نعرا هنيا، جنهن سان فضا حب الوطني جي جذبي سان گونجندي رهي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي، جيڪو اتحاد، قرباني ۽ قومي يڪجهتي جو درس ڏئي ٿو ۽ اهڙيون سرگرميون نئين نسل ۾ حب الوطني کي هٿي ڏين ٿيون. ٻئي ريليون پرامن ماحول ۾ پنهنجي مقرر ڪيل رستن تان گذري پنهنجي منزل تي پهچي اختتام پذير ٿي ويون

سڪرنڊ ۾ ڪائونسلر نور احمد رند هندو برادري وٽ گهر گهر وڃي عيد جي مٺائي پيش ڪئي

سڪرنڊ (س ر)ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي ڪائونسلر نور احمد رند عيدالفطر جون خوشيون غير مسلم ڪميونٽي سان شيئر ڪرڻ لاءِ پنهنجي وارڊ (1) جي هندو برادري وٽ گهر گهر وڃي کين عيد جي مٺائي تحفي طور پيش ڪئي ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته توڙي جو عيد جي خوشي اسان مسلمانن جي آهي پر مونکي خوشيون ٻين سان ونڊڻ ۾ ٻيڻي خوشي ٿيندي آهي ان ڪري انسانيت خاطر هندو برادريءَ ۾ مٺائي ورهائي آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته غريب ۽ مستحق مسلمان پورهيتن کي پڻ عيد جا ڪپڙا وٺي ڏنا ته جيئن هو به نوان ڪپڙا پائين ۽ منجهن احساس محرومي پيدا نه ٿئي هن اهو پڻ ٻڌايو ته ڪوشش هوندي آهي ته هر سال اهي خوشيون ورهايان جنهن جي ڪافي سال ٿي چڪا آهن آئنده به الله سائين همت عطا ڪندو سندس ان عمل کي سڪرنڊ پريس ڪلب پاران ساراهيو ويو آهي ؛

سيٺارجا ۾ ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي الزام هيٺ گهوٽ،ڪنوار ۽ مولوي سميت چار ڄڻا گرفتار

گهوٽ ڪنوار ۽ ٻين جي گرفتاري سيٺارجا پوليس ظاهر ڪرائڻ کان لنوائڻ لڳي،چائلڊ ميرج ايڪٽ تحت 6 ڄڻن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ نوح پوٽا ۾ ڪارروائي ڪندي گهوٽ اياز ۽ ڪنوار نسيم نوجوٽو، نڪاح خوان عبدالڪريم ۽ نينگري جي والد عطا حسين کي گرفتار ڪيو آهي:ذريعا

عطا حسين نوجوٽو پنهنجي 13 سالا نياڻي نسيم جي نوجوان اياز ولد باڊل نوجوٽو سان نڪاح ڪرايو: سيٺارجا پوليس

ڪاروائي ڪري ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي واقعي جو 6 جوابدارن خلاف چائلڊ ميرج ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

سيٺارجا(ن ع)سيٺارجا پوليس پاران ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي الزام هيٺ گهوٽ ،ڪنوار ۽ نڪاح پڙهندڙ مولوي سميت چار ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو چائلڊ ميرج ايڪٽ تحت 6 ڄڻن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو گهوٽ ڪنوار ۽ ٻين جي گرفتاري سيٺارجا پوليس ظاهر ڪرائڻ کان لنوائڻ لڳي،سيٺارجا پوليس هڪ اطلاع تي ڳوٺ نوح پوٽا ۾ ڪاروائي ڪندي هڪ ننڍي عمر جي نينگري جي شادي ڪرائڻ جي الزام هيٺ گهوٽ اياز ۽ ڪنوار نسيم نوجوٽو کي تحويل ۾ وٺي سميت نڪاح خوان مولوي عبدالڪريم ۽ نينگري جي والد عطا حسين سميت چار ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور جي حڪم تي گرفتار ٿيلن سميت 6 ڄڻن مٿان چائلڊ ميرج ايڪٽ تحت 6 ڄڻن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جو گهوٽ ۽ نينگري جي وارثن سميت نڪاح خوان مولوي سميت 6 ڄڻن جن ۾ مور علي ايوب ۽ خادم حسين پڻ شامل آهن جن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ننڍي عمر جي گهوٽ ڪنوار کي پڻ سيٺارجا پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي پوليس موجب سيٺارجا پرسان ڳوٺ نوح پوٽا جو رهواسي عطا حسين نوجوٽو پنهنجي 13 سالا نياڻي نسيم جي نوجوان اياز ولد باڊل نوجوٽو سان نڪاح ڪرايو جنهن جو اطلاع مليو جنهن تي ڪاروائي ڪري ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي واقعي جو 6 جوابدارن خلاف چائلڊ ميرج ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

سيٺارجا لڳ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو

لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب غلام مهدي،عبدالرزاق،سراج ۽ احمد رضا زخمي ٿي پيا

مخالف ڌر پلاٽ جي معاملي تان اسان جي گهرن مٿان حملو ڪيو:غلام مهدي

سيٺارجا(ن ع)سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي بخش لنڊ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي سلسلي ۾ عيد جي ٻئي ڏينهن جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب هڪ ڌر جا 4 ڄڻا غلام مهدي، عبدالرزاق، سراج احمد ۽ احمد رضا لنڊ سميت ڪجهه عورتون پڻ زخمي ٿي پيون جڏهن ته ٻي ڌر جو پڻ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو جن مان هڪ ڌر جي زخمين کي سيٺارجا اسپتال بعد تعلقه اسپتال ميرواهه منتقل ڪيو ويو زخمين ۽ غلام مهدي سراج وارن جو الزام آهي ته مخالف ڌر پلاٽ جي معاملي تان اسان جي گهرن مٿان حملو ڪيو سيٺارجا پوليس موجب واقعي جي اطلاع تي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

* * *

اجرڪ ڪالوني ٽنڊي محمد خان ۾ سنڌو تهذيب جو ڏهاڙو ملهايو ويو

هزارين سالن کان وجود رکندڙ سنڌ تهذيبن جي ماءُ آهي:اعجاز جسڪاڻي

عظيم ۽ قديم ترين تهذيب جي تاريخي جوهر کي اجاگر ڪرڻ فرض آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان جي چيئرمين پاران پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هال لڳ اجرڪ ڪالوني ٽنڊي محمد خان ۾ سنڌو تهذيب جو ڏهاڙو ملهايو ويو تقريب کي سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽري ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيئرمين جي صدر اعجاز علي جسڪاڻي، اظهر پٽي، آغا جان آغا، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، عاشق علي ڳاهو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هزارين سالن کان وجود رکندڙ سنڌ تهذيبن جي ماءُ آهي سنڌو تهذيب ڪائنات جي عظيم ۽ قديم ترين تهذيب آهي، جنهن تهذيب جي تاريخي جوهر کي اجاگر ڪرڻ اسان سڀني جو اولين فرض آهي. هنن چيو ته اڄوڪو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي تاريخي ۽ آفاقي اهميت ۽ حيثيت کي اجاگر ڪرڻ ۽ نوجوان نسل کي پنهنجي تهذيبي تاريخ کان واقف ڪرڻ آهي ان موقعي تي سنڌو تهذيب جي ڏهاڙي جي خوشيءَ ۾ ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو جڏهن ته رمضان آزاد لغاري، شاهه زمان قريشي شاعري ۾ پيغام پيش ڪيا ۽ چنگ نواز حاڪم علي سولنگي ۽ فضل لغاري خوبصورت شرڪيريا

ٽنڊو محمد خان جي ڦليلي ڪئنال مان 35 سالا نامعلوم نوجوان لاش هٿ

لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي رضاڪارن جي مدد سان ڪيڏي اسپتال منتقل ڪيو

سڃاڻپ ڏڙي واسي رسول بخش چوهاڻ طور ٿيڻ تي لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڦليلي ڪئنال مان 35 سالا نامعلوم نوجوان لاش هٿ آيو ، سڃاڻپ ڏڙي واسي رسول بخش چوهاڻ طور ڪئي وئي ، ٽنڊو محمد خان شهر جي ڦليلي ڪئنال ۾ 35 سالا نامعلوم شخص جو لاش لڙهندي ڏٺو ويو ، شهرين جي اطلاع تي پوليس سفت جي رضاڪارن جي مدد سان لاش کي پاڻي مان ٻاهر ڪڍرائي ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ پهچايو ، جتي لاش جي سڃاڻپ سجاول ضلعي جي ڏڙي کان آيل وارثن رسول بخش ولد حسين بخش چوهاڻ طور ڪئي ، جنهن ۾ وارثن ٻڌايو ته اسان جو نوجوان ڏڙي کان عيد واري ڏينهن پنهنجي عزيزن سان ملڻ لاءِ آيو هو جنهن جو لاش عيد جي 3 ڏينهن وري ڦليلي ڪئنال مان هٿ آيو ، اطلاع تي اسان پهچي لاش کي سرڪاري اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد ڏڙي شهر کڻي وڃي رهيا آهيون ، فوتي جي ڏڙي جي پنهنجي ابائي قبرستان ۾ رات دير سان تدفين ٿيندي ، جنهن ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته نوجوان جو دماغي توازن درست نه هو ، پوليس جو چوڻ آهي ته اسان وٽ وارثن طرفان ڪو به فرياد داخل نه ڪرايو ويو آهي وارث پاڻ سرڪاري اسپتال مان ضروري ڪاروائي ڪرائي لاش کي پنهنجي ڏڙي شهر کڻي ويا . جڏهن ته اهو به ٻڌايو وڃي پيو ته ڦليلي ڪئنال ۾ لاش ڏسي شهرين 1122 ريسڪيو وارن کي موبائيل فون تي اطلاع ڪيو پر ريسڪيو جي ٽيم 2 ڪلاڪ پهچي نه سگهي



ٽنڊو محمد خان : واپاري تنظيم تاجران جا اڳواڻ حاجي محمد اسماعيل واپاري تنظيم جي فيصل ڪريم شيخ تي داخل ايف آءِ آر خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي

مٺي ۾ صحافين پ پ پ تعلقي صدر سراج سومرو ۽ دادن هنگورجو سان تعزيت ڪئي

مٺي (ڊ ر)مٺي جي صحافين سماجي ۽ سياسي اڳواڻن سينيئر صحافي ننڌلال لوهاڻو نانڪرام ميگهواڙ رڪاڊو انجنيئر جمن لال ڊاڀاڻي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امر اوڏاڻي، الهڙايو هنگورجو ۽ ٻين ڳوٺ گوڏيار پهچي پ پ پ تعلقي مٺي جي صدر سراج سومرو سان سندس ماسي جي انتقال ۽ پ پ پ اڳواڻ دادن هنگورجو سان سندس ڳوٺ بگهار پهچي سندس پيءُ جي انتقال تي تعزيت ڪئي ۽ ڏک ونڊيو جڏهن ته پ پ پ ايم پي اي ڊاڪٽر ڪٽومل جيوڻ پڻ هنن سان تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي آهي

شهدادڪوٽ جي پ پ پ اڳواڻن جي ايم اين اي خورشيد جوڻيجو سان ملاقات

شهدادڪوٽ (ڊ ر)پ پ پ تعلقه صدر مير آصف علي لغاري , نائب صدر مير دريا خان مستوئي سميت ٻين اڳواڻن پ پ پ اڳواڻ ۽ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلع ڪائونسل جي چيئرمين ۽ پ پ پ صدر قمرالدين گوپانگ سان ملاقات ڪري کين عيد جون واڌايون پيش ڪيون ان موقعي تي پ پ جي اڳواڻن کين تعلقه شهدادڪوٽ جي مسئلن ۽ پ پ پ ڪارڪنن جي درپيش مسئلن کان کين آگاهه ڪيو ويو ان موقعي تي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو چيو ته شهر جي ڊرينيج سسٽم جي بهتر تعمير , واٽر سپلاءِ جي توسيعي منصوبي سميت ۽ بيوٽيفڪيشن پلان جي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزانو عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلشر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 24 مارچ 2026ع

پيٽروليم جي نئين پاليسي!

وزيراعظم ميان شهباز شريف جي صدارت هيٺ وڊيو لنڪ ذريعي ٿيل اهم اجلاس ۾ حڪومت هڪ اهڙو فيصلو ڪيو آهي جيڪو معاشي انصاف، وسيلن جي منصفاڻي ورهاست ۽ عوامي رليف جي دعوائن کي نئون رُخ ڏئي ٿو. اجلاس ۾ امير ترين طبقي جي استعمال هيٺ اينڊ لگزري گاڏين لاءِ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين فيول تي ليويءَ ۾ وڏو اضافو منظور ڪيو ويو. اڳ ۾ لاڳو 100 رپيا في ليٽر ليويءَ کي وڌائي وڌيڪ 200 رپيا شامل ڪيا ويا آهن جنهن ڪانپوءِ هاڻي هاءِ آڪٽين فيول تي مجموعي ليوي 300 رپيا في ليٽر ٿي وئي آهي. اهو قدم رڳو ٽيڪنيڪل تبديلي ناهي پر معاشي پاليسيءَ جي ترجيحن جو واضح اظهار پڻ آهي. وزيراعظم نوٽيس ورتو آهي ته هاءِ آڪٽين فيول گهڻو ڪري مهانگين ۽ لگزري گاڏين ۾ استعمال ٿئي ٿو جيڪي معاشري جي امير ترين طبقي وٽ آهن. اهڙي پسمنظر ۾ حڪومت جو دليل آهي ته ملڪ کي درپيش مالي دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ بار انهن طبقن تي وڌو وڃي جيڪي ادائيگيءَ جي سگهه رکن ٿا. هن فيصلي سان حڪومت کي ماهوار لڳ ڀڳ 9 ارب رپين جي بچت متوقع آهي ۽ وزيراعظم جي هدايت موجب اها بچت سڌي يا اڻ سڌي ريت عوامي رليف تي خرچ ڪئي ويندي.

اها پاليسي معاشي انصاف جي تصور سان ٺهڪي اچي ٿي ته هڪ پاسي هيٺين ۽ وچولي طبقي جي استعمال هيٺ عام پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته ٻئي پاسي لگزري استعمال تي اضافي مالي بار وڌايو ويو آهي. اهڙي طريقيڪار سان حڪومت اهو پيغام ڏئي رهي آهي ته مهانگائيءَ جي اثرن کان عام شهريءَ کي بچائڻ ترجيح آهي جڏهن ته آسائشون استعمال ڪندڙ طبقو وڌيڪ ذميواري کڻي. خاص ڳالهه اها به آهي ته ان فيصلي سان پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ هوائي سفر جي ڪرائين تي ڪو به اثر نه پوندو. يعني روزاني ڪم ڪار، تعليم، روزگار ۽ ڪاروباري سفر ڪندڙ لکين ماڻهن لاءِ خرچن ۾ اضافي جو خطرو گهٽايو ويو آهي. هيءُ پهلو عوام دوست حڪمت عمليءَ طور ڏٺو پيو وڃي، ڇو ته مهانگي ٽرانسپورٽ جو اثر سڌي طرح خوراڪ، سامان ۽ خدمتن جي اگهن تي پوندو آهي. وزيراعظم اڳ ٿي هاءِ آڪٽين فيول جي اگهن بابت نوٽيس وٺي لاڳاپيل وزارتن کي جامع لائحه عمل تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. اجلاس ۾ اهم وفاقي وزيرن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي، جن ۾ اعظم نذير تارڙ، محمد اورنگزيب، عطاءُ الله تارڙ ۽ علي پرويز ملڪ شامل هئا. وزيرن جي موجودگي فيصلي جي اهميت ۽ بين الوزارتي هم آهنگيءَ کي ظاهر ڪري ٿي تنهن هوندي به انرجي شعبي سان لاڳاپيل هڪ ٻي خبر عام واهپيدارن لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي وئي آهي. عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن سبب ملڪ ۾ گاسليٽ 70 رپيا 73 پئسا في ليٽر مهانگو ڪيو ويو آهي، جنهن بعد نئين قيمت 428 رپيا 74 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. ياد رهي ته گذريل هفتي به 39 رپيا 20 پئسا اضافو ٿيو هو. اهڙي ريت رڳو ٻن هفتن اندر گاسليٽ لڳ ڀڳ 120 رپيا في ليٽر مهانگو ٿي چڪو آهي جيڪو گهڻو ڪري گهٽ آمدنيءَ وارن علائقن، ڳوٺاڻن گهرن ۽ انهن صارفين طرفان استعمال ڪيو ويندو آهي، جتي گيس يا بجليءَ جون سهولتون محدود آهن. اهڙي صورت ۾ گاسليٽ جي اگهن ۾ واڌ سماجي ۽ معاشي اثر ڇڏيندي. حڪومت لاءِ ضروري آهي ته هڪ پاسي لگزري استعمال تي ٽيڪس وڌائڻ جهڙا فيصلا جاري رکي ته ٻئي پاسي بنيادي ضرورتن سان لاڳاپيل ٻارڻ تي رليف يا ٽارگيٽيڊ سبسڊيءَ جا طريقا پڻ اختيار ڪري.

معاشي پاليسين جو اصل امتحان تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اهي انصاف، استحڪام ۽ عوامي ڀلائيءَ جي وچ ۾ توازن قائم ڪن. هاءِ آڪٽين فيول تي ليوي وڌائڻ وارو قدم ظاهري طور "جيڪو وڌيڪ وسيلن وارو آهي، سو وڌيڪ حصو ڀري" واري اصول سان ٺهڪي ٿو پر ساڳئي وقت گاسليٽ جهڙين بنيادي شين جي اگهن ۾ اضافو حڪومت کان وڌيڪ حساس، همدرد ۽ هدف بند قدمن جي تقاضا ڪري ٿو. اڄ جي صورتحال ۾ شفافيت پڻ انتهائي اهم بڻجي وئي آهي، ڇو ته حڪومت کي واضح ڪرڻ گهرجي ته 9 ارب رپين جي ماهوار بچت ڪهڙن منصوبن تي خرچ ٿيندي؟ ڪهڙي طبقي کي ڪهڙو سڌو فائدو ملندو ۽ مهانگائيءَ جي دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ ڪهڙا عملي قدم کنيا ويندا؟ جيڪڏهن عوام کي رليف جا اثر نظر ايندا ته پاليسين تي اعتماد وڌندو، ٻي صورت ۾ سٺا قدم به تنقيد جي ور چڙهي سگهن ٿا. بهرحال هاءِ آڪٽين فيول تي ليوي ۾ اضافو هڪ اهم معاشي سگنل آهي ته آسائش تي خرچ ڪندڙ طبقو قومي بار ۾ وڌيڪ حصو وجهي سگهي ٿو پر حڪومت کي ساڳي سنجيدگيءَ سان بنيادي ضرورتن جي تحفظ، غريب ۽ وچولي طبقي جي سهائتا ۽ اگهن جي استحڪام تي پڻ ڌيان ڏيڻو پوندو. متوازن پاليسيون ئي پائيدار معاشي بهتريءَ جو رستو هموار ڪنديون.

Note from Europe

محدود حدن کان ٻاهر نڪري عالمي اُفق تائين پهچندڙ سنڌي قوم!


عبدالله عثمان مورائي

سنڌي ماڻهن بابت اڪثر چيو ويندو آهي ته هو پنهنجن گهرن ۽ آرامده زندگين، يعني ڪمفرٽ زون کان ٻاهر نڪرڻ پسند نٿا ڪن. ڪجهه حد تائين اها ڳالهه صحيح به لڳي ٿي، ڇاڪاڻ ته سنڌي سماج تاريخي طور پنهنجي ڌرتي، ڳوٺن، ڪٽنبن ۽ روايتن سان گهري وابستگي رکي ٿو ۽ رکندو اچي پيو. اڳي ڪيترن ئي خاندانن وٽ ايترو هوندو هو جو روزمره جي زندگي سولائيءَ سان گذرندي هئي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ چيو ويندو آهي ته "ماني مڇيءَ وارو خاندان يا گهر يا ماني مڇيءَ واري زندگي"، يعني گهر ۾ ماني ۽ مڇي موجود آهي، جيڪا پنهنجي بقا لاءِ ڪافي آهي. ٻين لفظن ۾ ان کي ائين به چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن گهر ۾ سُک، شانتي ۽ ماني ميسر آهي ته پوءِ پرديس وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ پر جيڪڏهن تاريخ جا ورق ورائجن ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي هميشه کان رڳو ڪمفرٽ زون واري زندگي گذاري نه رهيا آهن ۽ تاريخي طور تي هيءَ ڳالهه غلط ثابت ٿئي ٿي.

شاهه لطيف ۽ سامونڊي سفر: اڄ کان ٽي چار سئو سال اڳ سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ، شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاهڪار تصنيف "شاهه جو رسالو" ۾ خاص طور تي سُر سامونڊيءَ ۾ انهن سنڌين جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي واپار لاءِ ڏورانهن ملڪن جا سفر ڪندا هئا. لطيف سائين سنڌي سامونڊي واپارين، وڻجارن، ملاحن ۽ مسافرن جي جدوجهد، اميدن ۽ قربانين کي سنڌس شاعريءَ ۾ ڪين پيتا پيش ڪئي آهي ۽ جيڪي ڪاروبار لاءِ پري پري تائين سفر ڪندا هئا، تن کي امر ڪري ڇڏيائين. هيءُ واضح ثبوت آهي ته سنڌي واپار ۽ روزگار لاءِ پرڏيهه وڃڻ کان واقف هئا. ممڪن آهي ته انهن مان گهڻا هندو سنڌي واپاري رهيا هجن پر مجموعي طور سنڌ جي ڌرتي اهڙن ماڻهن کي جنم ڏنو جيڪي سمنڊ پار ڪري دنيا سان ناتا جوڙيندا هئا، معنيٰ ته سچي سنڌ ۾ شعور ۽ وڃڻ جو جذبو موجود هو.

گهر سان لڳاءُ، مجبوري يا پسند؟: تمام گهڻا سنڌي ماڻهو گهر ڇڏڻ کان ان ڪري به ڪيٻائيندا رهيا، ڇو ته سنڌ بنيادي ضرورتون ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ئي پوريون ٿي وينديون هيون. ٻاهر وڃڻ جو مطلب هوندو هو ڊگهو عرصو ڪٽنب کان پري رهڻ، جيڪو سنڌي سماج لاءِ ڏکيو فيصلو هوندو هو انهيءَ ڪري ڪيترائي سنڌي ماڻهو وڏن شهرن ۾ رڳو ٿوري وقت لاءِ ويندا هئا. يعني ڪنهن ڪم ڪار سانگي واپار يا ملاقاتن لاءِ ۽ پوءِ واپس پنهنجي ڳوٺ يا شهر موٽي ايندا هئا. **وقت جو بدلجڻ ۽ تبديليءَ جا ڪارڻ:** وقت سان گڏ حالتون تبديل ٿيون. وقت بدليو ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ معاشي سرگرمين ۾ گهٽتائي سنڌ جي ڀهراڙين کي متاثر ڪيو. پاڻيءَ جي کوٽ جا مسئلا، امن امان جي خراب صورتحال، وڌندڙ آبادي، خاندانن جو وڌڻ، ابائي زمينن جي ورڇ ۽ اعليٰ تعليم جو شوق اهي محرڪ بڻيا، جن سنڌي ماڻهوءَ کي نئين راهه ۽ نوان رستا ڳولڻ تي مجبور ڪيو. ان سان گڏوگڏ ساڳئي وقت پاڪستان اندر رهندڙ ٻين قومن پاران ڪيل طنز، ٺٺول ۽ طعنا ته "سنڌي گهر کان ٻاهر نٿا نڪرن" سنڌي نوجوانن لاءِ هڪ چيلينج بڻجي ويو ته هو پاڻ کي ملڪي ۽ علمي سطح تي ثابت ڪري ڏيکارين.

سڄي دنيا ۾ اڄ جو سنڌي ۽ عالمي دنيا: اعليٰ تعليم جي تڙپ ۽ تحقيق جو جذبو سنڌين کي اڳتي وڌائي رهيو آهي اڄ جو سنڌي مختلف آهي پاڻ کي اڄوڪو سنڌي نوجوان ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون دنيا جي هر ڪنڊ ۾ ملن ٿا. يورپ ۾ هزارين سنڌي شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ڪيترائي اتي نوڪريون ڪري ميزبان ملڪن جو حصو بڻجي چڪا آهن. پاڪستان اندر به سنڌي وڏن شهرن ڏانهن منتقل ٿيا آهن. خاص طور تي ڪراچي يا اسلام آباد ۾ سنڌين جي نمايان موجودگي نظر اچي ٿي اهو سڀ ڪجهه ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هاڻي سنڌي قوم گهر تائين محدود ناهي رهي اڄڪلهه پاڻ کي سنڌي دبئي ابوظهبي سعودي عرب ۽ مسقط ۾ ڪاروبار، نوڪريون ۽ سروسز انجام ڏيندي ملندا برطانيا جي مختلف شهرن ۾ صحت، فنانس، آءِ ٽي ۽ ڪاروبار ۾ سرگرم نظر ايندا آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ ٽيڪنالاجي، طب، انجنيئرنگ ۽ تحقيق جي شعبن سان سلهاڙيل آهن سنگاپور، هانگ ڪانگ، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ وري اهي پراڻين واپاري روايتن کي زنده رکيو اچن. مزي جي ڳالهه ته ڪينيا، ڏکڻ آفريقا، ڪينيا، يوگينڊا، روانڊا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن جهڙوڪ چلي ۾ به سنڌي ڪميونٽيون موجود آهن. جتي هو ڪاروبار سان لاڳاپيل آهن دنيا جي ٻين ملڪن مثال طور چين، آسٽريليا، نيوزيلينڊ، جرمني ۽ اٽليءَ ۾ سنڌي شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ اتي جي سماج ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن دنيا جي مختلف ٻيٽن تي به سنڌين جا قدم پهچي يا ڄمي چڪا آهن.

عزت ۽ وقار جو قانوني رستو: هڪ اهم ۽ خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي ته گهڻا سنڌي ماڻهو قانوني ۽ عزت واري طريقي يعني شاگرد ويزا، ڪاروبار يا نوڪري ڪرڻ جي ويزا ۽ جائز هجرت جي ذريعن سان ٻاهر وڃڻ کي ترجيح ڏين ٿا. سنڌين ۾ "ڊنڪي" (غير قانوني لڏپلاڻ) يا خطرناڪ طريقن سان ٻاهر وڃڻ عام ناهي جنهن جا ثبوت تمام گهٽ ملن ٿا ۽ نه ئي اهڙي عمل کي همٿايو وڃي ٿو. قانوني رستو اختيار ڪرڻ نه رڳو ذاتي وقار آهي پر پوري قوم جو نالو روشن ڪرڻ به آهي. جيڪڏهن ڪو هڪ شخص غلط رستو (غير قانوني لڏپلاڻ) اختيار ڪري ٿو ته ان جو الزام پوري قوم تي لڳي ٿو. تنهنڪري اڄوڪي سنڌي نوجوان جو هيءُ "صاف ۽ قانوني رستو" انهن ٻين نوجوانن لاءِ راهه هموار ڪري رهيو آهي جيڪي مستقبل ۾ علمي برادريءَ جو حصو بڻجڻ چاهين ٿا. آخر ۾ جوڙ جو حاصل مقصد ته ڪڏهن ڪڏهن قومن کي

آبناءِ هرمز بحران: جنگي چڪتاڻ، معاشي ڌڪ ۽ عالمي بيچيني!

اشتياق احمد

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ڏنل 48 ڪلاڪن جي ڊيڊ لائين ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي، جنهن دوران ايران کان مطالبو ڪيو ويو ته آبناءِ هرمز کي مڪمل طور تي جهاز راني لاءِ کوليو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت ڪارروائي ٿيندي. ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي "طاقت ذريعي امن" جو نعرو ڏيندي واضح ڪيو ته آمريڪا پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ سخت قدم کڻڻ کان نه ڪيٻائيندو.

هيءُ بيان روايتي سفارتڪاريءَ کان هٽي هڪ جارحاڻي حڪمت عمليءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو جتي ڳالهين بدران طاقت جي نمائش کي ترجيح ڏني پئي وڃي. آمريڪا جو موقف آهي ته عالمي واپار ۽ تيل جي رسد ۾ ڪنهن به رڪاوٽ کي برداشت نه ڪيو ويندو. ٻئي پاسي ايراني صدر مسعود پزشڪيان نرم مگر سخت لهجي ۾ جواب ڏيندي چيو آهي ته آبناءِ هرمز سڀني لاءِ کليل آهي، سواءِ انهن قوتن جي، جيڪي ايران جي خودمختياريءَ جي ڀڃڪڙي ڪري رهيون آهن. ايران جي ان موقف مان صاف ظاهر آهي ته هو پاڻ کي دفاعي پوزيشن ۾ پيش ڪري رهيو آهي، جڏهن ته آمريڪا ان کي دٻاءُ واري حڪمت عمليءَ طور ڏسي رهيو آهي.

ايران واضح ڌمڪي ڏني آهي ته جيڪڏهن سندس ساحلي علائقن يا ٻيٽن تي حملو ٿيو ته هو نار جي ملڪن ۾ بارودي سرنگهون وڇائي سامونڊي واپار کي معطل ڪري سگهي ٿو اهڙي قسم جي ڪارروائي نه صرف فوجي چڪتاڻ وڌائيندي پر عالمي معيشت لاءِ تباهه ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿي. رياستي ذريعن موجب ايران جي دفاعي ڪائونسل اهڙي هنگامي حڪمت عمليءَ تي غور ڪري رهي آهي، جنهن تحت سامونڊي لنگهن کي بند ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جون بارودي سرنگهون استعمال ڪيون وينديون. انهن ۾ اهڙيون سرنگهون به شامل آهن جيڪي ساحل تان ڇڏيون وينديون ۽ پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ترنديون رهنديون. اهڙي صورتحال سامونڊي سلامتيءَ لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي، ڇو ته بارودي سرنگهون رڳو فوجي جهازن لاءِ نه پر واپاري جهاز رانيءَ لاءِ به وڏو خطرو بڻجي ٿيون. عالمي واپار جو وڏو حصو هن سامونڊي رستي تان گذرندو آهي، تنهنڪري ڪنهن به رڪاوٽ جا اثر دنيا جي هر معيشت تي پوندا.

آمريڪا جا ميڊيا اداري Axios هڪ اهم دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا ايران تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ ان جي اهم تيل برآمدي مرڪز خارگ ٻيٽ تي قبضي يا محاصري جي منصوبابنديءَ تي غور ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن اهڙو قدم کنيو ويو ته اهو سڌي طرح معاشي جنگ جي برابر هوندو.

خارگ ٻيٽ ايران جي تيل جي برآمدات لاءِ ساهه واري رڳ جي حيثيت رکي ٿو. هتان ٿيندڙ برآمدات ايران جي معيشت لاءِ اهم آهن. ان مرڪز کي نشانو بڻائڻ سان ايران جي آمدنيءَ تي وڏو ڌڪ لڳي سگهي ٿو جيڪو خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ڪندو. ساڳئي وقت، ايران ۾ فوجي ڪارروائين جون خبرون به سامهون اچي رهيون آهن. ايراني صوبي ۾ واقع شهر تبريز تي حملن جي نتيجي ۾ جاني نقصان جون ٿيڻ جون رپورٽون شايع ٿيون آهن. رهائشي عمارتن ۽ عوامي هنڌن کي نشانو بڻائڻ سبب عام شهري به متاثر ٿيا آهن.

ايران جو موقف آهي ته انهن حملن ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل ملوث آهن. جڏهن ته واشنگٽن طرفان اهڙين خبرن تي محتاط ردعمل ڏنو ويو آهي. بهرحال سوشل ميڊيا تي تباهه ٿيل عمارتن جون تصويرون ۽ ڌماڪن جون وڊيوز صورتحال جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون. جنگي چڪتاڻ صرف فوجي محاذ تائين محدود ناهي رهي، عالمي معيشت تي به ان جا اثر نمايان ٿيڻ لڳا آهن. تيل جون قيمتون وڌڻ جو خدشو، واپار ۾ رڪاوٽون ۽ مهانگائيءَ جو طوفان ڪيترن ملڪن لاءِ وڏو چئلينج بڻجي چڪو آهي.

برطانيا جي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر هنگامي اجلاس گهرائيندي چيو آهي ته حڪومت مهانگائيءَ سان مقابلي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. اهو اجلاس لنڊن ۾ واقع ڪيبينيٽ آفس بريفنگ روم اي ۾ ٿيندو جتي بحرانن دوران اهم فيصلا ڪيا ويندا آهن.

اسٽارمر جو چوڻ آهي ته ماڻهو رڳو جنگ بابت پريشان ناهن پر ان ڳالهه کان به خوفزده آهن ته وڌندڙ مهانگائي سندن روزمره جي زندگيءَ کي ڪيئن متاثر ڪندي. توانائيءَ جي قيمتن ۾ اضافو، خوراڪ جي مهانگائي ۽ روزگار جا مسئلا عام ماڻهن لاءِ وڏو امتحان بڻجي رهيا آهن. اجلاس ۾ بينڪ آف انگلينڊ سميت اهم مالي ادارن جي شرڪت به ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته صورتحال کي رڳو سياسي نه پر معاشي بحران طور به ڏٺو پيو وڃي. حڪومت مهانگائيءَ جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ مالي پاليسين، سبسڊين ۽ هنگامي قدمن تي غور ڪري رهي آهي.

حقيقت ۾ آبناءِ هرمز تي چڪتاڻ عالمي توانائي مارڪيٽن کي سڌي طرح متاثر ڪري ٿي. دنيا جي وڏي تيل سپلاءِ هن سامونڊي رستي تان گذرندي آهي. جيڪڏهن اهو رستو بند ٿيو ته تيل جون قيمتون آسمان تي پهچي سگهن ٿيون جنهن سان ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪن ٻنهي جون معيشتون لوڏي سگهن ٿيون.

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ چڪتاڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي پر موجوده صورتحال وڌيڪ حساس آهي، ڇو ته ان ۾ سڌي فوجي ڪارروائي، معاشي پابنديون ۽ سامونڊي رستن جي سلامتي شامل آهي. جيڪڏهن ايران سامونڊي بارودي سرنگهون وڇائي ٿو ته اهو قدم عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي سمجهيو ويندو پر ايران ان کي پنهنجي دفاعي حڪمت عملي قرار ڏئي سگهي ٿو. ٻئي طرف آمريڪا اهڙي عمل کي عالمي سلامتيءَ لاءِ خطرو قرار ڏيندي فوجي جواب ڏئي سگهي ٿو.

اهو خطو اڳ ئي ڪيترن تڪرارن جو مرڪز رهيو آهي. نئين چڪتاڻ نه رڳو علائقائي استحڪام کي متاثر ڪندي پر عالمي سفارتڪاريءَ کي به آزمائش ۾ وجهي ڇڏيندي. سفارتڪاري هن وقت سڀ کان اهم ضرورت آهي. فوجي طاقت جو استعمال عارضي فتح ته ڏئي سگهي ٿو پر مستقل امن لاءِ ڳالهين، اعتماد سازي ۽ بين الاقوامي قانونن جي پاسداري لازمي آهي.

عالمي قوتن کي گهرجي ته هو معاملي کي وڌائڻ بدران ڳالهين ذريعي حل ڳولين. گڏيل قومن ۽ ٻين عالمي ادارن کي فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن خطي کي وڏي جنگ کان بچائي سگهجي. هيءُ وقت آهي ته عالمي برادري جذباتي ٿيڻ بدران عقل کان ڪم وٺي. سامونڊي رستا بند ڪرڻ، توانائي سپلاءِ روڪڻ ۽ فوجي ڌمڪيون ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهن.

آبناءِ هرمز جو بحران رڳو ٻن ملڪن جو تڪرار ناهي رهيو پر سڄي دنيا جي امن، معيشت ۽ استحڪام جو امتحان آهي. جيڪڏهن هوش کان ڪم نه ورتو ويو ته هڪ چڻنگ وڏي باهه ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. امن جو رستو طاقت جي نمائش مان نه پر گڏيل احترام، سفارتڪاري ۽ انصاف مان نڪري ٿو. دنيا اڳ ئي ڪيترن بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي، هڪ نئون عالمي تڪرار انسانيت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

صيهونيت، گريٽر اسرائيل ۽ آزاد فلسطين!

مبشر علي زيدي

اسان کي گهڻو ڪري خوف اڻڄاڻائيءَ جي بنياد تي هوندو آهي. جيڪو صحيح ڄاڻ ملڻ سان ختم يا گهٽجي سگهي ٿو. غلط فهمين ۽ افواهن سبب معاملن کي صحيح نموني سمجهي نٿو سگهجي. جنهن حساس مسئلي تي مان قلم کڻي رهيو آهيان، ان بابت نه رڳو ڪجهه ماڻهو گهٽ ڄاڻ يا غلط فهمين جو شڪار آهن ۽ ان کان به وڌي ڪري، ٻئي کان ڪا راءِ وٺڻ ته پري جي ڳالهه هو ڪجهه ٻڌڻ لاءِ به تيار ناهن. ايران سان جنگ جي ڪري ۽ خطي جي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ ڪجهه سوالن تي غور ڪرڻ ضروري آهي: اسرائيل ۽ آمريڪا ايراني حڪومت بدران "ايراني رجيم" ڇو چون ٿا ۽ ان کي ڇو بدلائڻ چاهين ٿا؟ گريٽر اسرائيل جو منصوبو ڪهڙو آهي ۽ ڇا اسرائيلي رياست ان تي عمل ڪري رهي آهي؟ يهودين ۽ صيهونين ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ ڇا فلسطين جو ٻه رياستي حل هاڻي ممڪن ناهي رهيو؟

اسان انهن سوالن کي نظرانداز ڪري رهيا آهيون ته جنگ يا ڪنهن تڪرار ۾ حق تي ڪير آهي ۽ مسئلا حل ڪيئن ٿيڻ گهرجن؟ ان حوالي سان مختلف ملڪن جي ماڻهن جو مختلف موقف آهي. جنهن جو هتي ذڪر ڪرڻ جو مناسب ناهي. ايران جو موجوده نظام "ولايتِ فقه" جي تصور تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ سموري طاقت سپريم ليڊر ۽ عالمن جي هڪ ڪائونسل وٽ هوندي آهي. انهن جي حمايت ڪانسواءِ ڪو به چوند نه ٿو وڙهي سگهي. ڪٽڻ جو مرحلو ته پوءِ اچي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت تبديل ٿيڻ سان پاليسيون تبديل نٿيون ٿي سگهن. جيستائين اهو رجيم يا نظام قائم آهي، ڪا وڏي تبديلي ممڪن ناهي. ايران انقلاب کان پوءِ مسلسل اسرائيل کي دنيا جي نقشي تان مٽائڻ جا بيان ڏيندو رهيو آهي ۽ انهيءَ جو اهو موقف ڪڏهن به تبديل ناهي ٿيو. اهو اسرائيلي رياست جي وجود لاءِ سڀ کان وڏو خطرو سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ اسرائيل ايران تي اڳواٽ حملو ڪرڻ کي جائز سمجهي ٿو.

اهو خيال صحيح ناهي ته صيهونيت هڪ مذهبي تحريڪ آهي ۽ ان جو مقصد گريٽر اسرائيل قائم ڪرڻ آهي. حقيقت ۾ يهودي به صرف مذهبي گروهه ناهن پر هڪ قوم آهن. جنهن جو پنهنجو مذهب آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيڪڏهن ڪو يهودي پنهنجو مذهب بدلائي به ڇڏي ته به نسلي طور يهودي ئي رهندو. ٻئي پاسي صيهونيت هڪ سياسي تحريڪ هئي. جيڪا 1890ع ۾ شروع ٿي هئي ۽ ان جو مقصد اسرائيلي رياست جو قيام هو. جيڪو 1948ع ۾ حاصل ڪيو ويو. موجوده صيهونيت جو مقصد صرف هن رياست جي بقا آهي.

گريٽر اسرائيل جو تصور قديم ناهه ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جنهن مطابق خدا حضرت ابراهيم سان نيل کان فرات تائين زمين جو واعدو ڪيو هو انهيءَ ڪري ان کي "پروميسڊ لينڊ" چيو ويندو آهي. ڪجهه مذهبي حلقن ۾ هن رياست جون حدون به بيان ڪيون ويون آهن پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته اهو مذهبي تصور آهي. اسرائيلي رياست جي سرڪاري پاليسي ناهي ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه سخت گير سياستدان ذاتي طور اهڙا بيان ڏيندا آهن پر اهو ائين آهي، جيئن ڀارت جا ڪجهه سياستدان پاڪستان تي قبضي جون ڳالهيون ڪندا آهن عملي طور اسرائيلي آئين يا سرڪاري پاليسيءَ ۾ اهڙو ڪو منصوبو شامل ناهي.

ان سان لاڳاپيل هڪ سوال اهو آهي ته ڇا اسرائيل مغربي ڪناري ۽ غزه کي ضم ڪرڻ چاهي ٿو؟ ان جو جواب به نه ۾ آهي. اسرائيل پنهنجي قيام کان بيت المقدس تي قبضي تائين اڻپورو سمجهندو هو. 1967ع جي جنگ ۾ هن بيت المقدس سان گڏ اردن کان مغربي ڪنارو، شام کان گولان جو علائقو ۽ مصر کان غزه ۽ سينا هٿ ڪيا. مصر 1979ع ۾ امن معاهدي تحت سينا واپس حاصل ڪيو بعد ۾ اسرائيل اردن کي مغربي ڪنارو ۽ مصر کي غزه واپس ڏيڻ جي آڇ ڪئي پر ٻنهي انڪار ڪري ڇڏيو. هن معاملي تي به راءِ موجود آهن ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته اردن ۽ مصر انهن علائقن کي مستقبل جي فلسطيني رياست لاءِ ڇڏي ڏنو. جڏهن ته ڪجهه مبصرن موجب فلسطيني ويڙهاڪن جي موجودگيءَ سبب انهن کي قبول نه ڪيو ويو. ان لاءِ اردن ۾ فلسطينين خلاف آپريشن ۽ ڪويت مان انهن جي نيڪالي جو مثال ڏنو وڃي ٿو.

1993ع ۾ اسرائيل ۽ ياسر عرفات جي پي ايل او وچ ۾ اوسلو معاهدو ٿيو. جنهن تحت ٻنهي هڪٻئي کي تسليم ڪيو ۽ ٻه رياستي حل تي اتفاق ڪيو ويو. ان کانپوءِ عبوري فلسطيني انتظاميه قائم ٿي ۽ مستقبل ۾ آزاد فلسطيني رياست جي اميد پيدا ٿي. بدقسمتيءَ سان هاڻي اهي امڪان تقريباً ختم ٿي چڪا آهن. 7 آڪٽوبر 2023ع تي حماس جي اسرائيل تي حملن کان پوءِ اهو منصوبو تقريباً ختم ٿي ويو آهي. اسرائيلي سياسي پارٽيون ۽ عوام جي اڪثريت هاڻي ان جي حمايت نٿو ڪري. انهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن سندن پاسي ۾ فلسطيني رياست قائم ٿئي ٿي ته اهڙا حملا جاري رهندا. اسرائيل مان اهڙا به آواز بلند ٿي رهيا آهن ته مغربي ڪناري ۽ خاص طور تي غزه مان فلسطينين کي ڪڍي ڇڏجي پر ان کي وڏي پيماني تي حمايت حاصل ناهي ۽ عملي طور اهو لڳ ڀڳ ناممڪن آهي.

جيڪڏهن موجوده حالتن جو جائزو وٺون ٿا ته صورتحال هڪ بند گهٽي جهڙي آهي اسرائيل کي ايٽمي طاقت بڻجڻ کان پوءِ ختم ڪرڻ ممڪن ناهي ۽ ٻه رياستي حل به ٻنهي ڌرين يعني اسرائيل ۽ حماس جهڙين فلسطيني تنظيمن کي قبول ناهي منهنجي خيال ۾ جنگ ذريعي ايراني رجيم کي به هٽائڻ لڳ ڀڳ ناممڪن آهي هن جنگ پوري دنيا کي معاشي بحران ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي پر ان کان به وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اها آهي ته ان مان ڪو واضح نتيجو نڪرڻ جو امڪان گهٽ آهي جيڪڏهن ايران ۽ اسرائيل پنهنجي پنهنجي موقف تي قائم رهن ٿا ته مستقبل ۾ ان کان به وڌيڪ خطرناڪ جنگيون ڏسڻ ۾ اچي سگهن ٿيون.

توانائيءَ جو بحران ۽ عالمي مالياتي ادارن جو دٻاءُ!

ميان عمران احمد

وفاقي حڪومت چيو ٿي ته ملڪ ۾ ربيع ۽ ايندڙ خريف جي فصلن لاءِ ڀاڻ (ڪلر) جي کوٽ پيدا ٿيڻ جو ڪوبه امڪان نه آهي. ظاهر ۾ اها ڳالهه دل کي سڪون ڏيندڙ لڳي ٿي، خاص ڪري اهڙي وقت ۾ جڏهن وچ اوڀر ۾ تڪرار وڌي تيزيءَ سان هلي رهيا آهن جيڪي سڄي دنيا جي توانائي (مثلاً تيل ۽ گيس) ۽ زراعت واري نظام لاءِ خطرو بڻجي ويا آهن پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا واقعي اسان جو زرعي نظام انهن عالمي حالتن کان محفوظ آهي يا نه؟ سرڪاري انگن اکرن موجب ملڪ کي جيتري يوريا ڀاڻ جي ضرورت هوندي آهي، ان مان لڳ ڀڳ 90 کان 95 سيڪڙو ملڪ اندر ئي تيار ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته باقي ٿورڙي مقدار ٻاهرين ملڪن مان گهرائي ويندي آهي اهڙي طرح ڊي اي پي ڀاڻ به ضرورت کان ٿوري وڌيڪ موجود ڊيڪاري پئي وڃي. جنهن مان لڳي ٿو ته سپلاءِ (فراهمي) جو نظام ٺيڪ هلي رهيو آهي پر هتي هڪ اهم ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي ته هن سڄي نظام جو دارومدار سستي ۽ لڳاتار ملندڙ گيس تي آهي اسان جي ملڪ ۾ ڀاڻ ٺاهڻ وارين فيڪٽرين روزانو وڏي مقدار ۾ گيس استعمال ڪن ٿيون (تقريباً 700 کان 800 ايم ايم سي ايف ڊي). جنهن مان گهڻي گيس سوئي ناردرن ڪمپني ذريعي ڏني وڃي ٿي. هاڻي جيڪڏهن دنيا ۾ حالتون خراب ٿين ٿيون، تيل ۽ گيس مهانگي ٿي وڃي يا سپلاءِ ۾ رڪاوٽ اچي وڃي ته پوءِ اسان وٽ به گيس جي فراهمي متاثر ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته اڄ جيڪا 'ڀاڻ ۾ خودڪفالت' نظر اچي رهي آهي اها شايد صرف عارضي ثابت ٿئي. هاڻي ڀاڻ جون قيمتون ملڪ ۾ عالمي مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهن جيڪا ڳالهه هارين لاءِ سٺي آهي پر اها سستي هئڻ جو سبب اهو آهي ته حڪومت سبسڊي ڏئي ٿي، گيس سستي ڏئي ٿي ۽ ڪجهه پاليسيون به مددگار آهن. جيڪڏهن عالمي دٻاءُ سبب اهي سهولتون گهٽ ٿي وڃن ته پوءِ ڀاڻ مهانگي ٿي سگهي ٿي ان جو سڌو اثر زراعت تي پوندو. فصل گهٽ ٿيندا يا مهانگا ٿيندا ۽ آخرڪار کاڌي پيتي جون شيون به مهانگيون ٿي وينديون. هتي هڪ ٻي اهم ڳالهه اها آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي: اسان جي ملڪ جي زرعي معيشت لڳ ڀڳ 21 کان 22 ملين هيڪٽر زمين تي پکڙيل آهي. جتي ربيع ۾ ڪڻڪ ۽ خريف ۾ چانور، ڪپهه ۽ ڪمند جهڙا اهم فصل پوکيا وڃن ٿا. انهن فصلن جي سٺي پيداوار لاءِ ڀاڻ جو وقت سِر ۽ مناسب مقدار ۾ ملڻ بلڪل بنيادي حيثيت رکي ٿو يعني ائين سمجهو ته ڀاڻ زراعت جي "ريڙهه جي هڏي" آهي. هاڻي جيتوڻيڪ موجوده انگ اکر ٻڌائين ٿا ته ڀاڻ جو ٿورو اضافي ذخيرو (بفر) موجود آهي پر اهو ذخيرو رڳو 5 کان 10 سيڪڙو تائين محدود آهي مطلب ته جيڪڏهن ڪو وڏو بحران اچي وڃي، مثال طور؛ گيس جي کوٽ يا عالمي مارڪيٽ ۾ مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته اهو ٿورو ذخيرو ڪافي نه ٿيندو تنهنڪري حڪومت جو اهو چوڻ ته ڀاڻ جي ڪا کوٽ ناهي في الحال ته صحيح لڳي ٿو پر ايندڙ وقت بابت پڪ سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي ان لاءِ ضروري آهي ته حڪومت صرف توانائي (گيس ۽ بجلي) جي پاليسي مضبوط نه ڪري پر زراعت ۾ مقامي وسيلا وڌائي، متبادل ڀاڻ (جهڙوڪ ناميات ڀاڻ) تي ڌيان ڏئي ۽ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ کي به وڌائي.

توانائيءَ جو بحران (خاص ڪري گيس ۽ بجلي جو مسئلو) پاليسي ٺاهيندڙن لاءِ وڏو چئلينج بڻجي سگهي ٿو آءِ ايم ايف حڪومت کي چيو ته صنعتن لاءِ گيس تي لڳل اضافي ٽيڪس (ليوي) گهٽ نه ڪيو وڃي ۽ نه ئي ڪجهه ڪارآمد پاور پلانٽن کي ان مان ڇوٽ ڏني وڃي. حڪومت چاهي ٿي ته صنعتن کي ڪجهه رليف ملي پر آءِ ايم ايف چوي ٿو ته گيس مهانگي ڪئي وڃي ته جيئن فيڪٽريون مجبور ٿين ته اهي قومي گرڊ مان بجلي وٺن. اهو معاملو ڏسڻ ۾ ننڍڙو لڳي ٿو پر اصل ۾ ڪافي پيچيده آهي پاڪستان ۾ اڳ ئي بجلي تمام مهانگي آهي. ان ڪري صنعتون سالن کان پنهنجي بجلي پاڻ ٺاهينديون رهيون آهن. هاڻي جيڪڏهن گيس به مهانگي ٿي وڃي ته صنعتن جي خرچن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ مهانگائي وڌندي، شيون مهانگيون ٿينديون، ايڪسپورٽ به متاثر ٿيندي. يعني هڪ فيصلو سڄي معيشت تي دٻاءُ وجهي سگهي ٿو. حڪومت جو خيال آهي ته جيڪي صنعتون گيس کي صحيح نموني استعمال ڪن ٿيون، انهن کي رعايت ملڻ گهرجي پر آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته گهڻا پلانٽ غير موثر آهن تنهنڪري انهن کي حوصلا افزائي ڪرڻ بدران روڪڻ گهرجي. حقيقت شايد ٻنهي وچ ۾ آهي. توانائيءَ جو ضايع ٿيڻ روڪڻ ضروري آهي پر صنعتن کي بنا ڪنهن سستي متبادل جي سڌو مهانگي بجليءَ تي منتقل ڪرڻ سان مسئلا وڌي سگهن ٿا. اصل مسئلو پاليسي ٺاهڻ جو آهي جيڪڏهن پهرين سستي بجلي مهيا ڪئي وڃي ۽ پوءِ صنعتن کي آهستي آهستي گيس تان هٽايو وڃي ته اهو عمل آسان ٿيندو. پر جيڪڏهن پهرين گيس مهانگي ڪئي وڃي ۽ پوءِ متبادل ڏنو وڃي ته ان جو سڌو بار صنعتن ۽ معيشت تي پوندو.

توانائيءَ بحران ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا موقعا به ملن ٿا. جيڪي ظاهر ۾ ته ڏاڍا سٺا لڳن ٿا پر حقيقت ۾ انهن مان ملندڙ فائدو محدود هوندو آهي آمريڪا طرفان ايران جي تيل تي لڳل پابندين ۾ جيڪڏهن ڪجهه نرمي اچي ٿي ته اها به اهڙي ئي هڪ صورتحال آهي پهرين نظر ۾ اهو پاڪستان لاءِ فائدي وارو لڳي ٿو ڇاڪاڻ ته سستو يا آسانيءَ سان ملندڙ تيل ملي سگهي ٿو پر اصل مسئلو اهو آهي ته اهو فائدو ڊگهي عرصي وارو نه هوندو اهڙيون پابنديون عام طور تي عارضي طور نرم ٿينديون آهن ۽ پاڪستان جهڙو ملڪ ان عارضي سهولت تي ڪو ڊگهي مدي وارو منصوبو يا پاليسي نٿو ٺاهي سگهي. ڇو ته جڏهن به ايران تي ٻيهر سخت پابنديون لڳنديون ته تيل جي اها فراهمي فوراً بند ٿي سگهي ٿي ۽ هتي وڏي مشڪل ادائيگي (پئسا ڏيڻ) جو نظام آهي دنيا جو بينڪنگ سسٽم اڃا تائين گهڻو ڪري آمريڪا جي اثر هيٺ آهي تنهنڪري رڳو تيل ملڻ ڪافي ناهي پر اهو به ضروري آهي ته ان جي ادائيگي ڪيئن ڪئي وڃي؟ جيڪڏهن پئسا ڏيڻ جو رستو صاف نه هوندو ته واپار مشڪل ٿي ويندو ان کان علاوه پاڪستان هن وقت آءِ ايم ايف پروگرام ۾ آهي، جتي هر اهڙي فيصلي ۾ تمام گهڻي احتياط ڪرڻي پوي ٿي. ڇو ته عالمي ادارن جون ڪجهه شرطون به هونديون آهن پر هڪ مثبت ڳالهه به آهي ته جيڪڏهن ايران تي پابنديون نرم ٿين ٿيون ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي ان سان پاڪستان کي مهانگي تيل جو بار ڪجهه حد تائين گهٽ محسوس ٿيندو.

ملڪ جي معيشت هن وقت هڪ اهم موڙ تي بيٺل آهي، يعني اهڙي حالت ۾ آهي، جتي صحيح فيصلا ڪيا ويا ته حالتون بهتر ٿي سگهن ٿيون نه ته وڌيڪ مسئلا به پيدا ٿي سگهن ٿا. ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) طرفان 2026ع کان 2030ع تائين پنجن سالن لاءِ هڪ منصوبو (ڪنٽري پارٽنرشپ اسٽريٽيجي) ڏنو ويو آهي. جيڪو پاڪستان لاءِ هڪ اهم موقعو آهي. هن منصوبي هيٺ لڳ ڀڳ 10 کان 12 ارب ڊالر جو پيڪيج رکيو ويو آهي. پر اهو صرف قرض ڏيڻ لاءِ ناهي پر اصل مقصد اهو آهي ته ملڪ جي معيشت جي بنياد مضبوط ڪئي وڃي. ٻئي پاسي ملڪ جو ٽيڪس وارو نظام به هاڻي نئين قسم جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. آءِ ايم ايف چاهي ٿو ته ايف بي آر (ٽيڪس کاتو) ٽيڪس آڊٽ ۽ ڊجيٽل انوائسز (آن لائين بلن) جي ذريعي بهتر نتيجا ڏيکاري ۽ ٽيڪس وصولي وڌائي. پر اصل مسئلو اهو آهي ته ايف بي آر وٽ هر ڪيس تي مڪمل ڪنٽرول ناهي، ڇو ته ٽيڪس ڏيندڙن (ڪاروباري ماڻهن) جا به قانوني حق هوندا آهن. تنهنڪري هر آڊٽ مان حڪومت کي طئي ٿيل رقم حاصل ڪرڻ لازمي ناهي. گذريل سال لڳ ڀڳ 57 هزار اهڙا ڪيس سڃاتا ويا، جيڪي آڊٽ لاءِ موزون هئا. آءِ ايم ايف چاهي ٿو ته انهن مان سڀ کان وڌيڪ شڪي يا خطري وارن ڪيسن تي ڌيان ڏنو وڃي. پر عملي طور اهو ڪم ايترو آسان ناهي، ڇاڪاڻ ته هر ڪيس کي ثابت ڪرڻ ۽ ان مان پيسا وصول ڪرڻ هڪ پيچيده عمل آهي. هاڻي ڊجيٽل انوائسنگ (آن لائين بلن وارو نظام) جي ڳالهه ڪيون ته اهو به اڃا مڪمل طرح لاڳو ناهي ٿيو پاڪستان ۾ هر سال لڳ ڀڳ 64 کرب رپين جي خريد ۽ فروخت ٿئي ٿي پر ان مان صرف هڪ ٽيون حصو ڪاروبار ئي پنهنجا بل آن لائين شيئر ڪري ٿو. باقي اڃا به پراڻي طريقي تي هلن ٿا. ايف بي آر ڪاروباري ماڻهن جون ڪجهه ڳالهيون مڃيون آهن ته جيئن اهو نظام ٿورو آسان ۽ قابل عمل بڻجي سگهي. مثال طور؛ جيڪڏهن ڪو غلط انوائس داخل ٿي وڃي ته ان کي 72 ڪلاڪن اندر درست ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. جيڪا هڪ سٺي ۽ عملي سهولت آهي. هاڻي آءِ ايم ايف چاهي ٿو ته ٽيڪس جو هدف پورو ڪرڻ لاءِ ايف بي آر سخت قدم کڻي پر هتي به وڏيون رڪاوٽون آهن: قانوني پيچيدگيون ڪيس عدالتن ۾ وڃن ٿا وغيره ۽ ڪاروباري ماڻهن جي مزاحمت هو آسانيءَ سان نئين نظام کي قبول نٿا ڪن. تنهنڪري اصل ڳالهه اها آهي ته صرف قانون ٺاهڻ سان مسئلو حل نٿو ٿئي. ان لاءِ ضروري آهي ته عملي قدم کنيا وڃن. نظام کي آسان بڻايو وڃي ۽ ڪاروباري ماڻهن جو به ساٿ حاصل ڪيو وڃي.

اڄوڪو ڏينهن ـ 24 مارچ

هوش محمد شيدي



اڄ سنڌ جي عظيم جرنيل هوش محمد شيديءَ جي شهادت جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن سپوت "مرويسون مرويسون سنڌ نه ڏيسون" جو نعرو لڳائي انگريزي فوجن سان بهادريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ دبي جي ميدان تي سِر ڏيئي سُرخرو ٿيو هوش محمد شيدي ننڍپڻ کان ئي مير صوبدار خان جو نوڪر ۽ خاص خدمتگار رهيو اڳتي هلي ٽالپرن جي توپخاني جو انچارج ٿيو هو پنهنجي بهادريءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو ۽ بندوق هلائڻ جو ماهر هو. 1843ع ۾ جڏهن انگريز سنڌ تي قبضو ڪرڻ جون سازشون سٽي رهيا هئا ته مير صوبدار خان به انگريزن جو ساٿاري ٿي پنهنجن جي خلاف سازشون سٽڻ لڳو هوش محمد شيدي مير صوبدار کي گهڻو سمجهايو ته انگريز اسان جا دشمن آهن ۽ انهن جو ساٿ نه ڏيڻ گهرجي پر مير صوبدار سندس هڪ به نه مڃي. سنڌ جي هن سچي سپوت مير صوبدار کي ڇڏي مير نصير خان جي سرواڻيءَ ۾ مياڻيءَ جي ميدان ۾ بهادريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪيو. مياڻيءَ جي جنگ ۾ ٽالپرن جي شڪست کان پوءِ مير شير محمد ٽالپر سنڌ جي آزاديءَ کي بچائڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. 24 مارچ 1843ع تي حيدرآباد کان ڪجهه ميل پري دبي جي ميدان تي مير شير محمد جي جان نثار سائين ۽ انگريزي فوجن وچ ۾ گهمسان جي لڙائي شروع ٿي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ هوش محمد شيدي مير شير محمد ٽالپر جو سپه سالار ٿي بي جگريءَ سان وڙهيو. هن جي بهادريءَ جي واکاڻ خود انگريز عملدارن به ڪئي آهي. هن رت جي آخري ڦڙي تائين دشمنن سان مقابلو ڪيو ۽ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ پنهنجو سِر ڏئي سُرخرو ٿيو.

هدايت پريم

هن مشهور ليکڪ جو جنم 24 مارچ 1946ع تي اوباوڙي تعلقي جي هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم روهڙيءَ مان

چيئرمين مقرر ٿيو هو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ قائم سچل چيئر جي بورڊ آف گورنرس جو 3 سال ميمبر رهيو. سنڌي ادبي سنگت سان به سلهاڙيل رهيو هن لسانيات، سوانحيات ۽ ٻين ادبي موضوعن تي 80 کن مقالا لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سنڌي ٻوليءَ جا محقق"، "ٿر جي ٻولي" (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سان گڏ) ۽ "اترادي ٻولي" شامل آهن هن 20 جنوري 2021ع تي وفات ڪئي.

سيد اعجاز نبي شاهه

اڄ مشهور صحافي، سماج سڌارڪ ۽ سياستدان سيد اعجاز نبي شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 24 مارچ 1953ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو ٻارهين ڪلاس تائين ٽنڊي محمد خان ۾ پڙهيو ۽ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين 1970ع ڌاري صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين هن "روزاني هلال پاڪستان" جي سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو ۽ گڏوگڏ ٻين به ڪيترن ئي اخبارن جي رپورٽر ۽ ڪالم نگار طور ڪم ڪيائين 1975ع ۾ رورل ڊولپمينٽ کاتي ۾ مارڪيٽنگ انسپيڪٽر مقرر ٿيو. بعد ۾ لوڪل گورنمينٽ کاتي ۾ ڊولپمينٽ آفيسر مقرر ٿيو. 1999ع ۾ هن حيدرآباد مان جُنگ اخبار جاري ڪئي پر اها ٻن سالن اندر بند ٿي وئي 1996ع ۾ ٽنڊي محمد خان ميونسپلٽيءَ جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو 2001ع ۾ رضاڪارانه طور سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائرمينٽ وٺڻ بعد سياست ۾ پير پاتائين 2003ع ۾ هن کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حيدرآباد ضلعي ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ 2005ع ۾ پ پ پ ٽنڊي محمد خان جو ضلعي نائب صدر چونڊيو ويو 2008ع ۾ سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جو نائب صدر مقرر ٿيو 2018ع ۾ زرعي ترقياتي بينڪ جي



مختيار انڙ

سند حاصل ڪئي ۽ 1983ع ۾ زرعي کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو نوڪريءَ دوران آمريڪا جي وسڪونسن ميڊيسن يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين. هو هڪ ڏگهي عرصي تائين ريڊيو پاڪستان سان هڪ زرعي ماهر طور لاڳاپيل رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، جن ۾ زرعي سائنس، نئين دنيا نوان رنگ (آمريڪا جو سفرنامو)، سعودي سعادت (سعودي عرب جو سفرنامو)، سنڌ جو ڪارو، هاءِ اسڪول مبارڪ جروار، سنڌ جو ٿر ۽ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب (ترجمو) شامل آهن.



محبوب سنڌي



محبوب سنڌي هڪ سٺو اديب، ناٽڪ نويس ۽ اداڪار آهي هن جو جنم 24 مارچ 1982ع تي غلام مصطفيٰ شاهين جي گهر دادوءَ ۾ ٿيو هن 1994-95ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي هن ڪيترائي ڊراما، اسٽيج ناٽڪ، ڪهاڻيون، ناول ۽ مضمون لکيا آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "ٽڙيا ٽارين گُل" ڇپجي چڪو آهي گڏوگڏ سندس ڪجهه ڊراما نجي سنڌي ٽيليويزن چئنلن تان پڻ ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن هو سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل رهيو آهي ۽ انهيءَ سنگت جي ڪوٽڙي شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي.

1962ع ۾ ڪيائين 1988ع ۾ ايم اي (سنڌي) جي سند شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين شاعريءَ جي شروعات 1957ع ڌاري ڪيائين شاعريءَ ۾ سندس اصلاح سندس والد ۽ حافظ محمد بخش خاصخيليءَ ڪئي پاڻ مختلف ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو، جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، آئينه ادب موري، اداره ٻهار ادب ۽ شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي شامل آهن سندس شاعري ۽ نثر جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن ۾ سنڌڙيءَ جو سوداءُ (شاعري)، ميندي ۽ سندا گيت (شاعري)، دل جو شهر (شاعري)، شعلا شعلا واءُ ۾ (شاعري)، ديوان راشد (شاعري)، دل جي دلجوئي (شاعري)، اڳتي تاڻ امنگ جي (خاڪا ۽ مضمون)، پاڻيءَ تي پهرو (ڪهاڻيون) ۽ خط خوشيءَ مان ڪول (خطن جو مجموعو) شامل آهن سندس شاعري سرمد سنڌي، ديبا ڪنول ۽ جلال چانڊيي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي ڳائڻن ڳائي آهي هن پلوڙ شاعر 24 مارچ 2014ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو.

قمر ڀٽي



قمر ڀٽي مشهور قوم پرست اڳواڻ، قانوندان، شاعر ۽ ليکڪ هو هن 21 جنوري 1958ع تي ڳوٺ فيض محمد ڪوڪر تعلقي نصيرآباد ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن مئٽرڪ تائين تعليم ٻاڍهه مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم اي اڪنامڪس ۽ لا ڪاليج لاڙڪاڻي مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين هن شاگرديءَ واري زماني کان ئي قوم پرست سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو 1984ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي صدر چونڊيو ويو جي ايم سيد جي لاڏاڻي کان پوءِ هن جيئي سنڌ قوم پرست پارٽيءَ جو بنياد رکيو ۽ پاڻ پارٽيءَ جو 1990ع کان تاحيات چيئرمين رهيو قوم پرست سياست ۾ سرگرم حصو وٺي ڪري وقت جي حاڪمن

بقايا 1 ڏينهن ۾ ڌرڻو

ڪلب آڏو نائين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو اسان جا گهرون ٿا آزادي پنهنجن جي گهرون ٿا آزادي پيارن جي گهرون ٿا آزادي جا نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي وارثن محسن علي رستمائي ايڊووڪيٽ اسرار احمد پتي ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند وسيم سجاد لغاري نواز علي ڪلهوڙو ايس يو پي جي ياسين سومرو جيئي سنڌ محاذ جي ابرار مورائي ڪامريڊ قري جي مورائي ايس ٽي پي جي عباس ڪوڪر ۽ ٻين چيو ته شهر مورو ۽ ڳوٺ لغاري بجراڻي جا غريب هاري مزدور پورهيت استاد شاگرد ڪاروباري ماڻهو جن تي دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڏهن مهينن کان جيل ۾ قيد ڪيا ويا آهن جن جو ڪوب قصور نه آهي پر پي پي جي حڪمرانن پنهنجو ڏاڍ ڏهڪاءُ جبر بربريت رکڻ لاءِ خوف پيدا ڪرڻ لاءِ 60 بيگناهن کي جيڪي حڪمرانن جا مغوي ٿيل آهن انهن کي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد ڪيو ويو آهي ضمانتون ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ڪيس هلائڻ کان به روڪيو ويو آهي بيگناهه قيدين جي معصوم ٻارڙن نياڻين پيرسن والدين عيد به نه ملهائي عيد واري ڏينهن به هٿن ۾ ڪارا جهنڊا کڻي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪري سنڌ جي حڪمرانن کي پٽون ۽ پاراتا ڏنا انهن مظلوم ماڻهن جون سڀ خوشيون ختم ٿيل آهن انهن مظلوم ماڻهن لاءِ سنڌ جي تمام قومپرست تنظيمن وڪيلن شاگردن سماجي سياسي اڳواڻن کي اٿڻو پوندو انهن سان گڏ بيهڻو پوندو هنن چيو ته بيگناهه قيدين ڪامران علي رستماڻي صمد پتي اڪرم پتي فيض محمد لغاري علي احمد لغاري صدام لغاري عمران علي جويو ممتاز رند شهزاد لغاري مزمل لغاري منور لغاري وزير لغاري مختيار لغاري قلب علي لغاري خالد چانڊيو گلزار چانڊيو ۽ ٻين 60 قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن شهيد عرفان لغاري شهيد زاهد لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي جيستائين اهي جائز مطالبا پورا نه ٿيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا 2 ايس ايس پي دادو

موبائل گشت وڌائڻ ۽ ڪنهن به ناخوشگوار واقعي جي صورت ۾ فوري ريسپانس کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورن ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز کي خاص هدايتون ڏنيون ويون آهن. ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته يومِ پاڪستان 23 مارچ اسان جي قومي عزم، اتحاد ۽ قربانين جي ياد ڏياري ٿو. اهو تاريخي ڏينهن آهي جڏهن اسان جي بزرگن هڪ آزاد وطن جي قيام جو عزم ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي پاڪستان جهڙي عظيم نعمت نصيب ٿي. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي گهرجي ته هن ڏينهن جي پيغام کي سمجهون ۽ ملڪ جي ترقي، امن ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

بقايا 3 ڊاڪٽر جو احتجاج

پٽين جي طرفان مٿس هنيل الزام افسوسناڪ آهن جن کي بنياد بنائي پٽي نوجوانن سنڌس اسپتال کي دهشت گردي جو نشانو بنائي اسپتال ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري سخت نقصان پهچايو آهي هن چيو ته سنڌس چوڪيدار حسين ملاح ۽ پٽين جي پاڻ ۾ جهيڙي کي بنياد بنائي سنڌس اسپتال تي حملا ڪري نقصان پهچايو ويو آهي هن چيو ته هو 25 سالن کان وڌيڪ عرصي کان هتي خدمت ڪري رهيو آهي ڪنهن جي زيادتي جو شڪار ٿي خدمت ڪرڻ بند نه ڪندو هن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌس اسپتال تي دهشت گردي ڪري ڀڃ ڊاهه ۽ نقصان پهچائيندڙ جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪري ڪين قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي ۽ ڪيس جاني مالي تحفظ مهيا ڪيو وڃي ته جيئن هو پنهنجو پيشيوراڻو ڪم جاري رکي سگهي

بقايا 4 سيد زين شاهه

ڇهه سال سزا ڏني وئي هن وڌيڪ ته امداد محمد شاهه کان پڇيو ويو ته اوهان ڪا سياسي پارٽي جو نٿا جوڙيو جنهن جواب ڏنو ته منهنجي آخري پارٽي عوامي ليگ هئي جنهن بعد ملڪي نظام ۽ پارٽين جي صورتحال ڏسي اهو فيصلو ڪيو آهي ته تعليم ۽ صحت سميت سماجي پاسن تي ڪم ڪنداسين هن چيو ته سوچڻو پوندو ته قرارداد لاهور دوکو هو يا اڄ جي طرز حڪمراني دوکو آهي سچ ڪڏهن به لڪي نٿو سگهي نڪو وري ڏاڍ ۽ جبر ذريعي ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪري سگهو ٿا سائين جي ايم سيد اهو واحد سياستدان هو جنهن مهذب ، مضبوط ۽ بهتر نموني سان حق گهرڻ جو فارمولو پيش ڪيو هن وڌيڪ چيو ته آئين پاڪستان جي پيڙهه جي پٿر ۾ ٽيڏيون سرون لڳل آهن جنهن جي ڪري مسلسل گڙٻڙ ٿيندي اچي ان ڪري ضرورت آهي ته اسان حقيقت جي ويجهون ٿيون ڇاڪاڻ جو حڪمران ڪڏهن به نٿا چاهين ته عوام سنڌن ڪرتوتن مان واقف ٿئي هن اها ڳالهه پڻ ڪئي ته اسان عوامي طاقت سان اوهان کي جواب ڏينداسين ان ڪري جيڪي قوتون آهن انهن کي سوچڻ گهرجي ته هو ملڪ ۽ قوم سان غداري نه ڪن وفاداري ڪن سنڌن حرڪتن سبب ملڪ ڪمزور ٿيندو پيو وڃي ان کان اڳ ايس يو پي جي ضلعي صدر حافظ ذين پٽو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي پروگرام جو مقصد ٻڌايو سيمينار ۾ جن اهم شخصيتن شرڪت ڪئي انهن ۾ آفتاب احمد خانزاده ، مجيب سنڌي ، رمضان ٻرڙو ۽ پروفيسر عبيدالله ماڇي شامل هئا جن پڻ جاڳايل موضوع تي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته 23 مارچ جنهن جو نالو قرارداد لاهور آهي جنهن کي هن وقت قرارداد پاڪستان چيو وڃي ٿو هيءَ قرارداد 22 ۽ 23 مارچ 1940 جي رات آل انڊيا مسلم ليگ جي سٽين ٽينيوٽر ۽ ۾ 25 ورڪنگ ڪاميٽي جي ميمبرن منٽو پارڪ لاهور ۾ لکي وئي هن چيو ته قرارداد پاڪستان هڪ سياسي پڌر نامو آهي جيڪو 23 مارچ 1940 تي پاس ڪيو ويو جنهن ۾ طئي ڪيو ويو هو ته اڪثريتي مسلم علائقن کي آزاد ۽ خود مختيار رياستن جو درجو ڏنو ويندو انهن رياستن ۾ رهندڙ اقليتن جي جان و مال جي حفاظت سان گڏ سنڌن سياسي ، معاشي ، مذهبي ، ثقافتي ۽ بنيادي انساني حقن جو خيال رکيو ويندو قرارداد ۾ يونائيٽيڊ انڊيا جي ماڊل جي نفي ڪندي مسلم اڪثريتي علائقن پنجاب ، سنڌ ، بلوچستان ، خيبر پختونخواهه ، بنگال ۽ آسام جا علائقا اڪثريتي مسلم آبادي وارا شامل ڪيا ويا هن اهو پڻ چيو ته قرارداد ۾ اهو پڻ شامل ڪيو ويو هو ته پاڪستان جي حيثيت هڪ فيڊريشن جي هوندي جنهن ۾ انسان جي بنيادي حقن جو خاص خيال رکيو ويندو ۽ اهڙن خود مختيار خطن ۾ عدليه آزاد ۽ خود مختيار هوندي آفتاب احمد خانزاده اهو پڻ چيو ته بدقسمتيءَ سان هي پاڪستان نه بلڪ قبرستان آهي سيمينار دوران ايوب ڪوسو ، محمد بچل ڏهيو ، پرويز سومرو ، ڪيلا رام اوڊ ۽ علي سومرو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

بقايا 5 تي ڪپو پهتو

۾ شگر جي بيماري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ آئون اهو پيغام کڻي هتي پهتو آهيان ته شگر کي بنا دوائن جي روزانو جي بنياد تي ورزش ۽ واڪ ۽ متوازن خوراڪ ذريعي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو ان موقعي ايڊووڪيٽ عبدالستار قائم خاني محمد يوسف قائم خاني عمران قائم خاني

بقايا 6 وارثن جو احتجاج

اڳيان اپ ڏاريندڙ رڙيون ڪري احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته گذريل رات اڍائي وڳي حيدر شيدي سنڌس پٽ سرور شيدي ، بچايو ، غلام قادر ، جهانگير ، گامون شيدي ۽ ٻيا هٿيار بندن سان گڏ اسان جي گهرن ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي اسان جي 16 سالا نياڻي راحيلا شيدي ڌيءُ مدد علي شيدي کي زوري اغوا ڪري گاڏي ۾ وجهي کڻي ويا آهن جنهنجي اين سي پڻ اسان راجوخاناڻي ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي جنهنکي 20 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي پر پوليس اڃان تائين ڪک پڇي بيٺو ناهي ڪيو ، اسان جون ڌانهون ۽ ڪوڪون ڪير ٻڌڻ وارو ئي ڪونهي ،هنن آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ، ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ، ايس ايس پي بدين ، ايس ايڇ او راجوخاناڻي سميت وس وارن عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي هڪدم پنهنجي نياڻي واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ نياڻي کي اغوا ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 7 احتجاجي ريلي

لاءِ سراپا احتجاج آهن انهن کان عيد جون خوشيون وسري ويون، هن انهن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ مان ڪنهي گم ڪيل قومي تحريڪ جي ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 8 پاران ريلي

چيئرمين راڻا صداقت، تعلقه صدر ارشد اعوان، جنرل سيڪريٽري صداقت قريشي، فيروز عباسي، ڊاڪٽر موهن، اشوڪ ڪمار، جمشيد چانڊيو، وحيد چانڊيو سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته 23 مارچ 1940ع تي قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ قراردادِ پاڪستان پيش ڪئي وئي، جنهن برصغير جي مسلمانن لاءِ الڳ وطن جي بنياد وڌي ۽ آخرڪار 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان هڪ آزاد ملڪ طور وجود ۾ آيو. هنن چيو ته پاڪستاني قوم پنهنجي بزرگن جي قربانين تي فخر ڪري ٿي ۽ هميشه ڪندي رهندي، اڳواڻن عزم ظاهر ڪيو ته عوام پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل آهي ۽ ملڪ دشمن سازشن کي ناڪام بڻائيندو هنن وڌيڪ چيو ته هو امين شاهه راشدي جي مشن کي جاري رکندا ۽ هر حال ۾ ثابت قدم رهندا . آخر ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا زوردار نعرا پڻ هنيا.

بقايا 9 لاڏاڻو ڪري ويو

پنهنجي علم ۽ تجربي سان سنڌي ٻوليءَ کي جديد دور سان ڳنڍيندي، موبائل ايپس ذريعي ان کي نئين نسل تائين پهچايو. هن پنهنجي وس آهر سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ هميشه شاندار ڪوششون ڪيون آهن. سنڌي ٻولي جي هن محسن علي حسن ملاح جو تڏو ڄامشوري جي سيوهاڻي پاڙي ۾ رکيو ويو آهي. سنڌس جنازي نماز ڄامشوري ۾ ادا ڪئي ويندي جڏهن ته تدفين اڱاري ڏينهن سنڌس اباڻي لڪي شاهه صدر لڳ ڳوٺ آباد ۾ ڪئي ويندي

بقايا 10 دعوي

بلاول پارڪ گهمڻ لاءِ آيو هو هن پنهنجي ڪار پارڪ ٻاهران بيهاري پارڪ اندر ويو جڏهن هو واپس آيو ته ڪار غائب هئي هن فوري طور وائرليس ڪنٽرول روم کي اطلاع ڏنو، جنهن ڪانپوءِ پوليس جديد ٽيڪنالاجي ذريعي ڪار کي ٽريس ڪيو. ڪار جي موجودگي راڻي پور ٿاڻي جي حدن اندر هڪ هنڌ تي ظاهر ٿي، پوليس فوري طور تي علائقي جو گهيرو ڪيو ۽ 6 ڪلاڪن اندر ڪار برآمد ڪري اصل مالڪ حوالي ڪري ڇڏي. ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو ڪامياب ڪارروائي تي پوليس فورس کي شاباس ڏني.

بقايا 11 جشن ملهايو ويو

کٽي ڪامياب، نائب صدر (ون) جي عهدي تي جوهٽ رام 312 ووٽ کٽي ڪاميابي ماڻي، نائب صدر (3) جي عهدي تي ايڊووڪيٽ جهامن داس 248 کٽي سرسي حاصل ڪئي، جنرل سيڪريٽر لاءِ ڊاڪٽر اوم پرڪاش 278 ووٽ کٽي ڪاميابي ماڻي ورتي، جوائنٽ سيڪريٽري (ون) تي آتمچند ڪيمچند 302 ووٽ کٽي سرخرو، جوائنٽ سيڪريٽري (ٽو) جي عهدي تي مڪيش ڪمار ديوانند 333 ووٽ کٽي فتح حاصل ڪئي ۽ پريس سيڪريٽري جي سيٽ تي ڊاڪٽر سنجي ڪمار موهن لال 332 ووٽ سرسي حاصل ڪئي، ان موقعي تي ڪاميابي جي خوشي ۾ جشن ۽ رقص ڪيو ويو

بقايا 12 ريلي ڪڍي وئي

ڪندڙن پاران پاڪستان زنده آباد جا نعرا هنيا ويا جڏهن ته آمريڪا مرده آباد ۽ اسرائيل مرده آباد جا به زور دار نعرا لڳايا ويا شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته پاڪ فوج ملڪ جي سلامتي ۽ خودمختياري جي ضامن آهي، ۽ هر ڏکئي گهڙي ۾ قوم سان گڏ بيٺي آهي ريلي ذريعي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ ملڪ سان محبت جو پيغام ڏنو ويو

بقايا 13 ڪڍي وئي

کي اهڙي مار ڏني آهي جو هو هاڻي بوکلاهٽ جو شڪار ٿي ويا آهن پاڪستان طرف ميري اک سان ڏسڻ وارن کي پاڪ فوج عبرت جو نشان بڻائي دنيا ۾ خوار ڪيو آهي هنن چيو ته پاڪ فوج جي سربراهه جنرل عاصم منير جي حڪمت عملي جي ڪري ڀارت ۽ افغانستان پوري دنيا آڏو ذليل ٿي رهيا آهن ۽ پاڪ فوج سان پاڪستان جي عوام بي حد پيار ڪري ٿي، ضرورت پوڻ تي پاڪستان جي عوام پنهنجي فوج سان گڏ بارڊر تي پاڪستان جي دشمنن خلاف بيٺل نظر ايندي هن وقت پوري دنيا ۾ جنگ جهڙي صورتحال آهي پوري دنيا ۾ امن امان بهتر ناهي پر پاڪستان ۾ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جي حڪمت ۽ سنڌس جي قيادت جي ڪري پاڪستان ۾ صورتحال بهتر آهي ريلي ۾ سماجي اڳواڻ، تاجران، اقليتي برادري سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پاڪ فوج سان محبت جو اظهار ڪيو=

بقايا 14 گوليون لڳل لاش

جي ڀاءُ وڪيل گلزار احمد رند صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو وڏو ڀاءُ زاهد حسين رند صبح ڳوٺ کان جيڪب آباد شهر گهر آيو ۽ گهر ۾ هو اڪيلو ڪجهه دير پهريان جيئن آئون گهر پهتس ته ڪمري اندر سنڌس گوليون لڳل لاش ڏٺو جنهن بعد پوليس سميت مٽن مائٽن کي اطلاع ڏنو هن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي خبر ناهي ته منهنجي ڀاءُ کي ڪنهن ڪهڙي معاملي تان قتل ڪيو آهي، هن چيو ته ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جو نوٽيس وٺي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي ظاهر ڪري ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪنداسين. جڏهن ته ڊي ايس پي خدا بخش پنهور، ايس ايڇ او سول لائين محمد حسن جوڻيجو ۽ ٻين واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪري واقعي واري هنڌ تان پستول سميت گولين جا ڪول هٿ ڪري ورتا جنهن بعد مقتول جو مڙهه ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران مقتول جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي سنڌس ڳوٺ گلاب ماڙي کڻائي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 15 احتجاجي ڌرڻو

والد پاران ڌانهيندي نوجوان کي ڪرنٽ ڏئي بيدردي سان تشدد ڪري قتل ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو•هوڏانهن پوليس مطابق لاش نوجوان جي هڪ جمپل ٿنڀي ۾ لڙڪيل هئي جڏهن ته لاش جي ڪپڙن کي باهه لڳل آهي ۽ ڪجهه حصن ۾ ڪرنٽ لڳل آهي ۽ لاش ٿنڀي پرسان پيل هو•

بقايا 16 3 ڄڻا گرفتار

تنڊوالهيار پوليس بينظير انڪم سپورٽ جي نالي تي فراڊ ڪندڙ گينگ جا 3 ڄڻا گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي گرفتار ٿيلن ۾ ذيشان راجپوت، دانيال راجپوت، ريحان قريشي شامل آهن گروهه بي آءِ ايس پي جي قسط مان ڪٽوتي ڪري ۽ انهن مستحق عورتن جي نالن تي سمون به ڪيندو هو گرفتار ٿيلن جي قبضي مان سوين مشڪوڪ سمون، موبائل فون ۽ ليپ ٽاپس پڻ برآمد ڪيا ويا آهن گرفتار ٿيلن تي تنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي گرفتار گروهه پاران عورتن جي نالن تي سمون حاصل ڪري غير قانوني استعمال جو انڪشاف به ٿيو آهي ذريعن موجب گروهه پاران شناختي ڪارڊ ڊيٽا جو پڻ ناجائز استعمال ڪيو ويندو هو ڪارروائي دوران اهڙا سافٽ ويئر به هٿ ڪيا ويا جيڪو موبائيلن جو IMEI نمبر تبديل ڪندو هو جوابدار ٽريڪنگ کان بچڻ لاءِ IMEI تبديل ڪرڻ سميت جديد طريقا استعمال ڪندا هئا نيٽ ورڪ جا لاڳاپا ٻين شهرن ۽ ملڪن تائين پکڙيل هجڻ جو خدشو ٻڌايو پيو وڃي ٻي پاسي پوليس پاران تنڊوالهيار ۾ بي آءِ ايس پي جا پئسا ڪڍڻ بهاني مستحق عورتن جي نالي سان سمون ڪيندڙ 3 جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت ٽنهي جوابدارن کي ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 17 اڳواڻن جي شرڪت

هنگورو ، غلام مصطفيٰ هنگورو ۽ پاٽيا محمد حنيف هنگورو ، انجنيئر عرفان علي هنگورو ۽ عبدالرزاق هنگورو ۽ ٻين جي ميزباني هيٺ ديني عاليشان اجتماع منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جو مشهور اهلسنت اڳواڻ ديني عالم حضرت علامه مولانا حافظ قاري عاشق حسين راڄپر طاهري شريڪ ٿي محفل کي خطاب ڪيو جڏهن ته هن محفل ۾ مولانا محمد ايوب نوداڻي ، وڏيرو يونس هنگورو ، وڏيرو غلام الله هنگورو ، رئيس سخاوت علي هنگورو پ پ اڳواڻ مظهر حسين جوڻيجو، ادبي سنگت جو اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالرحيم ساريو ، فقير فدا حسين ڪرمي، مولانا زاهد محمود جوڻيجو، سيد هاشم شاهه ، سائين دادن نائچ ، فقير آصف ڪرمي ڪنير صحافي گل حسن نوداڻي، علڻ خان نائچ، مهراڻ تگر سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي چاليهي جي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي حافظ قاري عاشق حسين راڄپر چيو ته وارثن طرفان چاليهي جي تقريب ۽ خيرات ڪرڻ جو مقصد مرحوم جي روح کي قبر ۾ ثواب لاءِ آهي پهچي هن چيو سنڌ صوفين بزرگن اولياڻن جي ڌرتي آهي جتي اسان کي امن پيار محبت جو درس ڏنو آهي مسلمان پاڻ ۾ ٻڌي ايڪو جو مظاهرو ڪري نفرتون ختم ڪيو نماز دين جو ٿنڀو آهي گناهگارن جو ڇوٽڪارو ٿئي ٿو آخر ۾ تقريب دوران ايران ۽ فلسطين جي فتح ، ملڪ جي سلامتي ۽ سنڌ جي خوشحالي امن ڀائيچاري رواداري جون خاص دعائون گهريون ويون

بقايا 18 عورت فوت

سڃاڻپ 55 سالن جي سرداره بيبي زال حاجي مٺل جي نالي سان ٿي، جيڪا نيو سبزي منڊي جي پوئين علائقي جي رهواسي هئي، پوليس قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 19 گرفتار ڪري ورتو

داخل آهن. سرجاني ٽائون ۾ سائيبان سوسائٽي جي ٺيڪيدار افسر خان طرفان داخل ڪرايل ايف آءِ آر موجب، هو پنهنجي پلاٽ تي ڪم ڪري رهيو هو ته بلاول خان 5 کان 6 ساٿين سان گڏ اچي پهتو، مدعي موجب جوابدار بلاول خان ۽ رجب مگسي سميت ٻين هٿيار ڪڍي مٿس تاڻي ڇڏيا ۽ ڌمڪي ڏني ته "هتي ڪم ڪرڻو آهي ته 50 لک رپيا ڀتو ڏيڻا پوندا، نه ڏيڻ جي صورت ۾ جان کان ماري ڇڏينداسين". مدعي وڌيڪ ٻڌايو ته انڪار ڪرڻ تي جوابدارن ڪين سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون، سوسائٽي جون پٽيون ڊاهي ڇڏيون ۽ واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا. ايف آءِ آر موجب جوابدارن وڃڻ وقت پڻ ڌمڪي ڏني ته هو ٻيهر واپس ايندا ۽ پئسن جو بندوبست ڪري رکڻ لاءِ چيو. مدعي اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته هو سخت خوف ۾ آهن ۽ ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 20 پي اي آڏو احتجاج

کي سڀ خبر هجڻ باوجود پوليس منٿلي عيوض خاموش آهي. شهرين چيو ته ننگرپارڪر ۾ زهريلي نشي آور سفينا ۽ ٻيو نشو سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي پر پوليس ڪوبه قدم نه ٿي کڻي. ان موقعي تي ايم پي اي قاسم سراج سومرو شهرين کي يقين ڏياريو ته منشيات خلاف فوري ايڪشن ورتو ويندو. ايم پي اي طرفان شهرين جا مسئلا ٻڌا ويا. ڳوٺاڻن ايم پي آڏو نوڪريون نه ملڻ جون پڻ ڌانهون ڪيون. ان موقعي تي ايم پي اي قاسم سومرو چيو ته ڪوشش ڪري ميرٽ تي نوڪريون ڏنيون وينديون.

بقايا 21 پهچي ويون

ايشن مطابق اهو اضافو ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي ڪارروائي سبب پيدا ٿيندڙ توانائي بحران کي سامهون رکندي آيو آهي. رپورٽ مطابق هڪ مهينو اڳ پيٽرول جي قيمت 2.90 ڊالر في گيلن هئي جڏهن ته ڪيلفورنيا ۾ قيمتون سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيون آهن جيڪي 5.54 ڊالرز في گيلن تائين پهچي ويون آهن. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ماضي ۾ پيٽرول جي گهٽ قيمتن کي توانائي پاليسي جي ڪاميابي جي ثبوت طور پيش ڪندو رهيو آهي.

بقايا 22 پراسرار نموني گم

تهميند اڄ تائين واپس ناهي پهتي. وارثن جو چوڻ هو ته ٽن ڏينهن گذرڻ باوجود ڇوڪري جو ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي، جنهن ڪري گهرڀاتين ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني وڌي وئي آهي. هنن خدشو ظاهر ڪيو ته نينگري جي اغوا ۾ سنڌس سوٽ ۽ موهن جو دڙو پرسان ڳوٺ مشوري جو رهواسي عرفان مشوري ملوث آهن. هنن ٻڌايو ته باڊهه ٿاڻي تي واقعي جي باقاعده شڪايت داخل ڪرائي وئي آهي، پر پوليس طرفان اڃان تائين ڪا به اثرائتي ڪارروائي ناهي ڪئي وئي. هنن ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊي ايس پي ڏوڪري ۽ ايس ايڇ او باڊهه سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي نامزد جوابدار عرفان مشوري کي گرفتار ڪري نينگري تهميند نوناري کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 23 هٿائي ڇڏيو

جي ٻين پارٽي ميمبرن ۾ ڪجهه معاملن تي اختلاف تيز ٿي ويا هئا ۽ انهن ميمبرن کي ميونسپل ڪمشنر حماد اين ڊي خان جي مڪمل حمايت پڻ حاصل هئي. حماد اين ڊي خان پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ اين ڊي خان جو پٽ آهي. ذريعن موجب انهن ميمبرن ڪجهه مهينا اڳ ناصر ڪريم بلوچ خلاف عدم اعتماد جي رٿ به جمع ڪرائي هئي، جيڪا پارٽي قيادت جي مداخلت سبب روڪي وئي هئي. اختلاف وڌيڪ تيز ٿي ويا جڏهن لياري ٽائون کي سوئي گئس ڪاٽي کان روڊ ڪٽڻ لاءِ هڪ ارب 44 ڪروڙ رپيا مليا. پارٽي ميمبرن جو خيال هو ته هي پئسا لياري جي ترقي تي خرچ ٿيڻ گهرجن. جڏهن ته ٽائون چيئرمين چيو ته پارٽي چيئرمين لياري جي ترقي لاءِ هڪ پيڪيج جو اعلان ڪيو آهي، تنهن ڪري هو فوري طور تي هي پئسا خرچ نه ٿو ڪري سگهي. لياري ٽائون ڪائونسل ميمبرن چيو ته چيئرمين لياري جي ترقي لاءِ ڪا به اهم ڪارڪردگي نه ڏيکاري آهي، جنهن جي ڪري علائقي ۾ پارٽي جو گراف گهٽجڻ جو خدشو هو. پارٽي قيادت ڪائونسل ميمبرن جي اصرار تي ناصر ڪريم بلوچ کي استعيفيٰ ڏيڻ جي هدايت ڪئي، جنهن تي هن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني ۽ وائيس چيئرمين اقبال هنگورو کي چارج سونپي. اقبال هنگورو جي چارج سنڀالڻ کان پوءِ، ميونسپل ڪمشنر حماد اين ڊي خان کيس ڀاڪر پائي مبارڪباد ڏني.

بقايا 24 12ڄڻا زخمي

زخمين کي سول اسپتال حيدر آباد ريفر ڪيو ويو آهي. ڏگا برادري جي ماڻهن جي چوڻ موجب تڪرار ٻنهي جي ڏنگ (حدبندي) تان شروع ٿيو، جڏهن ته خاصخيلي برادري جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته جهيڙو ايم پي ٽري وچائڻ تان ٿيو آهي. ٻنهي ڌرين پاران ٽنڊوباگو ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرايون ويون آهن.

بقايا 25 ڪميٽي قائم

امتحاني بي ضابطگين جي سنگين اسڪينڊل تي وڏو قدم کڻندي سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊز محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي بورڊز اينڊ يونيورسٽيز کاتي فوري طور تي اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ملوث آفيسرن کي معطل ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري کي ٽن ميمبرن واري ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪميٽي ۾ يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنس ڀٽ شاهه جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امام الدين کوسو ۽ تعليمي بورڊ شهيد بينظير آباد جي چيئرمين پروفيسر آصف علي ميمڻ کي ميمبر طور شامل ڪيو ويو آهي. ڪميٽي کي هڪ مهيني اندر مڪمل جاچ ڪري ذميوارن جو تعين ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ترجمان موجب اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ جي جاچ ۽ داخل ڪيل ايف آءِ آر جي بنياد تي بورڊ جي اهم آفيسرن، آئي ٽي مينيجر اعظم خان ۽ سپرنٽنڊنٽ (ايڇ ايس سي سيڪريٽ) محمد شاهد کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪنٽرولر امتحانات انور عليم خانزاده کي مبينا اسڪينڊل ۾ ملوث هجڻ تي اڳ ئي معطل ڪيو ويو هو. صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو واضح ڪيو آهي ته تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، جعلسازي ۽ ميرٽ جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته جاچ ڪميٽي کي مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن ته جيئن هو نه صرف حقيقتون سامهون آڻي پر نظام ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪري ذميوار عنصرن خلاف سخت قانوني ۽ اداري ڪارروائي کي يقيني بڻائي. وزير يونيورسٽيز محمد اسماعيل راهو چيو ته جيڪڏهن جاچ دوران وڌيڪ آفيسر يا ملازم ملوث مليا ته انهن خلاف به بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جيئن تعليمي نظام جي ساک بحال ڪري شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 26 وارثن جو مظاهرو

يڪجهتي جو اظهار ڪيو. مظاهري ۾ شامل ماڻهن پاڪستان جي حڪومت، سنڌ حڪومت، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان اپيل ڪئي ته ڀارتي جيلن ۾ قيد بيگناهه پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. هنن چيو ته سنڌن پيارا ڪيترن سالن کان قيد ۾ سخت تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن، جڏهن ته سنڌن خاندان سخت معاشي بحران، بک ۽ بيوسي جو شڪار آهن. شرڪت ڪندڙن اهو به ٻڌايو ته عيد جهڙا خوشيءَ جا موقعا به هاڻي غم ۾ تبديل ٿي ويا آهن، ڇو ته ٻار پنهنجي والدين سان گڏ جشن ملهائڻ کان محروم آهن. مظاهري دوران هي نعرا هنيا ويا. ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن کي آزاد ڪيو. اسان جا ٻار آزاد ڪيو" اسان جا پائر آزاد ڪيو.مظاهرو انهن زوردار نعرن سان گونجندو رهيو ۽ شرڪت ڪندڙن اختيارين کان اپيل ڪئي ته انساني بنيادن تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن قيد مهاڻا محفوظ نموني پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي سگهن.

بقايا 27 ڦورو مارجي ويا

فائرنگ ڪئي، جنهن تي به جوابدارن فائرنگ ڪئي، ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ جي تبادلي ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته سنڌس ٻي ساٿي فائرنگ ڪندي موقعي تان فرار ٿي ويو. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پڻ موقعي تي پهچي وئي ۽ مارجي ويل ڦورو جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. ايس ايڇ او سعيد آباد پرويز سولنگي ميڊيا کي ٻڌايو ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته فوت ٿيل جوابدار جي قبضي مان هٿيار ۽ هڪ موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن. هن چيو ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ ۽ فرار ٿيل جوابدارن جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. ٻئي طرف گلشن معمار ٿاڻي جي علائقي ۾ گبول ڳوٺ بلال مسجد جي ويجهو 4 جوابدارن ڦرلٽ ۾ مصروف هئا جڏهن انهن کي شهري گهيري ۾ وٺي ويا. ان دوران 2 جوابدارن کي شهرين پڪڙي ورتو ان دوران مشتعل شهرين پاران ڪيل فائرنگ ۽ تشدد جي نتيجي ۾ 2 جوابدارن سخت زخمي ٿي پيا، جڏهن ته 2 جوابدار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پڻ موقعي تي پهچي وئي ۽ زخمي جوابدارن کي فوري طور تي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو، جتي هڪ جوابدار جيڪو مڇريل شهرين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيو هو، علاج دوران فوت ٿي ويو. مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ 25 سالن جي اويس پٽ ظفر ۽ زخمي جوابدار جي سڃاڻپ فراز علي پٽ حاڪم علي جي نالي سان ٿي. مقتول ۽ زخمي جوابدارن جي قبضي مان ٽيهه بور پستول، ٻه موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. ايس ايڇ او گلشن معمار اسرار خان آفريدي چيو ته مارجي ويل جوابدار ۽ سنڌس ساٿي بندوق جي زور تي براڻلر ڪڪڙ فراهم ڪندڙ ڪامران کي ڦري رهيا هئا ته سپلائر شور مچايو ۽ علائقي جي رهواسين جوابدارن کي گهيري ورتو ۽ انهن تي تشدد ڪيو. ايس ايڇ او کي شڪ آهي ته جوابدارن کي سنڌس ئي ساٿي قتل ڪيو آهي ۽ ان حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ايس ايڇ او چيو ته مارجي ويل ڦورو گلشن معمار ۾ ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث هو ۽ پوليس مارجي ويل جوابدار جي واقعن جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪئي آهي ۽ مارجي ويل جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي.

بقايا 28 جوابدار گرفتار

جوابدارن جي سڃاڻپ حمزه ولد شفيق، عين ولد اسحاق ۽ هيبل ولد آصف طور ٿي آهي. پوليس جوابدارن وٽان هٿيار، گوليون، موبائل فون ۽ نقدي برآمد ڪري ورتي آهي، ٻئي طرف سپر مارڪيٽ ۽ شارع نورجهان پوليس الڳ الڳ ڪارروائين دوران مبينا مقابلي ڪانپوءِ 3 ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. سپر مارڪيٽ پوليس لياقت آباد الياس ڳوٺ لياري ندي ويجهو ڪارروائي ڪندي محمد عاطف ۽ عامر کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. جڏهن ته شارع نورجهان پوليس نارٿ ناظم آباد ۾ آصف خان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو جنهن جو هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. گرفتار ٽنهي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي انهن وٽان هٿيار، موبائل فون، نقدي ۽ موٽر سائيڪل پڻ برآمد ڪئي وئي، ٻئي پاسي گلستان جوهر بلاڪ 9 ۾ رحمانيه امام بارگاهه ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ 34 ورهين جو تيمور ولد امير بخش زخمي ٿي پيو. جنهن کي فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب واقعي جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي.

بقايا 29 فوت

آهي. تهه فوتي نوجوان سان گڏ ننڊو واسي هڪ ٻيو نوجوان جاڙو مگڻهار پڻ گوريون کائڻ سبب بيهوش ٿي ويو حد جي پوليس موجب فوتي نوجوان بدين ضلعي جي شهر ننڊو جو رهواسي هو. جيڪو عيد تي پنهنجي مائٽن وٽ ميرپورخاص آيل هو. پوليس موجب فوتي نوجوان نشيدار گوريون کائڻ جو عادي هو فوتي نوجوان جي چاچي ٻڌايو ته عرفان نشيدار گوريون کائڻ جو عادي هو گذريل ڏينهن پڻ گوريون کائڻ سبب بيهوش ٿي ويو هو، جنهن بابت سنڌس والد کي آگاهي ڏني وئي هئي، اڄ هن ٻيهر گوريون کاڌيون ته بيهوش ٿي ويو ۽ بعد ۾ اسپتال نيندي فوت ٿي ويو، هن ٻڌايو ته عرفان سان گڏ سنڌس ماسات جاڙو پڻ آيل هو ان جي به حالت خراب آهي.

بقايا 30 نوجوان فوت

جتان نوجوان جو مڙهه ايڌهي ايمبولينس ذريعي ڳوٺ نيو ويو لاش ڳوٺ پهچڻ تي سنڌس گهر ۾ڪهرام مچي ويو ،ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان عبدالجبار انڙ مانجهند جو رهواسي آهي جيڪو قاضي احمد لڳ ڳوٺ انجمن ۾ گهمڻ لاءِ آيل هو پوليس موجب ته بس ڊرائيور بس سميت جاءِ موقعي تان فرار ٿي ويو هو جنهن کي ناڪابندي ڪري بس کي نواب ولي محمد لڳ بائڪو پيٽرول پمپ وٽ هٿ ڪيو ويو آهي بس کي پوليس پنهنجي تحويل وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 31 وارثن ۾ خوشي

جيڪي موٽرسائيڪل تي سوار هئا، سنڌن گهر سنتورو فارم تي پهتا ۽ سڏ ڪري اعجاز کي ٻاهر ڪڍي زبردستي اغوا ڪري ويا. بازياب ٿيل نوجوان اعجاز چانڊيو صحافين کي ٻڌايو ته کيس نامعلوم هنڌ تي هڪ ڪمري (ڪوٺي) ۾ قيد ڪري رکيو ويو، جتي اغوا ڪندڙ روزانو کيس تشدد جو نشانو بڻائيندا هئا ۽ قتل جون ڌمڪيون ڏيندا هئا. هن وڌيڪ چيو ته اغوا ڪندڙ کيس چوندا هئا ته "تون وڏيرن خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽون ڇو ٿو رکين"، جنهن سبب کيس نشانو بڻايو ويو.مغوي جي والد جيئند چانڊيو چيو ته سنڌس پٽ پاران علائقي جي بااثر وڏيرن خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽون ڪرڻ تي ڪجهه ماڻهو ناراض هئا، جن دشمني رکي سنڌس پٽ کي اغوا ڪيو. هن چيو ته واقعي کان پوءِ هنن هر هنڌ ڳولا ڪئي پر ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته گذريل رات دير سان ميرپورخاص پوليس جي هڪ ذميوار آفيسر طرفان فون ذريعي اطلاع ڏنو ويو ته سنڌن پٽ بازياب ٿي ويو آهي ۽ پوليس وٽ موجود آهي، جنهن بعد هو فوري طور وڃي پنهنجي پٽ کي واپس وٺي آيو متاثر خاندان اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن اهڙا واقعا ٻيهر پيش نه اچن

بقايا 32 لياقت بلوچ

ڊاڪٽر عبدالمالڪ شيخ سان تعزيت ڪرڻ وقت ميڊيا سان ڳالهائيندي لياقت بلوچ چيو ته اقوام متحده به جنگ بندي لاءِ ڪي قدم نه کنيا آهن نتيجي ۾ جنهن ڪري ايران تي امريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ نه صرف ايران جي ليڊرشپ پر اتان جا بي گناهه شهري به شهيد ٿيا آهن. هنن چيو ته آمريڪا جي مختلف ملڪن ۾ قائم اڏن تي ايراني حملن جو اهو جواز درست آهي ڇاڪاڻ ته آمريڪا اتان کان ايران تي حملا ڪري رهيو آهي . هن چيو ته ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ هزارين بيگناهه ايرانين جي شهادت باوجود اسلامي ملڪ مذمت به نه ڪئي آهي جيڪو قابل مذمت عمل آهي .

بقايا 33 پيش ڪيو

عبدالحق فاروقي جي هٽ تي پيش پيا. درازا واسي ملهار خان ولد ٽريو جوڻيجو ۽ جنيد خان ولد نواب خان جوڻيجو جيڪي ڪافي عرصي کان مختلف ڪيسن ۾ گهربل هئا، هنن پنهنجو پاڻ کي قانون جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ٻنهي جوابدارن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته هو مسلسل هلندڙ برادري تڪرارن، خوف ۽ غير يقيني صورتحال کان سخت تنگ اچي چڪا هئا، جنهن سبب اسان ڊر ۾ پڌري واري زندگي گهاري رهيا هئاسين. ان ڪري اسان ان مان نڪري ڪري هڪ عام شهري جيان بقايا زندگي گذارڻ چاهيون ٿا. ايس ايڇ او راڻي پور ٿاڻي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جوابدارن کي تحويل ۾ وٺي سنڌن خلاف داخل ڪيسن بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ڪين مٿان وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته اهڙي عمل سان نه رڳو قانون جي بالادستي قائم ٿيندي، پر ٻين لاءِ سٺو مثال قائم ٿيندو.

بقايا 34 جاويد علي شاهه

ٽينڊو هنگورجا پرسان ڳوٺ زنوار امداد سهتو ۾ پ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر قربان علي سهتو پاران عيد ملن پارٽي واري تقريب کي خطاب ڪندي سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو ت خيرپور ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو ويو آهي ڪنگري گمبٽ ۽ سوڀوديرو تعلقي ۾ روڊن جا ڪم ڪرايا آهي جلد زنوار امداد

بقايا 35 لاڏاڻو ڪري ويو

ارادي سان بيٺل آهن اسان پهتاسين ته مقابلو ٿي پيو ڏوهارين پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني اسان جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار اختر علي عرف اخو پتي کي غيرقانوني پستل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو زخمي ڏوهاري ڦور ۽ چوري سميت ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهي ۽ ڪيسن ۾ روپوش هيو فلحال ست ڪيس ظاهر ٿيا آهن وڌيڪ ڪيسن جي جانچ ڪئي پئي وڃي ٻئي پاسي زخمي ڏوهاري کي ڊاڪٽر پاران فرسٽ ايڊ ڏيڻ ڪانپوءِ وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 36 لاڏاڻو ڪري ويو

ورهين کان جيئرمين رهندڙ ڪاهوڙي انسان سماج سڌارڪ ميانجي محمد حسين لنڊ بلوچ ڳچ عرصي کان دل جي بيماري ۾ مبتلا رهڻ بعد سومر ڏينهن 23 مارچ تي صبح مهل گهر ۾ دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو سنڌس وفات جي خبر ملڻ بعد يوسي مٺي ۾ سوڳ جو ماحول ڇانئجي ويو مٺي جي هڪ سماج سڌارڪ ۽ نيڪ انسان جي وڇوڙي تي ماڻهو ڏک ۾ ٻڏي ويا لنڊ برادري عزيز قريب ۽ سنڌس چاهيندڙ ويجها دوست سنڌس جدائي جي غم ۾ مبتلا ٿي ويا اطلاع ملندي ئي علائقي واسي سياسي سماجي مذهبي ادبي حلقي جا ماڻهو سنڌس تڏي تي ڳوٺ چٽو خان لنڊ پهتا جتي جنازو نماز ۽ تدفين ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا 37 ملهايو ويو

۽ محفلن ذريعي عقيدتمندن روحاني فيض حاصل ڪيو. سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا هئا.ان موقعي تي روايتي راندين جو به اهتمام ڪيو ويو جتي پري پري کان آيل ملهه پهلوانن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ زبردست ملهه ملاکڙو ٿيو. مقابلا ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ ماڻهو موجود هئا ۽ پهلوانن جي دليرانه مقابلي تي خوب داد ڏنو ويو.عرس دوران لنگر جو پڻ اهتمام ڪيو ويو، جتي زائرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ، جڏهن ته اهڙين تقريبن کي علائقي ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ ثقافتي ورثي جي علامت قرار ڏنو ويو.

بقايا 38 اسپتال منتقل

ڪري وڌو. زخمي ماڻهون اسپتال منتقل .ڪجهه زخمي حيدرآباد ريفر ڪيا ويا . ضلع انتظاميه ۽ بلدياتي جونئيل نمائيندن ڪک پڇي بيٺو نه ڪيو خبر موجب تنڊوالهيار ضلعي ۾ ٻن ڏينهن دوران مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن 45 کان مٿي ننڍن ٻارڙن عورتن نوجوانن ماڻهن کي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي انهي سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب يوسي غلام خان سنجراڻي جي ٻنو اسٽاپ . ڳوٺ اوپايو ميربحر. ۾هڪئي ڳوٺ ۾ 12 ڄڻن کي ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪيو حاجي ابراهيم ننڊو . ۾ ڳوٺ عمر هاليپوٽو سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ چتن ڪتن 45 کان مٿي ماڻهن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو آهي زخمين ۾ غلام مجتبي ڪيريو اسماعيل مري اشرف پتافي مٺو ڪولهي . اياز ميربحر. شهباز ميربحر. رامجي ڪچي . بلاول . ظهير . ڪاشف . آصف ميربحر . سلمان . لڇمي ڪولهي شامل آهن اشرف پتافي اسماعيل مري سميت 7 ڄڻن کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد نيو ويو آهي رابطو ڪرڻ تي تنڊوالهيار جي اسپتال جي ڊاڪٽر ٻڌايو ته عيد ڏهاڙي کان هن وقت تائين 45 کان مٿي ڪتن ڏاڙهڻ جا ڪيس اچي چڪا آهن وڌيڪ ڪيس يوسي غلام خان سنجراڻي جا آهن گهٽ زخمين کي فسٽ ايڊ ڏئي گهر روانو ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪجهه ماڻهن جي نازڪ حالت هئي تنهنڪري ڪين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي ٻي پاسي علائقي واسين ميڊيا آڏو ڌانهيندي چيو آهي ته ضلعي ۾ بلدياتي نمائيندن وٽ لکين روپيا فنڊ هجڻ باوجود ڪتا مار مهم ۾ ڪي به جوڳاءُ اپاءُ نٿا کنيا وڃن نمائيندا صرف ڪاغذي ڪارروائي لاءِ خانا پوري ڪن ٿا جنهن ڪري عوام تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهي هنن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ڪتا مار مهم ۾ تيزي آڻي انساني زندگيون بچايون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 39 احتجاجي مظاهرو

احتجاج ۾ شرڪت ڪئي. ٽيم جونيئر ذوالفقار حيدرآباد جي ضلعي آرگنائيزر سرفراز شاهاڻي، خورشيد لاشاري ۽ فيروز گاڏاهي ۽ جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي اڳواڻ احمد شيخ پڻ احتجاجي ڌرڻي ۾ پهچي پينشنرن جي مطالبن جي ڀرپور حمايت ڪئي، ان موقعي تي سرفراز شاهاڻي پينشن جي بندش کي "ناقابل قبول" قرار ڏيندي چتاءُ ڏنو ته پينشنرن کي پينشن ادا نه ڪئي وئي ته ٽيم جونيئر ذوالفقار ساڻن گڏ احتجاج ۾ شامل ٿي ويندي.

بقايا 40 تحفا پيش ڪيا

اظهار ڪيو ۽ شهيد جي بهادري ۽ عظيم قرباني کي خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو ته پوليس جا شهيد اسان جو فخر آهن ۽ انهن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو. هن شهيد جي وارثن کي عيد جا تحفا پيش ڪيا ۽ يقين ڏياريو ته پوليس کاتو هر ڏکئي وقت ۾ انهن سان گڏ بيٺو آهي ۽ هر ممڪن مدد فراهم ڪندو رهندو

بقايا 41 ادا ڪئي وئي

علي نواز ٻٽ، ڊاڪٽر رحمان گل پالاري، غفور شاهه تقويٰ، الاهي بخش ٻڪڪ، علي مستوئي، ڪاظم مهيسر سميت ٻين شرڪت ڪئي،ان موقعي تي قومي گيتن جي گونج ۾ مرحوم کي تاريخي جوکنڊي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين حمزو پنهور کي ڀرپور پيٽا پيش ڪندي چيو ته هن سچي زندگي سچ، انصاف ۽ مظلومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي، هن ڪڏهن به دٻاءُ يا ڌمڪين آڏو جهڪڻ قبول نه ڪيو ۽ هميشه بيباڪي سان قلم وسيلي سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو.هنن چيو ته مرحوم اصول پسند ۽ بيخوف صحافي هو جنهن پنهنجي پيشاورانه ذميوارين کي ايمانداري سان نڀايو. هنن چيو ته حمزو پنهور جهڙا صحافي سماج جو قيمتي سرمايو هوندا آهن ۽ سنڌن خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون.اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌس وڇوڙي سان پيدا ٿيل خال پڻ ڏکيو آهي ۽ صحافتي برادري هڪ مخلص ۽ بهادر ساٿي کان محروم ٿي وئي آهي.

بقايا 42 ريلي ڪڍي وئي

مقصد 23 مارچ يوم پاڪستان جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي، هنن چيو ته 23 مارچ اهو تاريخي ڏينهن آهي، جنهن تي پاڪستان جي قيام جو بنياد رکيو ويو ۽ پاڪستان جو بنياد قرآن ۽ اسلام جي نظرئي تي رکيو ويو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان سان محبت ۽ افواج پاڪستان جي حمايت هر محب وطن شهري جو فرض آهي، ۽ اهڙيون ريليون قومي يڪجهتي ۽ ملڪ سان وفاداري جو اظهار آهن.

بقايا 43 پاڻي جو ڇوڙ

يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي، ڄامشورو شهر، ڪوٽڙي شهر سميت مختلف علائقن جا لکين ماڻهو پيئڻ جو پاڻي لاءِ استعمال ڪن ٿا، گندي ۽ زهر آلود پاڻي جي ڇوڙ سبب علائقي ۾ هيپاٽائٽس، گيسٽرو، چمڙي جون بيماريون ۽ ٻيون خطرناڪ بيماريون ڦهلجڻ جو سخت خدشو پيدا ٿي ويو آهي، جنهن سبب شهرين ۾ سخت خوف ۽ ڳڻتي وارو ماحول ڇانيل آهي.افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ان سنگين معاملي تي ٽائون ڪاميٽي ڄامشورو ۽ ضلعي انتظاميا ڄامشورو ڪوٽڙي ايريگيشن انتظاميا مڪمل طور تي اکيون ٻوٽي ويٺي آهي، جڏهن ته لکين انسانن جون جانيون خطري ۾ آهن. ذميوار ادارن جي خاموشي عوامي صحت سان کليل مذاق آهي .ان سلسلي ۾ ڄامشورو جي سجاڳ ڌرين ۽ سماجي اڳواڻن وزير اعلي سنڌ سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نااهل انتظاميا خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي سمر نالي کي ڪٽ ڏيندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن انساني جانين کي بچائي سگهجي. هنن چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن فوري قدم نه کنيا ويا ته مجبور ٿي سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 44 1 فوت، 25 زخمي

پانڌيڙا سخت زخمي ٿي پيا، جن ۾ ٻار مرد ۽ عورتون شامل آهن سمورن زخمين ۽ فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ شاهد راهو، آفتاب راهو، رجب علي، نوشان علي، اختر، فرمان، ظهير، رمضان، عادل، ريبڪا، سهانا، ثانيا، مرڪ، سهٽي، صائما، رضيا، صنعم ۽ ٻيا شامل آهن، زخمين مان ٻن ڄڻن جي حالت انتهائي ڳنڀير ٻڌائي وڃي ٿي، جن کي فوري طور حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي. زخمي پانڌيڙن جو چوڻ آهي ته هو درگاهه قلندر تان حاضري ڀرڻ بعد واپس قاضي احمد جي ڳوٺ غوث محمد راهو وڃي رهيا هئا ته ساڻن اهڙو حادثو پيش آيو آهي. بعد طرف پوليس واقعي جي ابتدائي رپورٽ داخل ڪري ۽ حادثي جو سبب بنيل ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 45 نوجوان قتل

حوالي سان مقتول جي وارثن جو چوڻ هو ته اسان جو پنهنجي ئي برادري جي بااثرن سان پراڻي دشمني آهي جنهن معاملي تان هٿيارٻندن فائرنگ ڪري احسان سولنگي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او رحمت پور کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. ايس ايس پي موجب مقتول جي والد رستم علي سولنگي موجب سنڌن جو پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن سان ذاتي دشمنيون آهن جنهن معاملي تان اهڙو واقعو پيش آيو آهي. ٻئي طرف پوسٽ مارٽم بعد مقتول نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو. جڏهن ته آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل ٿي نه سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي.

بقايا 46 مبينا زيادتي

نصيرآباد پاڙي سان تعلق رکندڙ اجرڪ جي هنرمند پورهيت شريف قمبراڻي جي زال مسمات بختاور قمبراڻي کي شهر مان چنگچي رڪشا ڊرائيور ڪرائي تي پنهنجي پاڙي وٺي وڃڻ بجاءِ احمد آباد ڪالوني ۾ ضروري ڪم جو چئي اتي وٺي آيو جتي جوابدار جواد ميمڻ هن کي چنگچي رڪشا مان لاهي زبردستي هڪ بند گهر ۾ وٺي ويو جتي سنڌس زبردستي لچالت ڪئي ، رڙين ڪرڻ تي ڪالوني جا رهواسي گڏ ٿي ويا پر ان کان اڳ جوابدار لچالت ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو ، واقعي کي غربت جي سبب ظاهر نه ڪيو ويو هو ، ٽنڊو محمد خان پوليس وٽ پهرين رپورٽ ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني هئي پوليس بااثر ماڻهن جي مداخلت سبب ايف آءِ آر داخل نه ڪري رهي هئي ، جنهن بابت اهو معلوم ٿيو آهي ته پورهيت شريف قمبراڻي پنهنجي زال سان گڏ ايس ايس پي آفيس پهچي واقعي بابت ايس ايس پي کي اصل حقيقت ٻڌائي جنهن جي بعد ايس ايس پي جي حڪم تي ٽنڊو محمد خان وومين ٿاڻي تي فريادي عورت مسمات بختاور قمبراڻي جي فرياد تي گناهه نمبر 2026/06 تحت قلم 376 ، 34 پي پي سي تحت جوابدار جواد ميمڻ ۽ چنگچي رڪشا ڊرائيور ڪارو ابڙو جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي پر پوليس ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي آهي.

بقايا 47 افسوس

ڪندي مرحومن جي درجن جي بلندي ۽ پوئتي رهيل ماڻهن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري آهي، وڏي وزير چيو ته هو هن ڏک جي گهڙي ۾ متاثر خاندانن سان برابر جو ساٿاري آهي، مراد علي شاهه لاڳاپيل انتظاميه کي هدايت ڪئي ته زخمين کي فوري طور بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ واقعي جي تفصيلي رپورٽ جلد پيش ڪئي وڃي، هن وڌيڪ چيو ته ٽريفڪ قانونن تي سختي سان عمل ڪرائڻ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪي سگهجي ۽ قيمتي انساني جانيون بچائي سگهجن.

بقايا 48

رستمائي ايڊووڪيٽ اسرار احمد پتي ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند وسيم سجاد لغاري نواز علي ڪلهوڙو ايس يو پي جي ياسين سومرو جيئي سنڌ محاذ جي ابرار مورائي ڪامريڊ قري جي مورائي ايس ٽي پي جي عباس ڪوڪر ۽ ٻين چيو ته شهر مورو ۽ ڳوٺ لغاري بجراڻي جا غريب هاري مزدور پورهيت استاد شاگرد ڪاروباري ماڻهو جن تي دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڏهن مهينن کان جيل ۾ قيد ڪيا ويا آهن جن جو ڪوب قصور نه آهي پر پي پي جي حڪمرانن پنهنجو ڏاڍ ڏهڪاءُ جبر بربريت رکڻ لاءِ خوف پيدا ڪرڻ لاءِ 60 بيگناهن کي جيڪي حڪمرانن جا مغوي ٿيل آهن انهن کي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد ڪيو ويو آهي ضمانتون ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ڪيس هلائڻ کان به روڪيو ويو آهي بيگناهه قيدين جي معصوم ٻارڙن نياڻين پيرسن والدين عيد به نه ملهائي عيد واري ڏينهن به هٿن ۾ ڪارا جهنڊا کڻي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪري سنڌ جي حڪمرانن کي پٽون ۽ پاراتا ڏنا انهن مظلوم ماڻهن جون سڀ خوشيون ختم ٿيل آهن انهن مظلوم ماڻهن لاءِ سنڌ جي تمام قومپرست تنظيمن وڪيلن شاگردن سماجي سياسي اڳواڻن کي اٿڻو پوندو انهن سان گڏ بيهڻو پوندو هنن چيو ته بيگناهه قيدين ڪامران علي رستماڻي صمد پتي اڪرم پتي فيض محمد لغاري علي احمد لغاري صدام لغاري عمران علي جويو ممتاز رند شهزاد لغاري مزمل لغاري منور لغاري وزير لغاري مختيار لغاري قلب علي لغاري خالد چانڊيو گلزار چانڊيو ۽ ٻين 60 قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن شهيد عرفان لغاري شهيد زاهد لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي جيستائين اهي جائز مطالبا پورا نه ٿيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي وارثن جو سياسي سماجي اڳواڻن سان گڏ ٽئين ڏينهن به ڌرڻو

مظاهرين محسن علي رستماڻي ايڊووڪيٽ اسرار احمد پٽي ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي ۽ ٻين احتجاج جاري رکيو

پ پ حڪمرانن ڌاڪ ڌهڪاءُ رکڻ لاءِ غريب هاري، مزدور، پورهيت، استاد، شاگرد کي قيد ڪرايو آهي: مظاهرين

بيگناهه قيدين ڪامران علي رستماڻي ۽ ٻين 60 قيدين تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري کين آزاد ڪيو وڃي

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن نياڻين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين پريس بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

مورو: سجاد ڪوڪر جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڄوخاناڻي مان نوجوان ڇوڪري مبينا هٿيارن جي زور تي اغوا، وارثن جو احتجاج

مير محلا مان رات جو اڍائي وڳي هٿياربندن 16 ورهين جي راحيلا شيدي کي اغوا ڪري ويا

واقعي خلاف وارثن جو برادري جي ڀاتين خلاف احتجاج، نياڻي موٽائي ڏيڻ جو مطالبو

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي شهر جي وارڊ نمبر 2 جي رورل هيلٿ سينٽر پرسان مير محلا مان رات جو اڍائي وڳي هٿيار بندن پاران مدد علي شيدي جي گهر ۾ گهڙي سندس 16 سالا نياڻي راحيلا شيدي کي هٿيارن جي زور تي مبينا طور اغوا ڪري کڻي وڃڻ واري واقعي خلاف ڇوڪري راحيلا شيدي جي والد مدد علي شيدي، پڦي مسمات دلشاد شيدي، ڏاڏي مسمات جيئندي، ڏاڏو سومان حنيفان، شڪيل، رمون شيدي ۽ ٻين پريس ڪلب راڄوخاناڻي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ جبري گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاجي ريلي

ڪارڪنن علي ڪرناٽي، گلاب لنڊ، توحيد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ مان کڻپي گم ڪيل قومي تحريڪ جي ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي

ٺٽو(ڊ ر) جيئي سنڌ تحريڪ يونٽ مڪلي ۽ سنڌ سبا ضلعو ٺٽو پاران جبري گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي جي لاءِ دبئي اسٽور کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽي تائين ريلي ڪڍي وئي نيشنل پريس ڪلب تي ريلي کي خطاب ڪندي علي ڪرناٽي، گلاب لنڊ، توحيد سومرو، جميل ڪاتيان صمد ژنٽور ۽ ٻين چيو ته هڪ طرف سڄي قوم عيد جون خوشيون ملهائي رهي ته ٻي طرف سنڌ مان جبري کنيي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جا وارث پنهنجن پيارن جي آزادي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ يوم قراردادِ پاڪستان جي موقعي تي اين پي سي آءِ ايڇ اي پاران ريلي

ڪارڪنن مظهر چانڊيو، گل بهار خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ يڪجهتي جو ڀرپور اظهار ڪيو

پاڪستاني قوم پنهنجي بزرگن جي قربانين تي فخر ڪري ٿي ۽ هميشه ڪندي رهندي: اڳواڻ

ٽنڊوآدم (ن ع) 23 مارچ يوم قرارداد پاڪستان جي موقعي تي اين پي سي آءِ ايڇ اي جي انتظام هيٺ هڪ پروقار ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري قومي يڪجهتي جو ڀرپور اظهار ڪيو. ريلي گلشن صديقي پارڪ کان شروع ٿي پريس ڪلب ٽنڊوآدم تي پهتي ريلي جي اڳواڻي صوبائي نائب صدر مظهر چانڊيو ۽ ضلع سانگهڙ جي صدر گل بهار خاصخيلي ڪئي، جڏهن ته ريلي ۾ ٽنڊوآدم جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو واسي آءِ ٽي جو ماهر علي حسن ملاح لاڏاڻو ڪري ويو

جيري جي تڪليف سبب گذريل هفتي کان سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل هو

مرحوم جي تدفين اڄ سندس اباڻي لڪي شاهه صدر لڪ ڳوٺ آباد ۾ ڪئي ويندي

ڄامشورو(ڊ ر) سنڌي ٻوليءَ کي ڊجيٽل دنيا ۾ نئين انداز سان متعارف ڪرائيندڙ سافٽ ويئر ڪمپني انڊسليڪان جو چيف ايگزيڪيوٽو نائيوارو آئي ٽي جي ماهر سافٽ ويئر انجنيئر ۽ مشهور ليکڪ ڄامشورو واسي علي حسن ملاح جيري جي بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو آهي. علي حسن ملاح جيري جي تڪليف سبب گذريل هفتي کان سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل هو. اڄ سومر ڏينهن 57 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي علي حسن ملاح بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پاڪستان زنده باد
LONG LIVE PAKISTAN
23 MARCH
PAKISTAN DAY
منجانب: دفاعِ پاڪستان ونگ ڊسٽرڪٽ قمبر شهداد ڪوٽ صوبہ سنڌ

وڳڻ: يوم پاڪستان جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

جيڪب آباد مان وڪيل اڳواڻ گلزار احمد رند جي وڏي ڀاءُ جو گولين لڳل هٿ

جعفر آباد محلا مان زاهد حسين رند جو گهر اندر ڪمري مان لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سول لائين ٿاڻي جي حد جعفر آباد محلا ۾ وڪيل اڳواڻ گلزار احمد رند جي وڏي ڀاءُ زاهد حسين رند جو گهر اندر ڪمري مان گولين لڳل هٿ، مقتول زاهد حسين رند جي ننڍي ڀاءُ وڪيل گلزار احمد رند گهر پهچڻ شرط لاش کي ڏسندي ئي پوليس ۽ سائٽن کي اطلاع ڪيو جيڪي ٿوري دير ۾ ئي واقعي واري هنڌ پهچي ويا، واقعي جو ٻڌندي ئي وڏي تعداد ۾ پاڙي وارا به گڏ ٿي ويا. ان سلسلي ۾ موقعي تي موجود مقتول بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ رياستي اداري جي وڏي ڪارروائي، فراڊ نيٽ ورڪ بي نقاب، 3 ڄڻا گرفتار

بينظير انڪم سپورٽ جي نالي تي فراڊ ڪندڙ ذيشان، دانيال راجپوت، ريحان قريشي کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

جوابدارن جي قبضي مان سوين مشڪوڪ سمون، موبائل فون ۽ ليپ ٽاپس پڻ برآمد ڪيا ويا آهن

ٽنهي جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪري ٽن ڏينهن جي جسماني رمانڊ ورتو آهي، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

ٽنڊوالهيار (راجه ساجد خانزاده)ٽنڊوالهيار ۾ رياستي اداري جي وڏي ڪارروائي، فراڊ نيٽ ورڪ بي نقاب، 3 ڄڻا گرفتار، ڪيس داخل، وڏي مقدار ۾ سمون، ليپ ٽاپ ۽ ٽچ موبائيل هٿ خبر موجب بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: سائيڪل تي سفر ڪندڙ جو استقبال ڪيو پيو وڃي

ننگرپارڪر ۾ منشيات وڪري ۽ نوڪريون نه ملڻ خلاف رهواسين جو ايم پي اي آڏو احتجاج

شهرين بشير ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قاسم سراج سومرو آڏو احتجاج ڪندي ڌانهن ڏني

منشيات خلاف فوري ايڪشن وٺي ڪوشش ڪري ميرٽ تي نوڪريون ڏنيون وينديون: قاسم سراج

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ سرعام پوليس سرپرستي ۾ هلندڙ غير قانوني منشي گٽڪا نشي آور پڙين توڙي ٻين برائين خلاف گذريل ڏينهن شهرين بشير ڪوسو ۽ ٻين طرفان ننگرپارڪر جي ايم پي اي قاسم سراج سومرو اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته ننگرپارڪر شهر پوڊيسر ڏاتوڏانڊل ۽ ٻين هنڌن تي سرعام پوليس سرپرستي ۾ منشي گٽا هلايا وڃن ٿا، ننگرپارڪر شهر ۾ سرعام ڪيبنن توڙي دڪانن تي شراب وڪرو ٿي رهيو آهي هنن چيو ته پوليس بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

آمريڪا ۾ پيٽرول جون قيمتون اڍائي سالن جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ پيٽرول جون قيمتون اڍائي سالن جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪا ۾ پيٽرول جون قيمتون وڌي 3.79 ڊالر في گيلن تائين پهچي ويون آهن جيڪا آڪٽوبر 2023 ع بعد جي بلند ترين سطح آهي. آمريڪن آٽو موبائل ايسوسي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

باڊهه مان 14 ورهين جي نينگري ٽن ڏينهن کان پراسرار نموني گم

عيدالفطر واري ڏينهن تهمينه پنهنجي سوٽ سان گڏ گهمڻ لاءِ نڪتي هئي: وارث

نينگري جي اغوا ۾ سندس سوٽ ۽ عرفان مشوري ملوث آهن

باڊهه (ن-ع) باڊهه جي ڀٽي چوڪ لڳ نوناري پاڙي جي رهواسي محمد پنهل نوناري جي 14 ورهين جي نينگري تهمينه نوناري ٽن ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي جنهن خلاف وارثن پاڪ ڪتاب کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي نينگري جي والده زينت نوناري ڀاءُ زين العابدين ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته عيدالفطر واري ڏينهن تهمينه پنهنجي سوٽ سان گڏ گهمڻ لاءِ نڪتي هئي، ڪجهه وقت ڪانپوءِ سندس سوٽ اڪيلي گهر واپس آئي جڏهن ته بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص بورڊ ۾ جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ بابت اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي قائم

سنڌ يونيورسٽي جو وي سي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ٽن ميمبرن واري ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر

اينٽي ڪرپشن جي جاچ ۽ ايف آءِ آر داخل ٿيڻ بعد ٽن اهم آفيسرن کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي

تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، جعلسازي ۽ ميرٽ جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: اسماعيل راهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت تعليمي بورڊ ميرپورخاص ۾ ميٽرڪ جي جعلي سرٽيفڪيٽن جي جاري ٿيڻ ۽ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

احتجاج
مهراڻ يونيورسٽي جي ملازمن کي
ليو انڪيشمينٽ ڏئي ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي
احتجاج
پاران: ميوا اڳواڻ

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ ڦرلٽ دوران دڪاندار جي فائرنگ ۽ مڇريل ماڻهن جي تشدد ۾ ٻه ڦورو مارجي ويا

بلديا دائود ڳوٺ ۾ دڪان تان ڦر دوران دڪاندار حسنين جي فائرنگ ۾ اڻڄاتل جوابدار مارجي ويو

گلشن معمار ڳبول ڳوٺ ۾ ڦرلٽ ڪندڙ 4 جوابدارن کي شهري گهيري ورتو، ٻه ڄڻا سوگها، ٻه فرار

شهرين جي تشدد ۽ فائرنگ ۾ هڪ ڦورو 25 سالن جي اويس پٽ ظفر مارجي ويو، فراز علي سخت زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سعيد آباد ٿاڻي جي علائقي بلديا دائود ڳوٺ ۾ هڪ پرچون جي دڪان ۾ ڦر جي ارادي سان داخل ٿيا ته حسنين نالي هڪ دڪاندار وٽ هٿيار به هو جنهن مزاحمت ڪئي ۽ جوابدارن تي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

يوم پاڪستان 23 مارچ اسان جي قومي عزم، اتحاد ۽ قربانين جي ياد ڏياري ٿو: ايس ايس پي دادو

دادو(ڊ ر) دادو ۾ يوم پاڪستان موقعي تي سيڪيورٽي سخت، ايس ايس پي پاران اسنيپ چيڪنگ ۽ ناڪابندي جا حڪم، ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران يوم پاڪستان جي موقعي تي ضلعي ۾ سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪرڻ لاءِ اسنيپ چيڪنگ ۽ ناڪابندي وڌائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن اهم هنڌن تي اضافي نفري مقرر ڪرڻ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: زاهد حسين رند جو گولين لڳل لاش گهر ۾ پيل آهي

خيرپور پوليس پاران ٽائون چيئرمين پرويز پٽي جي چوري ٿيل ڪار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي ڪندي ٽائون ڪميٽي فقير آباد جي چيئرمين پرويز احمد پٽي جي بلاول پارڪ مان چوري ٿيل ڪار راڻي پور واري علائقي مان برآمد ڪري ورتي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب، چيئرمين ٽائون ڪميٽي فقير آباد پرويز احمد پٽي عيد جي موقعي تي پنهنجي ڪار ۾ خيرپور جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ هندو پنچائت جي چونڊن ۾ "ايڪتا گروپ" ڪلين سوئيپ، جشن ملهايو ويو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ هندو پنچائت جي ساليانو چونڊن ۾ صدر ونود ڪمار جي "ايڪتا گروپ" ڪاميابي ماڻي ڪلين سوئيپ ڪري سڌاشو پئنل کي مات ڏئي ڇڏي، ايڪتا پئنل طرفان صدر ونود ڪمار ڪو صدر واسو مل ۽ خزانچي هيمن داس بنامقابلي ٿيڻ بعد سندن پورو پئنل ڪامياب ٿي ويو جنهن ۾ سينئر نائب صدر جي عهدي رامچند بولچند 313 ووٽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ يوم قراردادِ پاڪستان حوالي ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

راڌڻ (ن ع) 23 مارچ جي موقعي تي راڌڻ شهر ۾ رانا شوڪت حيات جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ هڪ ڀرپور ريلي ڪڍي وئي ريلي ڪاراسٽاف راڌڻ کان شروع ٿي حسيني چوڪ تائين پهتي جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ پاڪ فوج جي رٽائرڊ جوانن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو شرڪت بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ 23 مارچ جي حوالي سان ايس ايس پي آفيس کان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ 23 مارچ جي حوالي سان ريلي ڪڍي پاڪستان زنده باد پاڪ فوج زنده آباد جي نعريبازي ڪئي وئي ريلي ايس ايس پي آفيس کان پريس ڪلب خيرپور تائين ڪڍي وئي ريلي جي قيادت سماجي اڳواڻ سجاد حسين شر ظهير انصاري، ارباب احمد ڪلهوڙو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪ فوج پاڪستان جي دشمن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ معزز شخصيت مرحوم سيٺ اعظم هنگورو جي چاليهي تقريب، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ معزز شخصيت مرحوم سيٺ محمد اعظم هنگورو جي چاليهي تقريب ، ديني اجتماع عالمن سڳورن خطاب ڪيو ڪڪڙ جي ڪنبر پاڙي جي معزز شخصيت مرحوم سيٺ محمد اعظم هنگورو جي چاليهي جي تقريب ۽ خيرات جي ماني جو بندوبست ڪيو ويو جڏهن ته مرحوم جي ايصال ثواب خاطر وارث پٽ علي رضا ۽ ڀائر قربان علي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ويجهو سپر هاءِ وي تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 55 سالن جي عورت فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي تي چاڪر هوٽل ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ عورت فوت ٿي وئي پوليس موجب فوت ٿيل عورت جي لاش کي ايمبولينس ذريعي گلاب روڊ تي هڪ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان موت جي تصديق ڪرڻ کان پوءِ لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس ٿاڻي پهچايو ويو. فوت ٿيل عورت جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي انتهائي گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ ويسٽ پوليس ڳجهي اطلاع تي اهم ڪارروائي ڪندي انتهائي مطلوب جوابدار بلاول خان کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب جوابدار بلاول خان کي 50 لک رپيا ڀتو طلب ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس خلاف مختلف ٿاڻن ۾ دهشتگردي، اقدام قتل ۽ لينڊ گريبنگ ۽ ٻين ڏوهن هيٺ ڪيترائي ڪيس بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: پينشنرز ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ ڊاڪٽر مهتاب عالم کتري جي اسپتال حملي خلاف ڊاڪٽر جو احتجاج

مظاهرين ڊاڪٽر انصار حسين، ڊاڪٽر محمد ڪٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر مهتاب جي ڪلينڪ تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بدين (ڊ ر) بدين جي ناميارين ٻارڙن جي ماهر ڊاڪٽر مهتاب عالم کتري سنڌس اسپتال تي پٽي نوجوانن طرفان حملو ڪري دهشت گردي ۽ ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ خلاف بدين جي سينئر ڊاڪٽرن ڊاڪٽر انصار حسين جعفري ڊاڪٽر محمد ڪٽي ڊاڪٽر شفقت حسين جعفري ڊاڪٽر رزاق سومرو ۽ ٻين سان گڏ بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌس اسپتال تي پٽين ۽ ملاحن جي ٿيل جهيڙي سان سنڌس ڪوبه تعلق ناهي هن چيو ته بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

آئين پاڪستان جي پيڙهه جي پٿر ۾ ٽيڏيون سرون لڳل آهن: سيد زين شاهه

حڪمران ڪڏهن به نٿا چاهين ته عوام سندن ڪرتوتن مان واقف ٿئي

سوچڻو پوندو ته قرارداد لاهور ڏوکو هو يا اڄ جي طرز حڪمراني ڏوکو آهي

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران "23 مارچ قرارد لاهور ۽ اڄ جو پاڪستان" جي حوالي سان وائيٽ روز ريسٽورينٽ سڪرنڊ تي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن ڪائونسلن واپارين، صحافين سميت عورتن جو پڻ وڏو انگ شريڪ هو ان موقعي تي ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته ڪراچي حيدر منزل تي جيڪا تنظيم سازي ٿي انهن سڀني کي گرفتار ڪري ڇهه بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شگر کان بچاءَ جي جاڳرتا لاءِ رٽائر فوجي ڪراچي کان سائيڪل تي ڪيرو پهتو

400 سئو ڪلوميٽر سفر ڪري ايندڙ شوڪت قائمخاني جو شاندار استقبال ڪيو ويو

شگر کي بنا دوائن جي ورزش، واڪ ۽ متوازن خوراڪ ذريعي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو: شوڪت

ڪيرو(ن ع) حيدرآباد ۾ رهندڙ ڪيرو واسي رٽائر فوجي شوڪت علي قائم خاني شگر جي بيماري کان بچاءَ لاءِ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ عيد جي ٻي ڏهاڙي ڪراچي جي مزار قائد کان سائيڪل تي 400 سئو ڪلوميٽر کان وڌيڪ سفر ڪري ڪيرو پهتو جتي مختلف هنڌن تي علائقي واسين پاران زبردست استقبال ڪيو ويو ڪيس گلن جا هار لونگيون اجرڪون اوڍايون ويون ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي فوجي شوڪت علي قائم خاني چيو ته پاڪستان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: ايس يو پي سربراهه سيد زين شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميهڙ مان بجلي جي ٿنڀي وٽان نوجوان جو سڙيل لاش هٿ، وارثن پاران احتجاجي ڌرڻو

ڊگري ڪاليج ۾ 22 ورهين جي صداقت جو لاش ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڏنو

پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو ته وارثن پهچي احتجاجي ڌرڻو هنيو

نوجوان کي ڪرنٽ ڏئي بيدرديءَ سان تشدد بعد قتل ڪري لاش ٿنڀي پرسان رکي خودڪشي جو ڄاڻايو ويو

ميهڙ(نمائندهه خصوصي) ميهڙ جي ڊگري ڪاليج جي چوديواري اندر نوجوان کي مبينا بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي. نوجوان جو تشدد ۽ سڙيل حالت ۾ لاش هٿ آيو آهي. لاش جي سڃاڻپ ڄاڻا محلي واسي باويهن ورهين جي پورهيت صداقت پٽ خادم ڪولاچي طور ڪئي وئي آهي. اطلاع ملڻ تي اي سيڪشن ٿاڻو پوليس پهچي لاش تعلقه اسپتال منتقل ڪيو. نوجوان جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان موقع تي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ويجهو ون ويلنگ دوران هڪ نوجوان فوت، چار زخمي

انڊس هاءِ وي تي حادثي ۾ ڪاشف خاصخيلي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي اعظم، ظهير ۽ عاصم ٿنيو ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

ميهڙ(نمائندهه خصوصي) ميهڙ ۾ انڊس هاءِ وي تي موٽر وي آفيس ويجهو ون ويلنگ ڪندي سامهون ايندڙ موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ نوجوان ڪاشف خاصخيلي فوت ٿي ويو. جڏهن ته اعظم ٿنيو، ظهير ٿنيو ۽ عاصم ٿنيو سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي شهرين تعلقه اسپتال ۾ پهچايو. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ انڊس هاءِ وي تي ون ويلنگ ڪندي ڏڪريا ڏيرو پڻ فوت ٿي ويو هو.

JIYE SINDHU DESH
JIY SAIN G.M SYED
STOP ENFORCED DISAPPEARANCES IN SINDH
STOP MISSING PERSON OF SINDH
سنڌ مان جبري طور کنيي گم ڪيل قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪريو!

ٺٽو: سنڌ سبا پاران گم ٿيلن جي واپسي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائين ۽ فائرنگ جي ڏي وٺ بعد 6 جوابدار گرفتار

مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروائين دوران ڌاڙيلن سان مقابلا ڪري جوابدار سوگها ڪيا

گرفتار ڪيل جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، گوليون، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروائين ۽ فائرنگ جي واقعن دوران 6 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن جڏهن ته هڪ شهري زخمي ٿي پيو آهي. تفصيل موجب گلشن اقبال پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي راشد منهاس روڊ بلاڪ 6 ۾ شهري سان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ 4 هٿيار بند موٽر سائيڪل سوار جوابدارن مان 3 کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي قيادت لياري ٽائون چيئرمين ناصر ڪريم بلوچ کي هٽائي ڇڏيو

ٽائون ڪائونسل ۾ هڪ ارب 44 ڪروڙ رپين جي تڪرار کان پوءِ اختلاف تيز ٿي ويا هئا

پارٽي قيادت جي هدايتن تي ناصر ڪريم بلوچ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري ٽائون ڪائونسل ۾ هڪ ارب 44 ڪروڙ رپين جي تڪرار کان پوءِ پيپلز پارٽي جي قيادت لياري ٽائون چيئرمين ناصر ڪريم بلوچ کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو آهي پارٽي جي هدايتن تي، ٽائون وائيس چيئرمين اقبال هنگورو قائم مقام چيئرمين طور چارج سنڀالي ورتو آهي لياري ٽائون ذريعن موجب ناصر ڪريم بلوچ ۽ ٽائون ڪائونسل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو لڳ ڏگا ۽ خاصخيلي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 12 ڄڻا رتورت

ڳوٺ هاشم ڏگو واسي ڌرين ۾ زمين جي ڌنگ تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي محمد ڏگو، نور احمد، حاجي ننڍو، سليمان، سجاد ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽنڊوباگو(ت ر) ٽنڊوباگو پرسان ڳوٺ هاشم ڏگو ۾ خاصخيلي ۽ ڏگا برادرين وچ ۾ جهيڙو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ محمد ڏگو نور احمد، حاجي ننڍو سليمان سجاد، عبدالمالڪ خاصخيلي شاهد حسين علي غلام حاجي عبدالخالق منير ۽ امين خاصخيلي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو آندو ويو آهي سمورن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پيرو ۾ دفاع واري اڳوڻي وزير ملڪ جي نئين وزيراعظم جي عهدي جو حلف کڻي ورتو

ليما (اي پي پي) پيرو جي دفاع واري اڳوڻي وزير لوئس اروئيو ملڪ جي نئين وزيراعظم جي عهدي جو حلف کڻي ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن حڪومتي پيلس ۾ منعقد تقريب دوران عهدي جو حلف کنيس جنهن جي صدارت پيرو جي صدر جوزي بلڪازار ڪئي.

پاڪستان زنده باد
LONG LIVE PAKISTAN
23
منجانب: اين پي سي آئي ايڇ اي تعلقه ٽنڊوآدم ضلع سانگهڙ

ٽنڊو آدم: يوم پاڪستان جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ابراهيم حيدري ۾ ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ وارثن جو مظاهرو

علي اڪبر شاهه ڳوٺ جي رهواسين ڀارت ۾ قيد مهاڻن جي مائرن، ڀينرن، ڀائرن ۽ ٻارن احتجاج ڪيو

اسان پيارا ڀارتي قيد ۾ سخت تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن، جلد آزاد ڪرايو وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ابراهيم حيدري جي علائقي علي اڪبر شاهه ڳوٺ ۾، ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ سندن وارثن طرفان هڪ پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ مائرون ڀينرون ٻار ۽ ڀائر شامل ٿيا، جن پنهنجي پيارن جي محفوظ واپسي لاءِ آواز بلند ڪيو. هي احتجاج پاڻ متاثر خاندانن جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو ڪوسٽل ميڊيا سينٽر جي صدر سيد ڪمال شاهه پڻ ان موقعي تي موجود هئا ۽ هنن خاندانن سان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ ٽنڊو واسي نوجوان مبينا نشي آور گوريون کائڻ سبب فوت، هڪ ڄڻو بيهوش

ڳوٺ مير ۾ مبينه نشيدار گوريون کائڻ سبب 35 ورهين جو عرفان مڱڻهار فوت ٿي ويو

گوريون کائڻ سبب بيهوش ٿيل جاڙو مڱڻهار ۽ عرفان جو لاش ڪڍائي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

عرفان نشيدار گوريون کائڻ جو عادي هو گهڻي مقدار ۾ کائڻ سبب فوت ٿي ويو آهي: وارث

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي محمود آباد ٿاڻي جي حد مير ڳوٺ ۾ مبينا طور نشيدار گوريون کائڻ سبب 35 سالن جو عرفان مڱڻهار فوت ٿي ويو جنهن جو لاش سول اسپتال ميرپورخاص آندو ويو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص: بيهوش ٿيل نوجوان پيل آهي

قاضي احمد ويجهو بس جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت

باءِ پاس وٽ پيش آيل حادثي ۾ نوجوان عبدالجبار انڙ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي نازڪ حالت ۾ نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد باءِ پاس تي ڪراچي کان پنجاب ويندڙ تيز رفتار بس موٽرسائيڪل سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان عبدالجبار انڙ سخت زخمي ٿي پيو. حادثي ڪانپوءِ زخمي کي فوري طور قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت نازڪ هئڻ سبب ڪيس نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ قاضي احمد اسپتال آندو ويو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ڦليلي واهه مان رضاڪار لاش ڪڍي رهيا آهن

مورو پوليس پاران مقابلي بعد ڌوڙاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) مورو ۾ پوليس جو ڪيلن جي باغ وٽ مبينا مقابلو هڪ ڄڻو اختر علي عرف اختو ولد سجل پٽي ويٺل ڳوٺ ليمون شاهه ابڙان کي زخمي حالت ۾ گرفتار جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽر پاران طبي امداد ڏني وئي ان موقعي تي مورو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر امتياز علي کهاوڙ ٻڌايو ته اسان گشت ڪري رهيا هئاسين ته اطلاع مليو ته ڌوڙاري ڌوڙ جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ پرسان هفتو اڳ مبينه اغوا ٿيل نوجوان بازياب، وارثن ۾ خوشي

وڏيرن خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽون هلائڻ تان جوابدارن اغوا ڪيو: اعجاز چانڊيو

پوليس معرفت آزاد مليو آهي، جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

نئون ڪوٽ (ن ع) نئون ڪوٽ پرسان ٿرپارڪر ضلعي جي پوليس اسٽيشن وجوٽو جي حد مان هڪ هفتو اڳ مبينه طور اغوا ٿيل سنٽورو فارم واسي نوجوان اعجاز پٽ جيئند چانڊيو بازياب ٿي ويو جنهن بعد علائقي ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ان سلسلي ۾ مغوي جي والد جيئند چانڊيو ۽ بازياب ٿيل نوجوان اعجاز چانڊيو نئون ڪوٽ پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته لڳ ڀڳ ڏهه ڏينهن اڳ رات جو ٻارنهن وڳي نامعلوم هٿياربند بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي يوسي نورپور جو چيئرمين ۽ ڪانهر برادري جو نيڪ مرد انور علي ڪانهر لاڏاڻو ڪري ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي يونين ڪائونسل نورپور جو چيئرمين ۽ ڪانهر برادري جو نيڪ مرد انور علي ڪانهر ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد نورپور واري علائقي ۾ وفات ڪري ويو مرحوم کي جنازي نماز بعد اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن تي اقوام متحده به ڪي قدم نه کنيا آهن: لياقت بلوچ

ايراني حملن تي اسلامي ملڪن جي خاموشي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي

هزارين بيگناهه ايرانين جي شهادت باوجود اسلامي ملڪن جي خاموشي قابل مذمت عمل آهي

ماتلي(ن ع) جماعت اسلامي جي مرڪزي نائب امير لياقت بلوچ چيو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران تي حملي ۽ ايران جي اڳواڻن جي شهادت جي باوجود دنيا جا اسلامي ملڪ چپ جو روزو رکيو ويٺا آهن ۽ ڪو به ملڪ غلط کي غلط چوڻ جي جرئت نه ڪيو آهي اسلامي ملڪن جي خاموشي خود اسلامي ملڪن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي ماتلي ۾ جماعت اسلامي بدين جي اڳواڻ امير مولانا شيخ شوڪت علي ۽ سندس زوجه جي وفات تي مرحوم جي پٽ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

بدين جي يوسي ملڪي جو وائيس چيئرمين سماج سڌارڪ محمد حسين لنڊ بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو

شادي لارج(ن ع) تعلقو بدين جي يوسي ملڪي جو وائيس چيئرمين سماج سڌارڪ مياڄي محمد حسين لنڊ بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو سندس موت جي خبر تي يوسي ملڪي جا ماڻهو لنڊ برادري عزيز قريب ۽ چاهيندڙ ڏک ۾ وڪجي ويا. تعلقي بدين جي يونين ڪائونسل ملڪي جو ٻه دفعا وائيس چيئرمين چونڊجندڙ ايل ايس او ملڪي جو ڏهن بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

درازا واسي ٻن ڄڻن ڏوهن ۽ برادري جهيڙن کان تنگ ٿي پاڻ کي قانون آڏو پيش ڪيو

ملهار خان ۽ جنيد جوڻيجو گاديءَ نشين خواجه عبدالحق فاروقي جي هٿ تي پيش پيا

جوابدارن خلاف داخل ڪيسن بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي آهي کين عدالت ۾ پيش ڪنداسين: پوليس

رانيپور(رپورٽ عبدالخالق ڳلال) درازا واسي ٻن ڄڻن ڏوهن ۽ برادري جهيڙن کان تنگ ٿي پاڻ کي سچل سرمست جي گادي نشين جي هٿ تي پوليس حوالي، مٿن ڪيترائي ڪيس داخل هئا، قانون جي ڪٺهڙي ۾ پيش ڪيو ويندو: پوليس. رپورٽ موجب: رانيپور ۽ پرپاسي ۾ وڌندڙ ڏوهن ۽ برادري جهيڙن کان بيزار ٿي ڪري مختلف ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل ٻه ڄڻا پاڻمرادو رانيپور پوليس وٽ درگاهه سچل سرمست رح جي گادي نشين خواجه بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ عبدالله فقير جو 52هون ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

خيرپور(ڊ ر)عيد جي ٽئين ڏينهن جانوري ڳوٺ ۾ عبدالله فقير جو 52هون ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ علائقي سميت پري پري کان آيل عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. عرس جي موقعي تي درگاهه تي چادر چاڙهڻ فاتحه خواني ۽ دعا جون تقريبون منعقد ڪيون ويون جڏهن ته ذڪر بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو ويو آهي: جاويد علي شاهه جيلاني

آمريڪا اسرائيل پاران ايران سان جنگ سبب خطي ۾ صورتحال اچانڪ خراب ٿيڻ جو خطرو آهي

ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جون قيمتون وڌڻ سان مهانگائي وڌڻ جو خطرو موجود آهي

هنگورجا (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو آهي ته آمريڪا اسرائيل جي ايران سان جنگ سبب خطي ۾ صورتحال اچانڪ خراب ٿيڻ جو خطرو آهي جنگ جا ٻين ملڪن تي به ناڪاري اثر پوندا . اسان جي ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جون قيمتون وڌڻ سان مهانگائي وڌڻ جو خطرو موجود آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي بحرانن مان ڪڍي سگهي ٿي . بلاول ڀٽو زرداري ايندڙ وقت جو نوجوان وزيراعظم بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باڳو: زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ٽنڊوالهيار ضلعي جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن چڪڻ سبب 45 کان وڌيڪ ماڻهو اسپتال منتقل

يوسي غلام خان سنجراڻي جي ڳوٺ اوپايو ميربحر واسي 12 ڄڻن کي ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪيو

ضلعي جي مختلف علائقن مان غلام مجتبيٰ کيريو، اسماعيل مري، اشرف پتافي، ملو ڪرلهي ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

اشرف پتافي، اسماعيل مري سميت 7 ڄڻن کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد نيو ويو، وارثن پاران ڪتا مار مهم جو مطالبو

ٽنڊوالهيار(رپورٽ: راجه ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار ضلعي جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي . ضلعي جي مختلف علائقن ۾ 45 کان مٿي ماڻهن کي ڪتن ڏاڙهي زخمي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ اي ٽي سي جي ڊيوٽي دوران شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي وارثن سان ملاقات ڪري عيد جا تحفا پيش ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڊي آءِ جي ويسٽ، ايس ايس پي ويسٽ ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ ڊيوٽي دوران شهيد ٿيل پوليس ڪانسٽيبل عظيم اقبال جي خاندان سان عيد الفطر جي موقعي تي سرجاني ٽائون سيڪٽر 7-بي ۾ سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي شهيد جي خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بندش خلاف احتجاجي مظاهرو

ملازمن آچر ڪاتيار، عنايت ميمڻ، قاسم منگريائي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو

ٽنڊوڄام(ت ر) حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بندش خلاف سومر تي به احتجاج جاري رهيو متاثر پينشنرن آچر ڪاتيار، علي ميمڻ، قاسم منگرائي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو ۽ ڪمشنر بلدير حيدرآباد ظهور لکڻ خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا. مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن پڻ رٽائرڊ ملازمن جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

دادو: ايم پي اي پير مجيب الحق کي هار پارائي مبارڪباد ڏئي رهيا آهن

ملير جي سينيئر صحافي حمزو پنهور جي جنازي نماز تاريخي چوڪنڊي قبرستان ۾ ادا ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي سينيئر صحافي حمزو پنهور جي جنازي نماز تاريخي چوڪنڊي قبرستان ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، چونڊيل نمائندن، صحافين ۽ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز ۾ صوبائي صلاحڪار سليم ڪلمتي، سماجي اڳواڻ سيد خداڏنو شاهه، قومپرست اڳواڻ خالق جوڻيجو صوفي حضور بخش، بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

باڊهه: ايس ڪي پي پاران يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

وڳڻ ۾ 23 مارچ يوم پاڪستان جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

وڳڻ (ن ع) وڳڻ جي مختلف ڳوٺن ۾ پاڪستان رياست ۽ افواج پاڪستان جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي. ريلي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي پريس ڪلب آڏو پهچي جتي مظاهرو ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي نورالدين قريشي خالد حسين معرفاڻي عبدالقادر سانگاهه ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سندن ريلي ڪڍڻ جو بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪراچي واهه ۾ زهر آلود سم نالي جو گندي پاڻي جو ڇوڙ

ڄامشورو پرسان آر بي او ڊي سم نالي کي ڪٽ ڏئي گندو پاڻي فيڊر ۾ ڇوڙ ڪيو

سمورين يونيورسٽين ۾ اتان پاڻي سپلاءِ ڪيو وڃي ٿو، بيمارين جو انديشو

ڄامشورو (ڊ ر) ڪي بي فيڊر/ ڪراچي واهه ۾ زهر آلود سم نالي جو گندي پاڻي جو ڇوڙ لکين شهري بيمارين جي خطري هيٺ ، ڄامشورو پرسان آر بي او ڊي سم نالي جي گندي زهريلي پاڻي کي نامعلوم ماڻهن پاران ڪٽ ڏئي زهر آلود گندو پاڻي ڪي بي فيڊر ۾ ڇوڙ ڪيو ويو آهي جيڪو هن وقت به جاري آهي ڪي بي فيڊر مان سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، لمس بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ پرسان حادثو، نينگر فوت، 25 زخمي

سمورن زخمين ۽ فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو

زخمي قلندر تان حاضري ڀرڻ بعد واپس ڳوٺ غوث محمد راهو وڃي رهيا هئا

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ شهر جي باءِ پاس تي تيز رفتار ڪار ڪائر برسٽ ٿيڻ بعد قاضي احمد واسي زائرين جي ڊاٽسن سان ٽڪرائجي وئي، حادثي جي نتيجي ۾ ڊاٽسن ۾ سوار هڪ 10 ورهين جو معصوم نينگر موقعي تي فوت ٿي ويو جنهن جي سڃاڻپ ولي محمد اوٺو جي نالي سان ڪئي وئي آهي. جڏهن ته حادثي جي نتيجي ۾ ڊاٽسن ۾ سوار 25 مسافر بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

اسان جو پنهنجي ئي برادري جي ڀاتين سان پراڻي دشمني آهي: مقتول جا وارث

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي جي حد ڀينس ڪالوني روڊ تي پراڻي دشمني تان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري ڀينس ڪالوني مان پڙي واري علائقي جي رهواسي 30 ورهين جي پورهيت نوجوان احسان سولنگي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي پوسٽ مارٽم لاءِ چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ان بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ پورهيت جي زال سان ٻن جوابدارن جي مبينا زيادتي، ڪيس داخل

چنگچي رڪشا ڊرائيور ڪرائي تي ڪيو ته پاڙي وٺي وڃڻ بجاءِ احمد آباد ڪالوني ۾ وٺي ويو: بختاور قمبراڻي

جوابدار جواد ميمڻ رڪشا مان لاهي زبردستي هڪ بند گهر ۾ وٺي زبردستي لجالٽ ڪئي، رڙين تي فرار ٿي ويو

پوليس ٻاهرين جي مداخلت سبب ڪيس داخل نه ڪيو، ايس ايس پي جي حڪم تي ڪيس داخل ڪيو ويو پر جوابدار گرفتار ناهن ٿيا

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ: ذوالفقار چانڊيو) ٽنڊو محمد خان جي نصيرآباد پاڙي ۾ شادي شده نوجوان عورت بختاور قمبراڻي سان مبينا طور لجالٽ جي واقعي جو انڪشاف ، ٽنڊو محمد خان شهر جي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: پ پ اڳواڻ جاويد شاهه ۽ قربان سهتو تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

وڏي وزير پاران قاضي احمد ويجهو ٻن حادثن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿيڻ تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه قاضي احمد ويجهو پيش آيل ٻن الڳ الڳ ٽريفڪ حادثن ۾ 5 ڄڻن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي تعزيت جو اظهار بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.